



www.sindhsalamat.com

# ارپنا

”سگا“ جو سماجي ڪارڪن، صحافي ۽ قلمڪار محمد خان جوڻيجوءِآءُ ننگرپارڪرم ڪارونجهر جبل وٽ هڪ سرڪاري بنگلي ۾ تِڪيل هئاسين. رات جو ڪليل ميدان تي ويٺي، سامهون ڪارونجهر جو چوٽيون چاندبوڪي رات هئڻ سبب خوبصورت ڏيک ڏئي رهيون هيون. ڳالهين ۾ محمد خان چيو،اوهان ڪافي شاعري ڪئي آهي،ڪتاب چوتتا ڇپرايو؟ وراٽيم ته شاعري ڪجهه رسالن ۾ ڇپيل آهي، ڪجهه نوٽ بڪن ۾ ۽ ڀي پراڻين ڊائرين ۾ آهي، سميٽي سگهيس ته ڇپرائيندس، وري چيائين،اوهين اڪثر لڪندا رهو ٿا، ڪافي ملڪن جا سفر بہ ڪيا آهن، تازو بنگلاديش کان ٿي آيا آهيو، ڪو سفر نامونئي لکو، چيم ناول ڪهاڻيون مون نہ لکيون آهن، مضمون ۽ مقالہ لکيا اٿم، ڪوشش ڪندس تہ ڇپائي وٺان.

مون ڪو بہ ڪتاب نہ ڇپرايو، نہ شاعري، نہ مضمون ۽ نہ ئي ڪو سفرنامو. انهيءَ دوران محمد خان اسان کان موڪلائي ويو.

تازو هندستان جو سفر ڪيو ۽ پندرهن ڏينهن جا پل پنن تي آڻي ڪتاب جي صروت ۾ آندم تہ پنهنجي ڪارونجهر کان ڪشمور تائين جي هر سفر جو هي همسفر ڏاڍوياد آيو. محمد خان هن دنيا ۾ نہ رهيو، هن جي يادن جي سهاري ڪيل پنهنجو هي پورهيو سندس نانءَ ارپيان ٿو.

**رفيق جعفري**



www.sindhsalamat.com

# پبليشر پاران

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ( سگا) سماجي خدمت ۾ پنهنجو هڪ الڳ مقام رکي ٿي ۽ گڏوگڏ ادبي خدمت ۾ به پاڻ ملهايو اٿس. سگا جي پبليڪيشن ٽيم مختلف وقتن ۾ مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايا آهن، جن کي پڙهندڙن پواران تمام سٺي موٽ ملي آهي. اسان جي اشاعتي سلسلن ۾ لطيف جي پيغام جي سونهن به آهي ته سچل جي آواز ۾ سچائي به، تاريخي مواد به آهي ته تحقيقي رپورٽون به، اداري جي سماجي خدمتن کي ٻين تائين رسائڻ لاءِ سماچار به آهن ته حياتي جي نالي سان شايع ٿيندڙ نيوز ليٽر به هي سلسلو به سماجي خدمتن جي وڌڻ سان وڌي رهيو آهي.

اوهان جي هٿن ۾ موجود هندستان جي سفرنامي جي يادگيرين جو هيءَ ڪتاب به تاريخي اهميت جو حامل آهي. شاهه سچل، سامي امن ڪانفرنس جي ڪاميابي بعد هندستان مان سنڌاڪيڊميءَ دهلي پاران سگا کي سنڌ جي ليکڪن، اديبن ۽ قلم ڪار دوستن کي هندستان اچڻ جي دعوت ملي جنهن ۾ سگا کي هن سفرجي اڳواٽي لاءِ چيوويو. هندستان ۾ سگا جي دوستن ڪهڙيون ڪاوشون ورتيون انهن کي سمجهڻ ۽ پڙهڻ ۾ هي ڪتاب بنياد فراهم ڪري سگهي ٿو.

هن ڪتاب کي وقت اندر ڇپائي ڏيڻ ۾ درياخان گوپانگ جو وڏو عمل داخل آهي، هن ڪتاب جو ٽائيٽل ۽ ڪمپوزنگ جو سمورو ڪم سندس ذهانت ۽ سچائيءَ جو ثبوت آهي. پروفن جي دُرستين لاءِ خادم ٽالپر، موسيٰ جوکئي ۽ حيدر بخش هڪڙي جو ذڪر پڻ ضروري آهي.

هن ڪتاب ۾ نهايت مفيد معلومات موجود آهي، جيڪا سنڌ ۽ هند ۾ سنڌي ٻولي کي هٿي وٺرائڻ ۽ ٻنهي ملڪن ۾ سنڌي ازم کي وڌائڻ لاءِ ڪارائتي ثابت ٿيندي، ڪتاب جي ليکڪ محترم رفيق جعفري صاحب کي هن ڪتاب کي دستاويزي بنائڻ تي واڌايون پيش ڪجن ٿيون.

ساٿ سدائين قائم

**علي حسين بروهي**

سيڪريٽري جنرل
سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن



www.sindhsalamat.com

# مُهاڳ

آئون بيحد خوش نصيب آهيان جو سنڌ منهنجي سڃاڻپ آهي، سنڌ تاريخ جو هڪ متبرڪ نالو آهي، ويدن کان وٺي اسلام جي ظهور تائين هرمذهبي، علمي ۽ تاريخي دستاويز ۾ وڏي اهميت سان ڄاڻايو ويوآهي، هن پاڪ پري سرزمين کي رب العالمين تمام گهڻين نعمتن سان نوازيوآهي. اِنهن نعمتن ۾ سنڌي ٻولي، سنڌي سڀياءُ، سنڌي اجرڪ ۽ سنڌو ندي اچي وڃن ٿا. انهن نعمتن وسيلي سنڌ صدين کان، هزارين حملي آورن، حريص حڪمرانن ۽ تاريخ تبديل ڪندڙن جي يلغارن کان پاڻ بچائي پنهنجي انفراديت قائم رکي سگهي آهي، تاريخ جو هيءُ دور جيتوڻيڪ اسان جي هن سڃاڻپ کي ميسارڻ لاءِ سڀ سامان تيار ڪري چڪو آهي ۽ اسان جي قومي سگهه ۾ ڪمزوريءَ جا واضح اهڃاڻ به سامهون آهن، پر ان هوندي به الائي ائين ڇو آهي ته من جي ڪنهن ڪنڊ ۾ جيئڻ جو اتساهه موجود آهي، منهنجي خيال ۾ اتساهه ۽ پنهنجي سچائيءَ جو يقين قومن کي دوام بخشي سگهندو آهي.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جڏهين سوچ جو سفر طئي ڪري رهي هئي ته ان وقت اهو سوال هو ته اسان پنهنجي وجود ۽ سڃاڻپ کي ڪيئن قائم رکي سگهون ٿا؟ ان وقت منهنجي يادگيريءَ مطابق جيڪي اوليتون سامهون رکيون ويون، ان ۾ سڀ کان اهم سنڌي پرائمري اسڪولن جي سنڀال ۽ سهائتا جو وچن هو. ان وسيلي تعليم جي فروغ جي اهميت کي سڃاتو ويو. سنگت جو خيال هو ته جيڪڏهين اسان جو پرائمري اسڪول مضبوط هوندو ته اسان جي نئين نسل جي تعليم جي پيڙهه پختي هوندي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو بُڻ بنياد پڻ بچي ويندو. ان سلسلي ۾ سگا پنهنجي ابتدائي سالن 1972 کان1981 تائين ڪافي قدم کنيا. 1981 سنڌي ساهت سال طور ملهايو ويو، جنهن کي سنڌ جي سيني ماڻهن ۽ ادارن پذيرائي بخشي. ان کان سواءِ سنڌي ادب ۽ ثقافت کي زور وٺائڻ لاءِ سگا جا سالگرهه وارا اجلاس ۽ موسيقيءَ جو محفلون يادگار آهن.

1978ع ۾ لطيف سال سگا کي وڏي سگهه بخشي ۽ سنڌ جي ماڻهن ۾ هڪ نئون ولولو ۽ جوش اڀريو، لطيف جي ساڃاهه عام ڪرڻ لاءِ رضا ڪاراڻي طور ڪيترن ادارن ۽ ساٿين پنهنجو اُدم قائم رکيو.

1979ع ۾ سچل بين الاقوامي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، ان ڪانفرنس جي اهم ڳالهه اها هئي ته پاڪستان جي سيني يونيورسٽين جي وفدن کان سواءِ سنڌي اديبن جو هڪ وفد ڀارت مان پهريون ڀيرو سنڌ آيو. ان ڪانفرنس اهو اتساهه ڏنو ته سنڌي ماڻهو عالمي سڃاڻپ رکن ٿا ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ميسارڻ سولو ڪونهي.

ڊسمبر 2004 ۾ شاهه سچل سامي امن ڪانفرنس ۾ سنڌين جو هڪ وڏو وفد جناب سريش ڪيسواڻيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ هندوستان مان آيو ۽ سگا جي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو. ان کان پوءِ سنڌ جي زيارت جو شرف هنن دوستن کي حاصل ٿيو.

فيبروري 2005 ۾ دادا واسواڻيءَ جن قرب ڪري سگا جي دعوت تي سنڌ آيا ۽ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ درشن ڏنا ۽ امن محبت ۽ ڀائپي تي ليڪچر ڏنا.

جنوري 2006 ۾ بين الاقوامي سنڌي بزرگن جو 25 ڄڻن تي مشتمل وفد سگا جي سربراهيءَ ۾ سنڌ جو سير ڪيو.

هي سڀ قدم سنڌي ٻولي، سنڌي سڀيتا،سنڌي سڀياءُ ۽ سنڌي روايتن کي عالمي امن ۽ ڀائيچاري لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ کنيا ويا.

10 جون 2006 تي سنڌي ساهتيه اڪادمي نيو دهليءَ جي دعوت تي سگا جو هڪ وفد ڪي. ٽي.اين. جي وفد سان دهلي پهتو. پنجويهن ڄڻن تي مشتمل هن وفد جي وڏي ڀاڀوهه ۽ محبت سان هر هنڌ آجيان ڪئي وئي، جناب رفيق احمد جعفري هندوستان جي هن يادگار دوري جو سفر نامو تمام جوابداري سان لکيو آهي. هي سفر هڪ طرف سنڌين جي ٽٽل رشتن کي جوڙڻ جو هڪ ڪارگر ذريعو هو ته ٻئي طرف پاڪستان ۽ هندوستان جي ماڻهن وچ ۾ انساني لاڳاپن ۽ رشتن کي بهتر بنائڻ لاءِ سٺو تجربو هو. هن سفر جي تجربن مان اهو يقين پڻ اڀريو ته انساني رشتا قدرتي ۽ آفاقي آهن. ٻولي ۽ ڌرتيءَ سان سڃاڻپ ڪندڙ انسان جتي به هجن هڪٻئي لاءِ ڀاڀوهه ۽ موهه رکن ٿا. هن وقت سنڌي سڄي دنيا ۾ ڦهليل آهن ۽ دنيا جو معاشرت ۽ معشيت ۾ پنهنجي ننڍڙي انگ هوندي به وڏي اهميت رکن ٿا. اهو سڀ ڪجهه هنن جي جاکوڙ ايمانداري ۽ وفاداري جو ثبوت آهي. هيءَ قوم انساني رشتن ۽ آدرشن جي ميتا ۾ اڳيري آهي ۽ هر زمين کي پنهنجي پگهر جي خوشبوءَ سان سينگارڻ ۽ سنوارڻ ۾ ڪابہ ڪسر ڪانہ ٿي ڇڏي اهي ئي ماڻهو آهن، جيڪي رب جي جوڙيل ڪائنات جا سينگاريندڙ آهن. جتي هجن شال خوش هجن ۽ محبتون قائم رهن.



www.sindhsalamat.com

اکيون پسي آئيون

سات سدائين قائم

**ڊاڪٽر سليمان شيخ**
ڪراچي 12، آڪٽوبر2006ع



www.sindhsalamat.com

# خواهشون تاريخ جوڙين ٿيون.

اسان روزانو ڪيترن ئي تجربن مان گذرندا آهيون ۽ ڪيئي تجربا اسان جي ذهن ۾ اهڙا تہ پختا ۽ مضبوط ٿي ويندا آهن، جو انهن کي وسارڻ بہ ممڪن نہ هوندو آهي. چو جو انهن تجربن ۾ گهاريل وقت ۽ وقت ۾ سرجيل يادون ۽ يادن جو پريت پريل احساس سدائين ويڪلائي ۽ تنهائي ۾ بہ لشڪر جهڙي ڪيفيتن سان ٿمٽار رهندو آهي، جيڪي ماڻهو انهن احساسن کي قلم ۾ چاهت ۽ پريت جو لمس پري خوشبوءِ جهڙي هڳاءَ کي پين تائين پهچائيندا آهن. اهي ماڻهو تمام وڏو ڪم ڪندا آهن.

هن وقت نفسانفسيءَ جو آهي ڪو بہ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي بہ مڪمل ۽ گهربل وقت نہ ٿو ڏيئي سگهي، پر ڪجھ ماڻهو انهن حقيقتن هوندي بہ اهڙا ڪم ڪن ٿا جن سان هڪ دفعو ٻيهر زندگيءَ جو رونقون بحال ٿينديون نظر اچن ٿيون. مان سمجهان ٿو تہ پنهنجي تحريرن ذريعي اڻ واقف شخص کي ڪنهن بہ اڻڄاتل شيءَ متعلق ٻڌائڻ هڪ مشڪل ترين فن آهي ۽ انهيءَ فن ۾ اهو احساس اپارڻ تہ ٻڌايل يا بيان ڪيل شيون يا ڳالهيون حال جو گمان ڏين تہ بيشڪ اهو هڪ ڪرشمو آهي.

اسان جي هٿن ۾ رفيق جعفري جي هٿن سان لکيل سنڌي سفر نامو موجود آهي، جنهن ۾ قرب ۽ پريم جي ساگرن جون چوليون نظر اچن ٿيون.

هن ڪتاب پڙهڻ سان اهو احساس ٻيهر بيدارٿئي ٿو تہ محبت ۽ قرب جي ڪا بہ سرحد نہ آهي، 1947 ۾ دلين کي ڪيترو بہ دور رکيو وڃي پر آخر ڪار اُهي هڪ ٿي ويندڙيون آهن ۽ پوءِ اهڙو ماحول جوڙينديون آهن، جنهن سان پريم جي دريائن ۽ مخلصي ۽ آشنائي جا سبب درد دور ٿي ويندا آهن.

رفيق احمد جعفري صاحب جيتوڻيڪ هڪ بئنڪر ٿي ريٽائر ٿيو، پر سندس پرکڻ ۽ سمجهڻ جي حس هڪ شاعر ۽ اديب جهڙي آهي، هندستان جي مختلف ماڳن جي يادگيرين ۽ معلومات کي پين تائين پهچائڻ جي خواهش هن سفر نامي جي صورت ۾ اسان جي سامهون آهي، تنهن کي ڏسي اسان چئي سگهون ٿا تہ خواهشون تڪميل تي وڃڻ بعد تاريخ جوڙينديون آهن. سگا جي پليٽ فارم تان هڪ دفعو ٻيهر پڙهندڙ لاءِ هڪ انمول تحفو ۽ تاريخي دستاويز اوهان کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪندو تہ سرحد جي هن پار رهندڙ دليون بہ سنڌي ٻولي، تهذيب، ثقافت ۽ ادب سان اوترو ئي چاهہ رکن ٿيون جيترو چاهہ پيٽائي جي ڌرتي رهواسين جو آهي.

هن ڪتاب ۾ دهلي، ڪلڪتي، آگري، جئپور ۽ اجمير شريف سان گڏوگڏ ڊارجلنگ ۽ ٻين پر فضا مقامن جي سفري ڊائري نهايت آسان ۽ سمجهائيندڙ انداز سان سهيڙي وئي آهي، پڙهندڙ لاءِ هي ڪتاب نهايت مفيد ۽ اهم معلومات فراهم ڪندو. مان ٿورائتوآهيان. جناب ڊاڪٽر سليمان شيخ، جناب شمشير الحيدري، جناب قمرشهباز ۽ جناب لڇمڻ ڪومل جو جن پنهنجا تاثرات لکي هن ڪتاب کي وڌيڪ شاندار بنايو آهي.

**الطاف حسين ڳوڙ**
چيئرمين
سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن
14 آڪٽوبر 2006ع



www.sindhsalamat.com

# هڪ ماڻيٽو ماڻهو

سال جي گُهٽ، پُوسٽ ۽ مونجهه کان پوءِ گهڙي پل لاءِ تازي هوا جو سٺائو جهونڪو آيو هو. ٻنهي پاڙيسري ملڪن جي سربراهن پاڻ ۾ مُرڪي هٿ ملايو هو ۽ عام ماڻهن جي پراڻيءَ خواهش موجب سرحدن جا ڏانگر ڍلا ڪيا هئا. ورهن کان سڪايل سنڌي ٿهآس جي ان گهڙي اوسيئڙي ۾ هئا ليکڪ ۽ ڪلاڪار ويچارا ته هونءَ ئي دل جا ڪونئرا، تن جو وجهه ڏٺو، سودير ئي ڪو نه ڪيائون مارچ 2004 ۾ سنڌي اڪيڊمي دهليءَ نيند ڏياري موڪلي ته هند ـ سنڌ ڪانفرنس آهي،وارو ڪيو هليا اچو. صلاح هڻڻ وارو همراه هو سريش ڪيسواڻي، جيڪو سنڌي اڪيڊميءَ جو جيڪر ڪرتا ڌرتا ئي پاڻ هجي، ساٿين ۾ سڀ کان اڳرو هو اسان سيني جو يار لڇمڻ ڪومل. ڪومل ڪي ڪير نه سڃاڻي؟ دل جي جاءِ تي سنڌ ڌڙ ڪندي اٿس سيني ۾.

اسان ٻه ها ۾ ها ملائي. شمشير حيدري، حميد سنڌي، شوڪت شورو، بشير مورياڻي، هدايت بلوچ، غلام علي الانا، عبدالحئي پليجو ۽ ٻيا پلوڙ ليکڪ ساڻ ڪري وڃي پهتاسين دهليءَ جي هوائي اڏي تي. وڏي آجيان ٿي. گهڻو ماڻُ مليو هُوته سرها ٿيا، اسان ٻه ڪپڙن ۾ ڪونه پيا ماپون. پلاجتي اتم، دلگير ۽ موتي پر ڪاش جهڙا آدرشي يار نيڻ وڇايو ويٺا هجن، اتي اسان جو پير زمين تي ڪينئن پوندو؟ ڪانفرنس ڇا هئي، وڇڙيلن جو ميلاپ هو. هر اک آلي، هر من ماندو. ڳالهه تي نيڻ پرجي اچن جي اڻ ڏٺي ايڏا پيارا ها، سي سامهون ڏسي هنئين جو ڇا حال ٿيو هوندو، سو ته ڪو اسان جي اندر کان پڇي. ان ئي ڪانفرنس ۾ فيصلو ٿيو ته ڊسمبر ڌاري پارتي سنڌي ليکڪن ۽ فنڪارن جو هڪ ڀرپور وفد سنڌايندو.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي دعوت تي ٻٽيهن ڄڻن جو هيءَ جٿو سنڌ ڇا آيو، ڇڻ مئل سرير ۾ ساهه پئجي ويو. ماڻهن جي نيڻن جا بند ڀڄي پيا. اڌ صدينءَ کان پوءِ جنم ڀوميءَ تي پير ڌريندڙن جڏهن زمين تي جهڪي پنهنجيءَ مٽيءَ کي چميو، تڏهن اندر اڌ ٿي ويو. دل جون ديوارون ڊهه ڊهه ڪري ڊهي پيون، جتي ويا، اتي پاڻ ٻه رنا، راڄ ٻه رئاڙي آيا. پل پل جو يادون ساڻ کڻي ويا. گهڙو ۽ گهڙيءَ جا گهاءَ هتي ڇڏيا ويا.

جلدئي مون کي پنهنجي ڪتاب جي مهورت جي سلسلي ۾ اپريل 2005 ڌاري ٻيهر دهليءَ طلب ڪيو ويو. ايڏا قرب مليا جو پاند پوروئي نه پيو. مٺان پياري نند جو زور ته ممبيءَ ٻه ضرور اچ. ٻيو ڪو هجي ها ته ڪنڌ کڻي ڪڍائي ٻه وڃان ها، نند کي انڪار ڪرڻ منهنجي وس جي ڳالهه ڪو نه هئي. لڇمڻ سان گڏ جي وٽس ويس ته سهي، پر سندس پريم پيرن ۾ زنجير وجهي ڇڏيا. ممبئي جي يارن اهڙو ميڙو مچايو جو موٽڻ تي من ئي نه ٿئي.

اچان واپس سنڌ پهتس ئي مس ته هڪ دفعو وري سيپٽمبر 2005 ۾ سنڌي اڪيڊمي دهلي، سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري واري ڪائونسل ۽ سنڌي سيا طرفان هڪ گڏيل سڏ مليو. اهڙيءَ طرح چوٽيهن اديبن، دانشورن، تعليمي ماهرن ۽ ڪلاڪارن جو ڀرپور وفد ٽن هفتن لاءِ هندستان روانو ٿيو. هن ڀيري پراڻا ساٿي ته هئائي، پرساڻن گڏ امداد حسيني، سليم ميمڻ، اياز گل، ادل سومرو، عبدالجبار جوڻيجو ۽ احمد سولنگيءَ جهڙا ليکڪ ۽ مظهر علي، ذوالفقار علي، برڪت علي ۽ صادق جهڙا گائڪ ۽ ماهين هيسباڻيءَ جهڙي ڪمپيئر ٻه هندستان ۾ هلي پنهنجو وارو وڄايو. ٽن هفتن ۾ ڏهه يارنهن شهر ڏسڻ، اتان جي سنڌين سان ملڻ ۽ سنڌ مان آندل خالص سنڌي سُرن جي ورڪا ڪرڻ جو خوب موقعو مليو. ميزبانن وسان ڪو نه گهٽايو ريل، ڪوچ توڙي هوائي جهازن جي رستي اسان کي هندسان جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايائون، دهلي، ڪانپور، لکنو، اجمير، آگرو، حيدرآباد، آحمد آباد، بينگلور، ممبئي، جئه پور ۽ ٻيا ڪيترائي ننڍا وڏا شهر ڏٺاسين. ماڻهن جون محبتون اهڙيون جو شهر کان پنج اٺ ميل ٻاهر اچي دهلن دمامن سان آجيان ڪن. قدم قدم تي رستو جهلي چون ته اسان جي مهماني قبول ڪيو.ڪن شهرن ۾ ته چوڪن ۽ چوراهن تي بينر هڻي، ڏونڪي راند پيا ڪيڏن يا وڏي سر سان لوڪ گيت پيا ڳائن. بس، ميلا لڳي ويا. هر هنڌ سنڌين دلين جا تاڪ کولي ڇڏيا. اهي يادون آخري ساهه تائين وسري ڪو نه سگهنديون.

هيءَ سفرنامو، جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي، سوان سلسلي جي هڪ ڪڙي سمجهڻ گهرجي. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن 2004 ۾ آيل هندستاني وفد جي ميزباني ۾ سگا جو وڏو ڪردار هو. مهمانن جي خاطر تواضع جنهن نموني سگا ڪئي سا ڪنهن کان وسرڻ جي ناهي. ان لا جواب مهماندارين جي بدلي ۾ ڪيسواڻي صاحب ڪنهن نه ڪنهن طرح سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن کي هندستان گهرائي سندس ٿورا مڃڻ ٿي چاهيا 2006 جي جون ۽ جولاءِ مهيني ۾ ٻن هفتن جو سنڌي ادب سان لاڳاپيل پروگرام پڻ ان ڪري ئي ترتيب ڏنو ويو، جنهن موجب ڪلڪتي ۾ ادبي ڪانفرنس ۽ راڳ رنگ



www.sindhsalamat.com

جي محفل رٿي وئي ۽ مهمانن کي دهلي، ڊار جلنگ، ڪلڪتو، آگرو ۽ اجمير گھمايو ويو. هن ڀيري لڳ ڀڳ ٽيهه ڄڻا مٿي ڄاڻايل ادارن جي سڌ تي هندستان ويا، جن ۾ اديبن جو تعداد هروڀرو ايترو ڪو نه هو. سگا جا ڪارڪن ۽ عهديدار، هڪ پرائيويٽ ٽي وي چينل جا ڪارندا ۽ فنڪار ۽ ڪي ٻيا ساٿي مڙئي سرس هئا. مون کي ۽ منهنجيءَ گھرواريءَ ارشاد قمر کي ميزبانن پنهنجي طرفان خاص دعوت ڏئي گهرايو هو. اهڙيءَ طرح گذريل ٻن سالن دوران پارت ڏانهن منهنجو اهوچوٿون سفر هو.

هميشه جيان سرحد پار جي پيارن پنهنجي پراڻي روايت قائم رکندي پيار جي پالوٽ لاهي ڏني. هن ڪتاب ۾ محبت جي ان سفر جا تفصيل ڏاڍي دلچسپ انداز ۾ ڏنل آهي پر جيڪي ڪجهه اکين ڏٺو ۽ ڪنن ٻڌو ۽ ذهن محسوس ڪيو، اهي تجربا ۽ مشاهدا فقط اکيون بند ڪري سوچي سگهجن ٿا. ڪٿي ڪيڏي به خلوص ۽ سچائيءَ سان بيان ڪجن، پر پوءِ به ڪٿي نه ڪٿي ڪا نه ڪا ڪمي رهجي ئي ويندي آ. البت منهنجي پياري دوست رفيق جعفريءَ پنهنجي طرفان هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي ته هندستان جي ٻن هفتن واري ان دلچسپ دوري جو اکين ڏٺو احوال سربستو پڙهندڙن آڏو پيش ڪري رفيق جي لاءِ مون کي تمام گهڻي عزت آهي ۽ سندس قابليت تي پرپور اعتماد اٿم. اسان جي ڏيٺ ويٺ به ان دوري دوران ئي ٿي، حالانڪ رفيق مون کي اسان جي هڪ اڌ پراڻي ملاقات ياد ڏيارڻ جي ناڪام ڪوشش به ڪئي، پر منهنجي ياداشت جي خبر انهن دوستن کي چڱيءَ پر هوندي جن جي آڏو مان اڪثر شرمسار ٿيندو رهندو آهيان.

دراصل چڱي ماڻهوءَ کي پرکڻ لاءِ سندس تعارف جي گهرج نه پوندي آهي. سگا جي ٽيم ۾ رفيق هڪ قداور شخصيت جي طور مون کي پهرينءَ نظر ۾ سٺو لڳو. اسان جو ليکڪ هڪ بردبار، گهٽ ڳالهائڻو ۽ فضيلت وارو انسان آهي. توري تڪي گفتو ڪرڻ، اڳلي کي مانُ ڏيڻ، بنا چوڻ جي هر قسم جي تعاون لاءِ تيار ٿي بيهڻ، پاڻ کي ڏکيو رکي ٻئي کي سک ڏيڻ، اٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ نهٺائي ۽ نوڙت اختيار ڪرڻ، رفيق جي تمام گهڻين خوبين مان فقط چند اهڙيون آهن، جيڪي هڪ ئي ملاقات ۾ آسانيءَ سان پر کي سگهجن ٿيون. سندس علمي ۽ ادبي ڄاڻ جو معيار هڪ جدا موضوع آهي، جنهن جي ٿوري جهلڪ اوهان کي هن ڪتاب جي مطالعي مان ضرور ملندي، ان ٿوئر تي، جڏهن اسان جا ڏسنا وائسنا ليکڪ توڙي دانشور ۽ فنڪار پاڻ پڏائڻ ۽ ٻين جي خوشامد ۾ ماڻهپي جو ليکو لتاڙي بيٺا هئا، تڏهن رفيق خاموشيءَ سان هر ماڳ ۽ مڪان ۽ هر واقعي جو گهريءَ نظر سان جائزو وٺندي نظر آيو. نه رڳو ايترو بلڪ هر ڪنهن سان خوش مزاجيءَ سان ملڻ جلڻ توڙي هر ممڪن مدد ڪرڻ ۾ پيش پڻ رهيو. اهوئي سبب هو جو جڏهن ڪلڪتي واريءَ ادبي ڪانفرنس ۾ مقالو پڙهڻ لاءِ نه سليم ميمڻ پهتو، نه شوڪت شورو اچي سگهيو، نه ادل سومرو ۽ اياز گل کي اجازت ملي. تڏهن هميشه جيان بد حواس، لڇڻ ڪومل اچي ٽر ٽلي ۾ پيو. شام جو چيائين،"سياڻي پيپرڪير پڙهندو؟ مون کي لڇمڻ جي هر ادا تي پيار ايندوآهي. ذميداريءَ جو احساس ڪيس سک سان ويهڻ نه ڏيندو آهي. پيو تڙپندو آهي ۽ سندس اها تڙپ ڏسڻ وٽان هوندي آهي. چيومانس، "رفيق جعفري ئي اهو ڪم ڪري سگهندو. ٻئي ڪنهن ۾ اها ٿوم نظر نٿي اچيم."

چيائين،"پڪ اٿئي؟"

چيم، "ها منهنجي دل ٿي چوي ته هن گروپ ۾ ڪانئس وڌيڪ مناسب ماڻهو ملڻ مشڪل آهي."

ٿيو به ائين. مسڪين جي مٿان اوچتو بار وجهي اسان ته وڃي رينوءَ جي ڪمري ۾ صبح جو ٽين وڳي تائين ڪاجل، اُما لالا،گريش، راجڪمار ۽ امر دولتاڻيءَ سان نويڪلي محفل موسيقي ملهائي ۽ هوڏانهن ويچاري رفيق جعفريءَ اها ساري رات مٿا ماري ڪري ويهي پنهنجو مقالو لکيو.

ٻئي ڏينهن ادبي ڪانفرنس ۾ رفيق اسان جو نه صرف مانُ ڪيو. بلڪ فخر ڪان ڳاٽ اوچو ڪرڻ جي قابل پڻ بنائي ڇڏيو. لڇمڻ جي ته ڪل ٻيهي ئي ڪانه ور ور ڪري پيو چوي،"يار! هيءُ ته ڪو ڇُپيل رستم نڪتو."

رفيق واقعي ڇپيل رستم آهي. سندس ٻي ريائيءَ کي سمجهڻ لاءِ مون وٽ گهڻائي سبب آهي. جن جي ڪيس به ڄاڻ آهي.

سنڌ مونٽڻ ڪان پوءِ هُو منهنجي ڪمزوري بنجي پيو آهي. هر اهم ڪم ۾ ساڻس صلاح ضرور ڪندو آهيان ۽ يقين ڄاڻو، سندس راءِ جو احترام ڪرڻ مون تي واجب ٿيندو ٿو وڃي.

هن سفر نامي ۾ رفيق ڪراچيءَ ڪان ڪراچيءَ جي اهم واقعن کي قلمبند ڪيو آهي. ڪٿي ڪٿي، جتي ضروري سمجهيو اٿائين، اتي تاريخي حوالا توڙي پسمنظر ڏيڻ ڪان به ڪو نه ڪيٻايو اٿائين. وفد جي هڪ ميمبر جي حيثيت ۾ هن جا ڏٺو، جا ٻڌو ۽ جا محسوس ڪيو، اهو ايمانداريءَ سان لکي هن جهڙوڪر سچيءَ ٿوئر جي هڪ رپورٽ ٺاهي پنهنجي اداري (سگا) آڏو پيش ڪئي آهي. اها رپورٽ ميزبانن جي لاءِ پڻ وڏي اهميت رکي ٿي، ڪين پنهنجين تنظيمي چڱاين توڙي مٺاين جي ڄاڻ پوندي



www.sindhsalamat.com

## اکيون پسي آئيون

منهنجو هن ٽوئر ۾ هڪ مهمان کان وڌيڪ پيو ڪو بہ رول ڪونہ هو، ذميدارين کان آجو هوس. گهمڻ ڦرڻ۽ ڪچهريءَ لاءِ ڪافي وقت ڪڍي پئي سگهيس. ماڻهن جا رمارڪس ۽ رايا آسانيءَ سان ٻڌي پئي سگهيس. جيڪو جنهن رنگ ۾ رڱيل هو، تنهن کي تنهن رنگ ۾ ڏسي پئي سگهيس. هڪ عام سيلانيءَ جيان هن پيري پارت گُهميم ۽ مهمانن توڙي ميزبانن جي جذباتي توڙي فطري رد عمل جو مزو ماڻيندو رهيس. گذريل دورن دوران ذميدارين جي ڀاري بوجهہ هيٺان دٻيل هئڻ سبب جن دوستن سان پل کن جي رهاڻ لاءِ پئي ترسيس، تن کي ڏيڻ لاءِ مون وٽ هاڻي وقت ئي وقت هو.

اهڙن موقعن تي اڪثر قدرتي طور ماڻهو پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندا آهن. کليل ماحول ۾ ڏنل آزاد راءِ جي اهميت ڪنهن بہ سند کان گهٽ نہ هوندي آهي ۽ مون کي اهو چوندي چڱو تو لڳي تہ جن چند ماڻهن لاءِ سٺا لفظ استعمال ڪيا پئي ويا، تن ۾ هن ڪتاب جو ليکڪ رفيق جعفري پڻ شامل هو.

خدا ڪيس وڏي ڄمار ڏئي، وڌيڪ خوشيون ڏيکاري ۽ ايتري سگهہ ڏئي جو پنهنجي علم ۽ قلم سان سنڌي علم ۽ ادب جي وڌيڪ خدمت ڪري سگهي.

**قمر شهباز**
**12 آڪٽوبر 2006ع**
**ڪراچي**



www.sindhsalamat.com

# اڪيون پسي آئيون

24- جون 2006ع چنڇر جو ڏينهن، منجهند جا 12 ٿيا هئا جو اسان هوٽل بي ڪانٽينيٽل دهليءَ کان ايئرپورٽ لاءِ واپسيءَ جو سفر شروع ڪيو.

صبح کان ئي موسم جهڙالي هي ۽ جنهن وقت اسين سنڌي اڪيڊمي دهليءَ جي نمائندن سان سندن گاڏين ۾ سوار ٿي رهيا هئاسين، وڏڦڙي برسات شروع ٿي چڪي هئي ۽ دهلي ايئرپورٽ تائين جي رستي ۾ ڪافي دير تائين جاري رهي. برسات سبب ماحول خوشگوار ٿي ويوهو. ٻن گاڏين ۾ سوار اسان جي هن قافلي ۾ سنڌي  اڪيڊمي دهلي جي ساٿين کان سواءِ اسين پنج ڄڻا، ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب، تاجل بيوس، غلام قادر ڦلپوٽو ۽ پير بخش شيخ شامل هئاسين. اسان جو ساٿي محمد عثمان پنهور ۽ ڪي ٽي اين جي ٽيم جنهن ۾ ناز سهتو، سجاد سهاڳ، ديبا سحر، ضامن علي ، واحد لاشاري، ماريہ بلوچ، هرسن، پورو پڳت، رجب رضا ۽ ٻيا ساٿي، جن ۾ سازينده ۽ ڪئمير امين شامل هئا، اُهي سڀ ٻن ڏينهن کان پوءِ واگها سرحد رستي واپس اچڻا هئا. اسان جي سفر جا ٻہ ساٿي، نالي وارو برک اديب قمر شهباز ۽ سندس شريڪ حيات ارشاد قمر هڪ ڏينهن اڳ اجمير کان واپسيءَ وقت جئپور ۾ ئي ترسي پيا هئا، جو اُنهن جو واپسيءَ جو پروگرام اسان کان ڪجھہ ڏينهن پوءِ جو هو.

دهلي ايئرپورٽ پهچي سنڌي اڪيڊمي دهليءَ جي نمائندن کان اسان موڪلائي بين الاقوامي روانگيءَ واري لاونج ڏي روانا ٿياسين.

دهلي ايئروپورٽ جي اِها ساڳي جاءِ هئي جتي ٻہ هفتا اڳ 10 جون تي اندازن ساڳئي وقت يعني ساڍي ٻارهين وڳي پهتا هئاسين. ڏينهن ٻہ چنڇر جو هو، البت موسم اڄوڪي ڏينهن جي بنسبت بلڪل ابتڙ سخت گرم هئي ۽ ٻاهر ڪافي لُڪ لڳي رهي هئي. چنڇر 10 جون 2006ع اسان جي سفر جو پهريون ڏينهن هو جڏهن مون کي ڪراچي ايئرپورٽ تي صبح جو اندازن ساڍي ڇهين وڳي طفيل جعفري، سهيل جعفري (ٻئي منهنجا پُٽ) ۽ سحر حسين جعفري ( منهنجو پائيٽو ۽ نياٽو) ڪار رستي ايئرپورٽ تي رخصت ڪرڻ آيا. ايئرپورٽ پهچي مون پنهنجن ساٿين لاءِ واجهايو تہ مون کي غلام قادر ڦلپوٽو ۽ پير بّخش شيخ جلد نظر اچي ويا، ٿوري دير ۾ تاجل بيوس اچي پهتو، ايتري ۾ سگا مرڪز جي سفيد لينڊڪروزر گاڏي ڏٺم جنهن ۾ سگا جو سيڪريٽري جنرل علي حسين بروهي اسان کي روانو ڪرڻ لاءِ آيل هو.

ايئرپورٽ تي توقع هئي تہ قمر شهباز، ادل سومرو، اياز گل ۽ ٻيا ناميارا اديب شاعر اچي چُڪا هوندا پر انهن سيني جي نہ اچڻ جو سبب اهو معلوم ٿيو تہ قمر شهباز ۽ سندس گهرواري سومر يعني ٻہ ڏينهن پوءِ واري فلائٽ ۾ ايندا، جڏهن تہ ادل سومرو ۽ اياز گل گهربل ڪاغذي ڪاروائي ( اين او سي) وقت اندر نہ ملي سگهڻ سبب نہ پيا هلي سگهن. سگا جا ڪجھہ ساٿي جيڪي هن سفر لاءِ نامزد ٿيا هئا،اُهي پنهنجين ذاتي مجبورين سبب نہ هلڻا هئا، انهن جي مون کي اڳ ۾ ٽيل رابطن مان خبر پئجي چڪي هئي تہ عبدالرسول سومرو، عبدالغفار لغاري ۽ ابراهيم شيخ نہ پيا هلن. اياز گل ۽ ادل سومرو سنڌي شاعريءَ جي حوالي سان ٻہ اهڙا نالا هئا جن لاءِ منهنجي خواهش هئي تہ هو همسفر هجن، پر ائين نہ ٿي سگهيو. شوڪت شورو ۽ سليم ميمڻ پڻ اهڙي ئي  ڪنهن سبب ڪري نہ هليا. نظير ناز مونکي حيدرآباد مان فون ڪري ٻڌائي چُڪي هئي تہ هُن کي وقت اندار ( اين او سي ) ملڻ ممڪن ڪونهي.

دراصل سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي اڳواٽيءَ ۾ جوڙيل، ساٿين جو هي جٿو ڊسمبر 2004ع ۾ "سگا" طرفان ڪراچي ۾ ڪو ٺايل شاھہ، سچل ۽ سامي، بين الاقوامي امن ڪانفرنس جي موٽ ۾ هندستان مان " سنڌي اڪيڊمي دهلي" ۽ " نيشنل ڪائونسل فارپروموشن آف سنڌي لينگويج" طرفان مليل دعوت تي روانو ٿي رهيو هو.

شاھہ، سچل، سامي، بين الاقوامي امن ڪانفرنس، نہ فقط ڪراچيءَ ۾ علم، ادب، جن ۽ ثقافت جي حوالي سان هڪ شاندار ميڙا ڪو هو بلڪہ اُن ۾ هندستان جي چونڊ علمي، ادبي، ثقافتي شخصيتن جي شرڪت اُن کي هڪ بين الاقوامي ۽ تاريخي حيثيت جو حامل بڻائي ڇڏيو هو. بيچ لگزري هوٽل ڪراچيءَ ۾ ٿيل انهيءَ ڪانفرنس ۾ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ڪهي آيل شخصيتن کان علاوه هندستان جي 32 ناميارين شخصيتن محترم سُريش ڪيسواڻيءَ جي اڳواٽيءَ ۾ شرڪت ڪئي هئي.

## هندستان جي سفر جي شروعات

10 ـ جون کان هندستان جي شروع ٿيندڙ هن سفر جو خاص مقصد 16 کان 18 جون تائين ”نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لنيگويج“ ۽ ”سنڌي ڪائونسل آف انڊيا ايسٽ زون“ جي گڏيل سهڪار سان ڪوٺايل ”انڊو ـ سنڌ ڪلچرل اُتساو 2006“ ۾ شرڪت ڪرڻ به هو. پروگرام مطابق هن سفر ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائوسيئيشن جي نمائندن کان علاوه ناميارا اديب ۽ موسيقي جي شعبي سان تعلق رکندڙ فنڪار ڪي. ٽي. اين. جي ٽيم, جنهن ۾ ناز سهتو, سجاد سُهاڳ,ديبا سحر, واحد لاشاري, هر سن پيگت, ماريا بلوچ, پورو پيگت, ڪئميرامين ۽ ميوزيشن شامل هئا. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي اڳواٽي ۾ دعوتيل هن قافلي جي اڳواٽي ”سگا“ جو باني ۽ سرواڻ ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ڪري رهيوهو.

ڪي. ٽي.اين. جي ٽيم پنهنجن فنڪارن سميت واگها سرحد رستي دهلي پهچڻي هئي ۽ سگا جي نمائندگيءَ طور سگا جو مرڪزي سيڪريٽري ثقافت محترم عثمان پنهور اُنهن سان گڏ هو.

ڪراچي ايئرپورٽ تي روانگيءَ وقت ڊپارچر لائونج ڏي وڃڻ لاءِ اسان کي پنهنجي وفد جي اڳواڻ ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب جو انتظار هو ۽ جئين ئي ڊاڪٽر صاحب پهتو, اسان رخصت ڪرڻ لاءِ آيل ساٿين کان موڪلائي ايئرپورٽ اندر داخل ٿي, بورڊنگ, ڪائونٽر ۽ سيڪيورٽي جي مقرر مرحلن مان ٿيندا, اميگريشن ڪائونٽر ۽ سيڪيورٽي جي مقرر مرحلن مان ٿيندا, اميگريشن ڪائونٽر ڏي وياسين, جتي اميگريشن آفيسر هڪ سنڌي ڳالهيندڙ چوڪري هئي. اميگريشن ڪائونٽر جي ويجهو منهنجي نظر پنهنجي وقت جي مشهور هاڪي جي رانديگر ۽ موجوده وقت جي پيپلز پارٽي پنجاب جي صدر قاسم ضياءَ تي پئي. دُعا سلام ٿي, تعارف ٿيو, ٻڌايائين ته هو دُبئي وڃي رهيو آهي.

پي آئي اي جي اُڏام پنهنجي مقرر وقت تي رواني ٿي ۽ مقرر وقت تي دهليءَ جي بين الاقوامي هوائي اڏي تي پهتي, پهچڻ بعد ضروري ڪاغذي ڪاروائين لاءِ واسطيدار ڪائونٽر ڏي رجوع ٿياسين, انهيءَ کان اڳ هڪ خاص ڳالهه نظر آئي ته عام طور تي ڪنهن به ملڪ ۾ ٻاهر جو ماڻهو پهچندو آهي ته جيڪي ڪاغذي پوراوا ڪرڻا پوندا آهن, هندستان ۾ پاڪستان کان آيل مسافرن لاءَ هڪ اڌ وڌيڪ فارم رکيل آهي. اسان جيئن ته هڪ وفد طور آيل هئاسون ۽ جن ادارن طرفان دعوت هئي, اُهي اُتي جا سرڪاري ادارا هئا, انهيءَ ڪري اسان لاءِ نه ته ڪا پريشاني ٿي ۽ نه ئي ڪا غير ضروري دير ئي ٿي. عام طور تي هندستان ايندڙ هر پاڪستانيءَ کي هندستان جي هر رهائش واري شهر ۾ اُتي جي پوليس وٽ رپورٽ ڪرڻي پوندي آهي ۽ ڪافي پريشانيءَ جا مرحلا ٿين ٿا, پر اسان جي ويزا فارم ۽ پاسپورٽ جي ويزا واري خاني ۾ اسان کي پوليس رپورٽ کان آجو ڄاڻايل هو, جنهن ڪري هندستان جي سموري سفر ۾ اسان کي ڪٿي به اهڙي داخلا ڪرائڻي نه پئي.

دهلي هوائي اڏي جي آمد واري حصي مان پنهنجو سامان ٽرالين تي ڪٽي جيئن ئي ٻاهر آياسين ته اسان جا ميزبان پنهنجن هٿن ۾ گلاب جي گلن جون ٽاريون (گلدستا) جهليو بيٺل نظر آيا, جن ۾ هند جا ناميارا اديب, شاعر ۽ سنڌي ٻولي جي ادارن سان لاڳاپيل شخصيتون, لڇمڻ ڪومل, رينوا ايداڻي, اُما لالا, دُرگا ٽاوراڻي, گوبند خوشحالاڻي, جگديش لڇاڻي ۽ ٻيا سنڌي اڪيڊمي دهليءَ جا ڪارڪن شامل هئا. دهلي ايئرپورٽ کان ٻاهر اچڻ وقت پنهنجائپ جو پهريون احساس مون کي دُرگا ٽاوراڻي جي هنن لفظن مان مليو, جنهن گلاب جا گل مون کي ڏيڻ وقت چيو ته ” مان اوهان جي سواڳت لاءِ خاص ڪلڪتي کان آئي آهيان.“

(دُرگا جي انهيءَ پنهنجائپ لاءِ پنهنجن جذبن جو اظهار مون هندستان مان واپسيءَ تي سندس اِي ـ ميل ايڊريس تي ڪيل ميل ۾پڻ ڪيو, جنهن جي جواب ۾ هُن ڪلڪتي کان بدين فون ڪري مون سان ڳالهايو, انتهائي مخلص ۽ مهمان نواز عورت آهي, فون تي هُن آڪٽوبر ۾ وري ڪلڪتي اچڻ لاءِ دعوت ڏني چيائين ته آڪٽوبر ۾ هندستان ۾ خاص طور تي ڪلڪتي ۾ دُرگاپوڃا جا وڏا جشن ٿيندا آهن. وري جلد ڪٽي ٿو وڃجي. دادي دُرگا جو خلوص بهرحال وسارڻ جهڙوڪونهي)

دهلي ايئرپورٽ کان اسان جا ميزبان پنهنجين گاڏين ۾ ڪشمير گيٽ نالي علائقي ۾ واقع سنڌي اڪيڊمي دهليءَ جي آفيس ڏي وٺي هلڻ لڳا, خبر پئي ته واگها سرحد رستي آيل ساٿي پڻ اُتي پهتل آهن ۽ منجهند جي ماني‌ءَ تي اسان جو انتظار ٿي رهيو آهي. ايئرپورٽ کان سنڌي اڪيڊمي جي آفيس ڪافي پنڌهو. اندازن هڪ ڪلاڪ لڳي ويو ۽ رستي ۾ اسان جو گذر پراڻيءَ توڙي نئين دهليءَ جي علائقن مان ٿيو. آءُ پهريون ڀيرو هندستان آيو هوس, پر ٿوري دير لاءِ محسوس ٿيو ته آءُ ڪنهن اهڙي شهر ۾ آهيان جنهن جي روڊن رستن ۽ ماحول مان اڳ به گذري چڪو آهيان ۽ هتي ڪا به شيءَ منهنجي لاءِ نئين ناهي, جنهن جو سبب يقيناً اهو ٿي سگهي ٿو ته لاهور ۽ دهليءَ جي شهرن ۾ هڪ جهڙائي, موسم توڙي مغل دورن جي تاريخي يادگارن



www.sindhsalamat.com

جي لحاظ کان ۽ ڪنهن حد تائين آبادي ۽ گاڏين جي آمدرفت جي حوالي سان پڻ، البت روڊن ۽ دڪانن ۾ بين جاين تي هنديءَ ۾ لکيل عبارتن ۽ ڌرمي عبادتگاهن، مندرن ۽ مجسمن مان لڳو پئي ته هندستان ۾ آهيون. سنڌي اڪيڊمي دهليءَ جي آفيس کان اڳ اُردو اڪيڊمي دهليءَ جو بورڊ نظر آيو. ٿورو ئي اڳتي وڌياسين ته سنڌي اڪيڊمي دهليءَ جو دفتر، جتي پهچڻ تي اڪيڊمي جي وائس چيئرمين محترم سريش ڪيسواڻي آڌرڀاءُ ڪيو. ساڻس گڏ پروفيسر چندر واسواڻي، ڪرشن راهي، جسٽس رٽائرڊ ايسراڻي، رام امر لال پنجواڻي، شريڪانت ڀاٽيا،ومي سدارنگاڻي، گنگارام ڪٽاريا ۽ ٻيا موجود هئا. اسان جو ساٿي عثمان پنهور ٻه پهتل هو، جڏهن ته ناز سهتو، سجاد سهاڳ، ضامن علي، ديبا سحر، وحيد لاشاري، ماريا بلوچ، فرحان ۽ ڪي ٽي اين چئينل جاڪئمرامين ۽ سازندا پڻ هئا. عثمان پنهور سميت هي سڀ ساٿي واگها بارڊر کان ريل رستي صبح جو دهلي پهتا هئا. منجهند جي ماني لڳي چڪي هئي. مانيءَ ۾ ڀاڄين جو استعمال وڌيڪ هو، البت مهمانن جي مناسبت سان ڪُڪڙ ۽ گوشت جو پڻ انتظام هو. ڪاڌي ۾ هڪڙي ڊش اسان لاءِ نئين هئي، جيڪا هندستان جي پوري سفر ۾ منجهند توڙي رات جي ڪاڌي ۾ شامل هئي . اُها هئي " شاهي پنير" جيڪو تمام لذيذ قسم جو ڀوڄ هوندوهو. جنهن ۾ پنير سان گڏ ڊراءِ فروٽ خاص طور تي ڪا جو جو استعال نظر ايندو هو.

منجهند جي مانيءَ کان پوءِ مهمان ۽ ميزبان سمورا هڪ هال ۾ ڪٺي ٿيا، جتي باقائدي هڪ تعارفي نشست جو انتظام ٿيل هو، هال ۾ ديوار تي هڪ ڳاڙهي ڪپڙي جو بينر لڳل هو، جنهن تي "نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لينگويج" لکيل هو.

شري سريش ڪيسواڻيءَ پليڪارن پري تقرير ڪئي ۽ هن دوري جي مقصدن ۽ پروگرامن جي رٿابنديءَ بابت ٻڌايو. هُن سگا طرفان ڊسمبر 2004ع ۾ ڪراچي ۾ ڪرايل شاهه سچل سامي بين الاقوامي امن ڪانفرنس ۾ ڪيل سنڌن شرڪت دوران سگا طرفان ڪيل انتظامن ۽ سنڌن مان ۾ سگا جي ساٿين طرفان ڪيل مهمان نوازيءَ ڪي ساراهيو ۽ توقع ڪئي ته هي پنهنجائپ ۽ رابطن جو سلسلو جاري رهندو.

شري ڪيسواڻيءَ جي تقرير کان پوءِ سيني حاضرين کي واري واري سان پنهنجو تعارف ڪرائڻ لاءِ چيو ويو. ڪنهن مختصر ته ڪنهن تفصيل سان پنهنجو تعارف ڪرايو. تعارف دوارن مون محسوس ڪيو ته هند جي ميزبانن مان هر ڪنهن جي سنڌيءَ جا اُچار هڪ جهڙا نه هئا، ومي سدا رنگاڻيءَ جا اچارڪافي ٺيٺ ۽ سنڌ ۾ ڳالهائي ويندڙ سنڌي زبان جي اُچارن جهڙا لڳا،جنهن بابت بعد ۾هُن ٻڌايو ته انهيءَ جو سبب شايد اهو آهي جو سندس تعلق ڪڇ سان آهي ۽ انهيءَ پاسي جو علاقائي طور سنڌ جي ٻين علائقن کان وڌيڪ ويجهڙائپ آهي.

شام جا چار ٿي رهيا هئا ته اسان ڪي پنهنجي رهائش واري هوٽل بي ـ ڪانٽينينٽل ڏي وٺي هليا، جيڪا دهليءَ ۾ ڪرول باغ جي علائقي ۾ شاستري پارڪ جي سامهون آهي. هوٽل ۾ هر ڪمري ۾ ٻن مهمانن ڪي ترسائڻ جو انتظام هو. تاجل بيوس ۽ آءُ هوٽل جي ڪمري نمبر 202 ۾ ترسياسين، اسان جي پر واري ڪمري ۾ پروفيسر غلام قادر قلپوٽو ۽ پير بخش شيخ ترسيا. ٻيا ساٿي پڻ پنهنجي پنهنجي ساٿ سان آرامي ٿيا.

هوٽل جي ٻاهر ئي ويجهو هندستاني ڪرنسي مٽائڻ وارو ملي ويو. ڪجهه رقم مٽائي ورتم، ۽ ڪوشش ڪيم ته پنهنجي موبائل فون لاءِ مقامي فون جي سم حاصل ڪريان، جنهن لاءِ عثمان پنهور جاڪوڙ ڪري اهو مسئلو حل ڪرايو ۽ مون پنهنجي آندل موبائيل سيٽ ۾ انديا جي موبائل ڪمپني ايئرٽيل جي سم لوڊ ڪئي ۽ خوش ٿيس ته هاڻي رابطي ۾ آهيون، ڪراچي گهرڀ ڳالهايم ۽ دوستن کي دهليءَ مان نيڪ تمنائن جا پيغام ٻه اُماڻيم.

اسين جنهن ڪمري ۾ ترسيل هئاسين، اُن جي سامهون واري ڪمري ۾ هند جو مشهور اديب ۽ شاعر ڊاڪٽر موتي پر ڪاش ۽ سندس گهرواري ڪلاپر ڪاش ترسيل هئا. موتي ڪاش هند ۽ سنڌ ۾ پنهنجي لکڻين ۽ شاعريءَ جي حوالي سان وڏي اهميت رکي ٿو. ٻنهي ملڪن ۾ ڳايو ويندڙ گيت،"آنڌيءَ ۾ جوت جلائڻ وارا سنڌي، مٽيءَ کي سون بنائڻ وارا سنڌيءَ موتي پر ڪاش جوئي لکيل آهي، ٻڌايائون ته دهليءَ جي سياڻي تائين جي پروگرامن ۾ گڏ آهيون. ڪلا پر ڪاش جي شاعريءَ جو مجموعو،" ممتا جون لهرون پڙهيم" اولاد لاءِ ماءُ جي جذبن جي عڪاسي ٿيل آهي. شاعري ڪافي وڻي. سندس شاعري گهڻو وقت اڳ جي هئي، پر جئين ته ممتا جا جذبا اڪٿ ۽ امر هوندا آهن، انهيءَ ڪري مون کي سموري شاعري نئين لڳي.

رات جي مانيءَ جو انتظا م سريش ڪيسواڻيءَ جي گهر تي هو، جتي ڪافي پُر تڪلف اهتمام ٿيل هئا. ڪاڌي ۾ ڪافي طعام هُئا منهنجو ڌيان " شاهي پنير" جي ڊش ڏي رهيو. رات جي مانيءَ تي پهرين ملاقات ٿيل هند جي دوستن کان علاوه ٻيا مقامي خاندان پڻ دعوتيل هئا رات جي ماني کان پوءِ هوٽل بي ـ ڪانٽينينٽل تي اچي آرامي ٿياسين.



www.sindhsalamat.com

## دهلي پهچڻ

آچر11 جون دهلي ۾ ايندي پيو ڏينهن هو، پروگرام سوچيو سون پئي ته منجهند تائين فارغ آهيون، يا ته دهلي شهر جا تاريخي ۽ گهمڻ جهڙا ماڳ ڏسجن يا ڪجهه خريداري ڪري وٺجي، جوايندڙ ڏينهن جي رٿابنديءَ مان لڳو پئي ته شايد شاپنگ لاءِ وقت نه ملي، تاجل بيوس سان صلاح پئي ڪيم ته ايتري ۾ پروفيسر غلام قادر قلپوٽي ٻڌايو ته ڪجهه دير ۾ وينا شرنگي ۽ سندس پيڻ شاليني ساگر اوهان ڏي اچڻ واريون آهن ۽ ڪجهه ئي دير ۾هواچي ويون. وينا شرنگي ۽ شاليني ساگر ٻئي آل انڊيا ريڊيو سان وابسته آهن. وينا سان منهنجي هيءَ ٻيءَ ملاقات هئي هڪ دفعو ڪراچي ۾ اندازن 20 سال اڳ، پر هن سڄاتو ۽ تعجب جي ڳالهه ته ايڏي زماني گذرڻ کان پوءِ به سندس شخصيت ۾ خاص تبديلي محسوس نه ڪيم. وينا شرنگي ۽ شاليني ڪجهه دير اسان سان هتي جي پروگرامن متعلق حال احوال ڪيو ۽ تاجل بيوس ۽ مون کي پنهنجو ترتيب ڏنل ڪتاب” ڪيچان آيو قافلو“ پنهنجو نوٽ هڻي تحفي طور ڏنو. ڪراچي مان رواني ٿيڻ وقت منهنجي بدين جي ويجهي ساٿي خادم ٽالپر مون کي وينا کي سلام ڏيڻ لاءِ چيو هو جو هو وينا شرنگي سان اڳ ۾ ملندو رهيو هو. وينا خادم ٽالپر لاءِ به پنهنجي ڪتاب جي ڪاپي ڪيس پهچائڻ لاءِ ڏني.

وينا شرنگي سان حال احوال ٿيڻ وقت سندس لهجي ۽ انداز ۾ هڪ عجيب پنهنجائپ جي جهلڪ محسوس ٿي. شايد اهوئي سبب آهي جو هو سنڌ جي ادبي ۽ سماجي حلقن ۾ گهڻو ياد ڪئي ويجي ٿي.

وينا ۽ شاليني جي رواني ٿيڻ کان پوءِ ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي ملڻ لاءِ آيو. حال احوال ٿيو، هُن مون کي ۽ تاجل بيوس کي سندس تخليق ڪيل ڪتاب ”ٽي ننڍا ناول“ تحفي طور ڏنو، ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي موڪلائڻ وقت مون کان ايڊرس گهري ۽ مون کيس پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ ڏنو.

(ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي صاحب کي ڏنل منهنجو وزيٽنگ ڪارڊ سندس يادگيرين مان شايد لهي ويو ته انهيءَ ماڻهو سان سندس ملاقات ڪڏهن ۽ڪٿي ٿي. پاڪستان واپس پهچڻ کان پوءِ مون پنهنجون اِي ميلس جانچڻ لاءِ انٽرنيٽ تي پنهنجو ميل باڪس چيڪ ڪيو ته هڪڙي ميل ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻيءَ جي هئي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي حافظي کي ڏوهه ڏيندي لکيو ته مون کي ياد نٿو اچي ته پاڻ ڪڏهن ۽ ڪٿي ملياسين ۽ پاڻ هڪ ٻئي کي پنهنجا وزيٽنگ ڪارڊ ڪٿي ڏنا، ڪراچيءَ ۾ سڳا جي ڪنهن گڏجاڻيءَ جو حوالو ڏيندي لکيائين ته شاد اُتي مليا هونداسين. فوري طور مون کي به ياد ڪو نه آيو. انهيءَ ڪري ڊاڪٽر جوتواڻيءَ کي جوابي ميل ۾ سندس رابطي لاءِ شڪريو ادا ڪندي لکيم، ياد ته مون کي به نٿو اچي پر اوهان رابطي جي شروعات ڪئي آهي ته رابطو جاري رهندو. انهيءَ وچ ۾ مون هندستان ڪوٺايل ڪلڪتي واري 2006 Indo Sindh Cultural utasav جي انگريزي ۾ رپورٽ ٺاهي ڪجهه ادارن کي اي ـ ميل ڪئي هئي ۽ اها ميل ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻيءَ کي پڻ موڪلي، جنهن مان کيس اندازو ٿيو ته سندس ملاقات دهليءَ ۾ ڪنهن ميڙاڪي ٿي هوندي انهيءَ دوران هڪ ڏينهن مون پنهنجي هندستان ۾لکيل ڊائريءَ کي پئي پڙهيو ته ڏٺم ته جوتواڻي صاحب 11 جون تي بي ڪانٽينينٽل هوٽل ۾ مون سان ۽ تاجل بيوس سان مليو ۽ هن پنهنجو ڪتاب ” ٽي ننڍا ناول“ اسان کي تحفي طور ڏنو. مون موتي لال جوتواڻيءَ کي لکيو ته آءُ پنهنجي ڊائري مان خوش آهيان، جنهن اهو مسئلو حل ڪيو آهي ته پاڻ ڪڏهن ۽ ڪٿي ملياسين ۽ کيس پنهنجي ملاقات جو تفيصل سندس اي ـ ميل تي موڪلي ڇڏيو).

منجهند جي مانيءَ جو وقت ٿي رهيوهو، اسان کي چيو ويو هوته اندازن 4 وڳي گاڏيون اوهان کي وٺڻ ايندييون جو دهليءَ جي هڪ وڏي آڊيٽوريم ۾ سنڌي اڪيڊمي دهليءَ طرفان هڪ ايوارڊن جي تقريب آهي، هند ۽ سنڌ جا موسيقيءَ جا فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا. ڪراچيءَ مان اسان به سڳا جي طرفان سوکڙيءَ طور اجرڪون ۽ 20 شيلڊون آنديون هيون ۽ سريش ڪيسواڻيءَ سان طئي ٿيل طريقه ڪار هو ته 10 سنڌي اڪيڊمي دهليءَ جي نمائندن کي انهيءَ تقريب ۾ ڏنيون وڃن ۽ باقي 10 ڪلڪتي ۾ ” نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگويج، جي نمائندن لاءِ ڪلڪتي ڪٽي هلبيون.

پروگرام لاءِ جڏهن هال ۾ پهتاسون ته سڄو هال سنڌي ماڻهن سان ڀريل هو، جنهن ۾ هر عمر جا مرد ۽ عورتون شامل هيون، گهڻائي انهن وڏي عمر جي ماڻهن جي هئي، جيڪي گهڻو ڪري ورهاڱي وقت سنڌ جي مختلف حصن مان هتي اچي آباد ٿيا هئا.

پروگرام جي شروعات ايوارڊن جي تقريب سان ٿي جنهن م پهرئين مرحلي ۾ سنڌي اڪيڊمي دهليءَ طرفان ايوارڊ هئا، ٻئي مرحليءَ ۾ سڳا طرفان آندل تحفن ورهائڻ جي تقريب هئي. آخري مرحلي ۾ موسيقيءَ جو پروگرام ٿيڻو هو.



www.sindhsalamat.com

پروگرام جي پهرئين مرحلي ۾ ڪاروائي شريڪانت پاٽيا هلائي. هن سال ساڪيدميءَ طرفان لائف اچيومينٽ ايوارڊ ڊاڪٽر موتي پر ڪاش کي ڏنو ويو. ڪيس شيلڊ ۽ هڪ لک روپيا روڪ ڏناويا. مجتا ايوارڊ کان اڳ هندستان جي ناميارې ليکڪ لڇمڻ ڪومل، موتي پر ڪاش بابت " مان پتر" پڙهيو جنهن ۾ هُن موتي پر ڪاش جي ادبي ۽ علمي خدمتن جو ذڪر ڪيو. موتي پر ڪاش هن وقت پُچ آڏيپور ۾ رهي ٿو ۽ هيرا نند اڪيدميءَ جو ڊائريڪٽر آهي. موتي پر ڪاش پنهنجي تقرير ۾ انهيءَ اعزاز جو شڪريو ادا ڪرڻ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ سان درپيش مسئلن جو ذڪر ڪيو ۽ سندس آخري جملا گهڻوجذباتي نوعيت جا هئا. خاص طور تي مون اهو محسوس ڪيو ته آخري جملن وقت سندس لهجو سڏڪن وارو هو، جنهن ۾ " هو چئي رهيوهو ته" مون کي اهو نظر اچي رهيو آهي ته منهنجو ايندڙ نسل مهنجي ماءَ جي اها ٻولي اڳتي ڳالهائي نه سگهندو."

ڊاڪٽر موتي پر ڪاش کان پوءِ سنڌي ساهت ۾ خدمتون ڏيندڙ ڪجهه ٻين اديبن ۾ پن شيلڊون ۽ پنجويهه هزار روپيه روڪ سندن ادبي پورهئي جي مجتا طور ڏنا ويا. سنڌي اسڪولن جي انهن ٻارن کي به انعام ڏنا ويا جن سنڌي ٻوليءَ جي مضمون ۾ پهريان ٽي نمبر حاصل ڪيا. انهن جي استادن جي پڻ همت افزائيءَ لاءِ انهن کي منچ ( اسٽيج) تي گهرايو ويو. اڪيدمي جو نئين نسل جي اهڙي همت افزائي کي گهڻو ساراهيوويو. ايوارڊن جي ٻئي مرحلي جي ڪاروائي سگا جي سيڪريٽري ثقافت محمد عثمان پنهور هلائي. عثمان پنهور پنهنجي صلاحيتن تحت تمام سٺي ڪاروائي هلائي ۽ سريش ڪيسواڻيءَ طرفان مليل نالن مطابق هو سنڌي اڪيدمي دهليءَ جي نمائندن کي سڏائيندو ويو، ايوارڊ حاصل ڪندڙن کي اهو اعزاز حاصل ٿيو ته هنن ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب جهڙي اعليٰ شخيت هٿان اهي ايوارڊ وصول ڪيا. ڪين اجرڪ جون سوکڙيون به ڏنيون ويون.

انعامن ۽ تُحفن ورهائڻ واري تقريب جي پڇاڙي شري سريش ڪيسواڻي ۽ ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب جي تقريرن سان ٿي. سريش ڪيسواڻيءَ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي وفد جو تعارف ۽ دوري جي مقصدن بابت آگاهي ڏني، هن سگا جي خدمتن تي روشني وڌيءَ هند جي اديبن ۽ موجود سامعين کي سگا جي متن مقصد بابت ٻڌايو. شري سريش ڪيسواڻي اهو به اعلان ڪيو ته هاني سنڌي نوجوانن جي ٻنهي ملڪن ۾ اچ وڃ جا پروگرام شروع ڪيا ويندا، جيئن ايندڙ نسل سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت جا ناتا انباهيندا رهن.

ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب پنهنجي تقرير سريش ڪيسواڻيءَ جي انهيءَ اعلان جي تائيد ڪئي ۽ سنڌي ماڻهن جي باهمي رابطن تي زور ڏنو، جيئن سنڌي تعليم ۽ معاشي ميدانن ۾ ترقي ڪري سگهن. دنيا جي مختلف حصن ۾ پکڙيل سنڌي يقينن انهيءَ ڪار ۾ مددگار ٿي سگهن ٿا. ڊاڪٽر صاحب " سنڌي اڪيدمي دهلي ۽ نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لينگويج" جي نمائندن جو سندن ڀرپور آجيان لاءِ شڪريو ادا ڪيو.

راڳ رهاڻ جي محفل جي ڪاروائي ڪي.ٽي. اين. جي مشهور ايڪٽر، ميزبان ۽ ڊرامن ۾ مُک ڪردار نڀائيندڙ نوجوان سجاد سهاڳ هلائي، جڏهن ته اُن کان اڳ ناز سهتي پنهنجي ڪي، ٽي، اين. چينل طرفان آيل فنڪارن، سازيندڙن ۽ ڪئمرامين ۽ ٻين جو تعارف ڪرايو.

پروگرام جي شروعات هند جي سنڌي فنڪاره اُما لالا ڪئي، جنهن جو اهو ڪلام " هن جنم هُن لئي وڃن ٿو ڪريان، مان جتي به هجان سنڌ تنهنجو ٿيان"تمام گهڻو ساراهيو ويو. اُن کان پوءِ سنڌ کان آيل فنڪارن پڳت هر سن، پورو پڳت، ضامن علي، ماريا بلوچ، ديبا سحر ۽ واحد لاشاري پنهنجي پنهنجي، فن جو مظاهرو ڪيو. فنڪارن ۾ ديبا سحر جي ڳايل ڪلام " پيرين پوندي سان چوندي سان " محفل کي گرمائي ڇڏيو. انهيءَ گيت تي شروع ۾هڪ نوجوان ڇوڪري هال مان ناچ ڪندي اڳتي آئي ۽ اسٽيج تي اچي نچڻ شروع ڪيو ۽ بعد ۾ تمام گهڻيون عورتون ۽ مرد انهيءَ ۾ شامل ٿي ويا. موسيقي جي پروگرام دوران وينا شرنگي ۽ شاليني ساگر مون وٽ موڪلائڻ لاءِ آيون جو ڪين آل ريديو جي ڪنهن پروگرام لاءِ وڃڻوهو، * چيائين ته اوهين جڏهن ٻين پاسن کان ٿي واپس دهلي ايندا ته وري ملاقات ٿيندي هو جنهن وقت ڳالهائي رهيون هيون ته پويان واري قطار مان ڪنهن وينا سان ڳالهايو ته هنن کي اڳ به سڃاڻو ته وينا وراڻيو، " هي اسان جي گهر جا ڀاتي آهن" وينا جو اهو خلوص مون کي هميشه ياد رهندو.

موسيقيءَ جي محفل رات جو اندازن ساڍي نوين وڳي ختم ٿي. واپس هوٽل تي اچڻ لاءِ گاڏين ۾سوار ٿيڻ لڳاسين ته تاجل بيوس مون کي ترسڻ لاءِ چيو، جو سندس خيال هو ته هيرو ٺڪر (هندستاني اديب ۽ شاعر) پاڻ سان ڪچهريءَ لاءِ هوٽل تي ٿو هلي. وٽس گاڏي آهي. پاڻ انهيءَ سان ٿا هلون. ائين ئي ڪيو سون. ڪمري تي اچي ڪچهري ڪئي سون. هيري ٺڪر جو



www.sindhsalamat.com

چوڻ هو تہ 24 جون تائين اوهان پنهنجي ميزبانن سان گڏ آهيو. بعد ۾ اوهان جي ويزا ۾ ڪافي ترسڻ جي گنجائش آهي، انهيءَ ڪري 24 جون ڪان پوءِ اوهين منهنجا مهمان ٿيو ۽ سندس مرضي هئي تہ انهيءَ وچ ۾هو دهلي يونيورسٽيءَ ۾ تاجل بيوس جو سنڌي شاعري ۾ جديد لاڙن تي هڪ ليڪچر پڻ رکائي ڇڏيندو. اسان هيري ٺڪر جي خلوص جي موٽ ۾ هائوڪار تہ ڪئي پر بعد ۾ انهيءَ ڳالھ تي متفق ٿياسين تہ جيئن ساٿ سان آيا آهيون ائين ئي واپس وڃبو، جيڪڏهن حياتي آهي تہ وري بہ پيو اچبو وڃبو ۽ پنهنجي رٿيل پروگرام مطابق ئي واپس وڃڻ گهرجي. هيرو ٺڪر رات جي 12 ڌاري اسان ڪان موڪلائي پنهنجي گهر ويو. سومر 12 جون تي صبح جو سوپر راڄڌاني ايڪسپريس ريل رستي دهليءَ ڪان جل پاءِ گوري نالي اسٽيشن ڏي روانو ٿيڻو هو، جتان وري ڊار جلنگ هل اسٽيشن جو سفر ڪرڻو هو. جتان وري ڊارجلنگ هل اسٽيشن جو سفر ڪرڻو هو. گذريل رات اهو ٻڌايو ويو تہ جيئن گاڏي ۾ سيٽن جي گنجائش گهٽ آهي، انهيءَ ڪري ٻن گروپن جي صورت ۾ وڃبو، پهرين ٽرين صبح جو ڇهين وڳي ۽ ٻي منجهند جو اڍائي لڳي ويندي، سڀا جي ڪجھ ساٿين ڪي. ٽي. اين جي ٽيم سان پهرين گاڏيءَ ۾ روانو ٿيس. گاڏيءَ جي ائير ڪنڊيشن ڪلاس ۾ روزويشن ٿيل هئي ۽ هر ماڻهو لاءِ جدا جدا برٿ جو انتظام هو، جيئن سفر ۾ سهوليت رهي. ميزبانن طرفان رستي ۾ ضرورت وقت چانھ ۽ ماني‌ءَ جو انتظار ۾ ٿيل هو. ريل گاڏيءَ وارن طرفان، پئيڻ لاءِ منرل واٽر جي بوتل ڪان علاوه هر ڪنهن کي صاف ٽوال، ويهاڻا، چادرون ۽ ڪمبل مهيا ڪيا ويا سنڌي اڪيڊمي دهلي ۽ نئشنل ڪائونسل فارپروموشن آف سنڌي لئنگويج جي ادارن جا نمائندا، ٽيڪم ۽ جيوت ڪيسواڻي اسان جي مڪمل طور تي پرگهور لهي رهيا هئا. گاڏيءَ جي جنهن حصي ۾ آءُ هئس اُن ۾ مون سان گڏ پروفيسر غلام قادر ڦلپوٽو، پير بخش شيخ ۽ هند جو نالي وارو اديب جڳديش لڇاڻي ساڻ هئا.سفر ڪافي ڍگهوهو. البتہ سنگت جي ڪچهري ۾ بہ مصروف رهياسين.جگديش لڇاڻي سان ڪچهريءَ جو تمام گهڻو موقعو مليو، هند ۽ سنڌ جي ادب ۽ اديبن بابت ڳالھ ٻولھ ٿيندي رهي. رستي ۾ گاڏي هندستان جي مختلف پرڳڻن مان گذرندي رهي، جنهن جو اندازو مون کي منهنجي موبائيل فون مان ٿيوپئي تي اُن پر ڳئي ۾ داخل ٿيڻ تي پليڪا رجو موبائل الرٽ آيو ٿي. دهلي ڪان نڪرڻ ڪان پوءِ اسان کي، يوپي، بهار ۽ اولھ بنگال جي علائقن مان گذرڻو پي پيو.

هندستان ۾ هوئڻ تہ هر جاءِ تي عام طور تي هندي زبان ڳالهائي وڃي ٿي، جيڪا اسان جي ملڪ ۾ ڳالهائي ويندڙ اُردو وانگر ئي آهي، پر مختلف علائقن ۾ رابطي جي زبان طور ڳالهائي ويندڙ هنديءَ ۾ لهجي جا فرق نمايان. طور محسوس پئي ٿيا. گاڏي ۾ آرام جون سهوليتون هئڻ سبب رات جو سيني تمام سٺي ننڊ ڪئي ۽ سفر آسانيءَ سان گذريو. ريل گاڏيءَ ۾ اسان جي منزل اسٽيشن " جل پاءِ گوري" نالي هئي، جتي اندازن ساڍي نوين وڳي پهتاسون. اسٽيشن تي اڃا لٿا سون ئي پئي تہ اسٽيشن تي اسان جي وفد لاءِ اعلان ٿي رهيو هو تہ " ڪا ڪس اينڊ ڪنڪس" نالي ڪمپنيءَ جا نمائندا پنهنجي گاڏين سميت پليٽ فارم جي ٻاهر اسان جي انتظار ۾ آهن. دراصل نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگويج وارن Cox and Kinds نالي ٽوئرسٽ ايجنسيءَ جي حوالي اهو سڄو انتظام ڪيو هو تہ هو جل پاءِ گوري اسٽيشن ڪان ٻن ڏينهن جو ڊار جلنگ جو دورو ڪرائي وري 15 جون خميس ڏينهن ساڳي اسٽيشن تي اڳتي جي سفر لاءِ پهچائيندا، انهيءَ دوران، رهائش کاڌو پيتو ۽ گاڏين وغيره جو سڄو انتظام اُنهن جي حوالي هو، اسان کي ٽوئرسٽ ڪوچ گاڏين رستي جل پاءِ گوريءَ جي هڪ سٺي هوٽل تي وٺي ويا، جتي وڃڻ جو مقصد منجهند جي ماني، ڪجھ دير آرام ڪرڻ سان گڏ ٻي ٽرين جيڪا منجهند جو پهچڻي هئي، اُن ۾ ايندڙ ساٿين جو انتظار ڪرڻ پڻ هو، جل پاءِ گوري هڪ ننڍڙو مگر خوبصورت شهر نظر آيو، هر طرف ساوڪ هئي. بنگالي جو علائقو هجڻ سبب عام ماڻهو هڪ ٻئي سان بنگالي ڳالهائي رهيا هئا. جل پاءِ گوري جي لفظ بابت لڇمڻ ڪومل وضاحت ڪئي تہ جل معنيٰ پاڻي، پاءِ معنيٰ پير ۽ گوريءَ مان مراد خوبصورت چوري شهر جو هي نالو ڏاڍو معصوم، رومانوي ۽ جمالياتي طرز جو لڳو، خوبصورت ڇوڪريءَ جي پيرن هيٺان وهندڙ پاڻي يا ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ پاڻيءَ ۾ سهڻي ناريءَ جا پُسيل پير، بهر حال ساوڪ پرئي هن شهر جو نالو بہ ڏاڍو سُهڻو لڳو.

هوٽل تي منجهند جي مانيءَ تائين ٻي ٽرين جا مسافر بہ اچي پهتا، جن ۾ ٻہ همسفر ٻيا بہ اچي اسان سان شامل ٿيا، جيڪي هئا سنڌي ٻوليءَ جو نالپوارو اديب قمر شهباز ۽ سندس گهرواري ارشاد قمر. سنڌن دهليءَ مان نڪرڻ وقت ٻيءَ ٽرين جي ٽائم تائين پهچي وڃڻ جي خبر اُن ٽرين ۾ ويٺل عثمان پنهور مون کي فون تي ڏني هئي، جو ٻنهي ٽرينن ۾ سفر ڪندڙ ساٿين جو هڪ ٻئي سان موبائل تي رابطو رهيو پئي.

جل پاءِ گوري ڪان ڊار جلنگ لاءِ قافلو منجهند جو ٻين وڳي ڌاري روانو ٿيو، ڊار جلنگ جو مفاصلو 77 ڪلوميٽر ٻڌايو ويو. رستون ڪو هہ مريءَ وانگر پهاڙي هو. رستي جا وروڪڙ چاڙهہ ۽ چيل جي وڻن جو چوٽيون ۽ ٻيو سڄو ماحول ڪو هہ



www.sindhsalamat.com

مريءَ جهڙو لڳو. البت رستو سوڙهو ۽ ناهموارهو. هندستان جا ٻيا رستا تمام وڏا ۽ ويڪرا ڏٺا سون. ٽوئرزم جي لحاظ اکن اهم علائقي ڏانهن سياحن جي ايتري اچ وڃ نہ هوندي. انهيءَ ڪري هن رستي تي ايتري توجهہ نہ رهي هوندي ۽ ڊار جلنگ پهچڻ بعد لڳو ٻہ ائين تہ هتي مريءَ وانگر ماڻهن جي ايتري پيهہ ڪونهي. رستي ۾ ڪجهہ جاين تي ايوبيہ جي علائقي وانگر پولڙن جا ولر پڻ نظر ايا. ميزبان دوستن ٻڌايو تہ هتي پولڙن کان علاوه ٻيا جانور ۽ اڪثر ڪري چڙواڳ هاٿي بہ نظر ايندا آهن. پر اسان کي اها ڳالهہ ڏسڻ ۾ نہ آئي. رستي ۾ سرڪاري ۽ ڪجهہ مشنري اسڪول نظر آيا. موڪل جو وقت هو. ٻارڙا اسڪول کان گهرن ڏي ويندي ڏٺاسين. صاف ۽ سٺي پوشاڪ پهريل هين. هتي جي ماڻهن جو شڪليون نيپالي ۽ چيني ماڻهن جهڙيون لڳيون جنهن جو سبب اهو ٻڌايو ويو تہ هتي منگول نسل جا ماڻهو رهن ٿا. جيڪي نيپال آسام. سڪم ۽ تبت سان تعلق رکن ٿا ۽ پاڻ ۾ شاديون ڪرڻ سبب مختلف لڳن ٿا. تہ هتي ڪاروبار گهڻو ڪري عورتن جي حوالي ڏٺوسين. دڪان هلائڻ کان علاوه ڪٽي ڪٽي روڊن جي مرمت ۾ پوهئي جو ڪم ڪندي بہ نظر آيون. عورتن جو محنت مزوري ۽ ڪاروبار ڪرڻ بہ منگولن جي روايت ٻڌائي وڃي ٿي. رستي ۾ سليگري نالي هڪ خوبصورت ڳوٺ آيو جتي ڊاٻو ڪرٽو هو. آس پاس جا نظارا تمام خوبصورت هئا. ٽي ويءَ جا ڪئمرامين آس پاس جي ماحول کي محفوظ ڪرڻ ۾ لڳي ويا. سيني کي هوٽل تي ويهاري ريفريشمينٽ ۽ چانهہ جو اهتمام ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ اسان جو ڊار جلنگ شهر ڏانهن سفر وري شروع ٿيو. شام جو ساڍي ڇهين وڳي ڊارجلنگ شهر ۾ پهچڻ ٿيو. هوٽل گرودا ۾ رهائش رکيل هئي. داخل ٿيڻ تي هوٽل طرفان نوجوان ڇوڪرين هڪ ريشمي ڪپڙو اسان کي آجيان طور ڪلهن ۾ وڌو ۽ ويلڪم ڊرنڪ طور شربت پيش ڪيو. اسان کي ٽن بسترن وارو ڪمرو مليو. جنهن ۾ پروفيسر غلام قادر ڦلپوٽو. ۽ جافي پير بخش شيخ سميت اسين ٻہ راتيون گڏ رهياسون. غلام قادر ڦلپوٽو سڳا خيرپور شاخ جو صدر آهي ۽ حاجي پير بخش شيخ سڳا گمبٽ شاخ جو اڳواڻ. ٻنهي سان گهڻي زماني کان سنگت آهي ۽ هندستان جي سڄي سفر ۾ ٻنهي سان تمام سٺو ساٿ رهيو ۽ هڪ ٻئي جو خيال رکندا آياسون. ڊارجلنگ ۾ گذريل ٻن ڏينهن جو احوال لکڻ کان اڳ ضروري آهي تہ رستي جي ماحول مطابق ڏنل معلومات کان علاوه ڊارجلنگ متعلق پڙهندڙن لاءِ ڪجهہ وڌيڪ معلومات رقم ڪجي.



www.sindhsalamat.com

## ڊارجلنگ

اولهہ بنگال جي ضلعي ڊار جلنگ جي هن خوبصورت علائقي کي 1835ع ۾ برطانيا دور جي " برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپني" اڇي ولاريو هو. ڪلڪتي کان 686 ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آباد ڊار جلنگ کي هندستان جي پهاڙي علائقن جي راڻي بہ سڏيو ويندو آهي، اهو علائقو جاگرافيائي طور هڪ ناهموار ٽڪنڊي جي صورت ۾ اندازن 1200 چورس ميلن جي ايراضيءَ ۾ ڦهليل آهي. چوڏاري ساوڪ ۽ خوشبودار باغات سان واسيل ڊار جلنگ کي ايرندي پاسي ٽيستا ۽ رنجيت نديون وهن ٿيون، جتان کان اڳتي پوٺان آهي. هيٺئين علائقي ۾ جابلو ٻيلا آهن، جن کي سنوت ۾ آٽي جڳ مشهور ڊار جلنگ چانهہ جا باغ لڳايا ويا آهن. ڏاکڻيون حصو تقريباً 100 ميٽر مٿانهينءَ تي وچي نيپال سان ملي ٿو. تبت جي سرحد پڻ اتان ئي ڊار جلنگ سان ملي ٿي،

## ڊارجلنگ چانهہ

1840ع ۾ برطانوي انگريزن هتي چانهہ جي پوک شروع ڪئي. 1872ع تائين 14ع هزار ايڪڙن جي ايراضي چانهہ جي پوک هيٺ آئي، اڳتي وڌي 1956ع تائين جي انگن اکرن مطابق ست لک ستاسي هزار ايڪڙن تائين پهتي آهي. ڪجهہ سياحن تہ هتي جي چانهہ جي پوک جي نظاري کي سائي رنگ جو چوليون هٺندڙ سمنڊ سڏيو آهي تہ ڪن جي چوٽي مان ائين لڳي ٿو تہ پهاڙن جي لاهين چاڙهين تي ڪوسائي رنگ جو غاليچو وڇايل آهي. ڊار جلنگ چانهہ هتي جي ماڻهن جو ناڻي ڪمائڻ جو هڪ وڏو ذريعو آهي ۽ هيءَ چانهہ گهڻو ڪري يورپي ملڪن ڏي اماڻي وڃي ٿي. جتان هتي جي واپارين کي سٺو ناڻو ملي ٿو.

## ڊارجلنگ همالين ٽرين

ڊار جلنگ ويندڙ ماڻهن لاءِ دلچسپيءَ جو ڪارڻ ننڍي گيج جي پٽڙيءَ واري ريل گاڏيءَ پڻ آهي، جيڪا پهاڙي علائقن ۾ هلندي ڏاڍي خوبصورت نظر اچي ٿي. هن ريل کي رانديڪي واري ريل گاڏي (Toy Train) پڻ ڪوٺيو وڃي ٿو. هن ريل جل پاءِ گوري، سليگوري ۽ گوم وارن علائقن ۾ مسافرن لاءِ استعمال ٿئي ٿي. ڪنهن زماني ۾ هيءَ ريل پهاڙي رستن ۾ سواريءَ جو واحد ذريعو هئي، جڏهن تہ هاڻي ٽوئرسٽ سجاٽپ طور اهم تي وئي آهي. ڊار جلنگ ڏي ايندي روڊ جي مختلف جاين ۽ بازارن وٽان گذرندي بيحد خوبصورت نظر اچي ٿي، چون ٿا تہ پهاڙي علائقن ۾ هن قسم جي ريل ڊار جلنگ کان علاوه دنيا ۾ فقط ٻي ريل آسٽريا ۾ آهي، جيڪا سيمرنگ ريلوي سڏجي ٿي.

## ڊار جلنگ ۾ مذهب ۽ ٻوليون

ڊار جلنگ ۾ هندو، مسمان، ٻُڌ ۽ عيسائي مذهب جا ماڻهو رهن ٿا ۽ هنن سيني مذهبن جون پنهنجي پنهنجي طريقي موجب عبادتگاهون آهن.اسان جي حاصل ڪيل معلومات مطابق ڊار جلنگ شهر ۾ ہ مسجدون آهن. ڊار جلنگ ۾ هندي، نيپالي، بنگالي ۽ انگريزي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون.

## جنگلي جيوت

ڊار جلنگ پرسان فلورا ۽ فائونا نالي جنگل ۽ ٻيلا آهن، جن ۾ چيتا، بگهڙ، پولڙا، جنگلي ڪُتا،گدڙ ۽ اُڏامندڙ پکين جا هزارين قسم موجود آهن. اسان کي هڪ اهڙو ميوز پڻ گهمايو ويو جنهن ۾ اولهہ بنگال جي جنگلات مان هٿ آيل جنگلي جانورن ۽ پکين جي کلن کي نقلي طريقي سان پريل ۽ ماڊل طور رکيو ويو آهي.

## ڊارجلنگ جي موسم

فيبروريءَ کان مارچ جي آخر تائين بهار جي موسم سڏبي آهي، جنهن ۾ درجہ حرارت 18 سينٽي گريڊ تائين رهي ٿو. اپريل کان جولاءِ تائين اونهارو سمجهيو ويندو آهي، ۽ گرمي جو پڌ 20 کان 24 سينٽي گريڊ تائين هوندو آهي.



www.sindhsalamat.com

جولاءِ کان وچ سيپٽمبر تائين برسات جي موسم هوندي آهي، ۽ ڊار جلنگ چوماسي هوائن جي لپيٽ ۾ رهي ٿو. جڏهن ته وچ سيپٽمبر کان نومبر تائين خزان جي موسم آهي، جنهن ۾ درجه حرارت 10 کان 20 سينٽي گريڊ هوندو آهي. ڊسمبر کان وچ فيبروري ء تائين برف باريءَ جو ماحول هوندو آهي ۽ درجه حرارت منفي ئي رهي ٿو.

ڊارجلنگ جي تاريخ ۾ وڌ ۾ وڌ درجه حرارت 23 آگسٽ 1957ع ۾ 07 -26 سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو جڏهن ته تاريخ جو گهٽ ۾ گهٽ درجه حرارت 11 فيبروري 1905ع ۾ منفي 5 نوٽ ڪيو ويو.

## ماءونٽ ايوريسٽ جو نظارو

ڊار جلنگ شهر کان 11 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ٽائيگر هل The Tiger Hill آهي، جتي موسم صاف هجڻ جي صورت ۾ دنيا جي سڀ کان وڏي پهاڙي چوٽي ماءونٽ ايوريسٽ ۽ ٻين پهاڙن جو نظارو ڪري سگهبو آهي.

ڊار جلنگ جي هوٽل گرودا ۾ شام جي چانهه ڏاڍو مزو ڏنو جو چانهه سان گڏ مڇيءَ جا پڪوڙا شامل هئا. مڇي اسان سنڌي ماڻهن جي غذا جو حصو آهي ۽ ويسٽ بنگال جي شهرن جهڙوڪ ڊار جلنگ، جل پاءِ گوري، ميرڪ ۽ ڪلڪتو، اُتي هر مانيءَ جي وقت گهڻو ڪري مڇيءَ جي ڪا نه ڪا ڊش ضرور هوندي هئي ۽ ڏنم پئي ته اسان جي وفد جي هر ساٿي ڏاڍي شوق سان مڇيءَ جو لطف تي ورتو. بنگالي ماڻهو مڇي ۽ چانور شوق سان کائيندا آهن. ٽي سال اڳ جڏهن بنگلاديش ويوهئس ته اُتي به مڇيءَ جو استعمال گهڻو نظر آيو. پر هندستاني بنگال ۾ مڇيءَ جي ٽيسٽ بنگلاديش کان به وڌيڪ لذيذ لڳي.

شام جي چانهه کان پوءِ ڊار جلنگ جي بازارن ڏي گهمڻ نڪتاسين. بازارن ۽ گهٽين جو نقشو ساڳيوئي ڪوه مريءَ وارو هو. هڪ گهٽيءَ مان مٿي چاڙهه ڏي وينديء، سوچيم ته هي رستو مريءَ ۾ مال روڊ ڏي ويندڙ رستي وانگر آهي. جتي وچڻ کان پوءِ ٻن مخالف طرفن ۾ رستا هڪ ڪشمير پوائنٽ ۽ ٻيو پنڊي پوائنٽ ڏي وڃي ٿو. اتفاق سان مٿي وڃڻ کان پوءِ جو ماحول بلڪل مريءَ جي مال روڊ وانگر لڳو. بلڪ ٻڌايو ويو ته هن جاءِ جو نالو به مال روڊ ئي آهي.

رات جو جڏهن ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب جي ڪمري ۾ گڏ ٿياسين ته ڊار جلنگ شهر جي گهٽين ۽ رستن جي ڪوهه مريءَ جي نقشي سان مشابهت جو ذڪر ٿيو ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو ته انگريزن اهڙن پهاڙي علائقن کي سيرگاهن ۾ تبديل ڪرڻ وقت گهڻو ڪري سيني جاين جا هڪ جهڙائي نقشا ٺاهيا هئا. رات جي ماني هوٽل گُرودا جي ستين ماڙ واري ڊائننگ هال ۾ کاڌي سون. هن هال جو اڌ حصو کُليل آهي، جنهن ۾ ڪرسيون ۽ ٽيبلون لڳل هجڻ ڪري ٻاهر ويهي ڊارجلنگ جا نظارا ڏاڍو لطف ڏيندڙ لڳا. ماني کان پوءِ هر ڪو پنهنجي پنهنجي ڪمري ۾ آرامي ٿيو.

14. جون اربع جو ڏينهن اندازن 9 وڳي ناشتي جي ٽيبل تي گڏ ٿياسين. ناشتي وقت ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ۽ پروفيسر جگديش لڇاڻي سان گڏ هئاسين. جگديش لڇاڻي گذريل ٽن ڏينهن کان اسان سان گڏ آهي. دهلي کان جل پاءِ گوري تائين ريل ۾ به هو اسان سان گڏهو. هو هند ۾ سنڌيءَ جو نامور اديب آهي الهاس نگر ۾ ڪاليج جو پرنسپال آهي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪافي ڪتاب لکيا اٿس. خاص طور تي شاهه عبداللطيف، شيخ اياز ۽ تاجل بيوس تي پڻ ڪتاب لکيا اٿس، لهجي جي لحاظ کان صاف ۽ اسان جهڙي سنڌي ڳالهائيندڙ آهي. ڪافي ڊرامن جا اسڪرپٽ پڻ لکيا اٿس.

ناشتي کانپوءِ جي پروگرام ۾ اڄ اسان کي ڊارجلنگ جا مختلف علائقا گهمڻا هئا، جنهن لاءِ آرام ده فور وهيل جيپن جو بندوبست ٿيل هو. پهرئين مرحلي ۾ اسان بنگال جي ٻيلن ۾ جنگلي جيوت جي ميوزيم وياسين، جتي بنگال جي فلورا ۽ فائونا جي ٻيلن جي جانورن جا نمونا رکيل هئا. جيپن جو قافلو هڪ اهڙي جاءِ تي بيٺو جتي هڪ جابلو مٽيءَ جو مصنوعي جبل ٺاهيو ويو هو. ٻارڙ اُن تي لٽڪندڙ رسيءَ جي مدد سان چڙهڻ ۽ لهڻ جو شغل ڪري رهيا هئا. ٿورڙو ئي اڳتي ڊار جلنگ چانهه جو هڪ باغ هو ۽ باغ سان لڳ روڊ جي ڪناري تي چانهه جا دُڪان هئا. جن تي نوجوان ڇوڪريون چانهه ٺاهي شيشي جي ننڍڙين گلاسن ۾ پيش ڪري رهوين هيون. دُڪان هلائڻ واريون به اُهي ڇوڪريون ئي هيون ۽ چانهه گراهڪن کي پيارڻ لاءِ گاڏين تائين هليون پئي آيون ڪاڙهيل چانهه کان علاوه ڊار جلنگ چانهه تحفي طور کڻي وڃڻ لاءِ پئڪيٽن ۾ پڻ دستياب هئي، اسان مان گهڻن ڊار جلنگ چانهه جا ڪجهه پئڪٽ خريد ڪيا، جئين تحفي طور پاڻ سان کڻي وڃجن ڊار جلنگ چانهه جي باغ گمڻ ۽ چانهه پيئڻ کان پوءِ اسان هڪ چبوتري نما مٿانهين جاءِ تي گورکن سپاهين جي ياد ۾ جوڙايل هڪ يادگا وٽ پهتاسين. هي يادگار هندستان ۽ چين وچ ۾ 1962ع ۾ ٿيل جنگ ۾ ماجي ويل سپاهين جي ياد ۾ جوڙايو ويو هو. هي هڪ وڏو ٽڪنبو مُنارو آهي، جنهن جي پاسن تي جان قربان ڪندڙ گورڪا سپاهين جا نالا لکيل آهن، گورڪا نيپال جا جنگجو



www.sindhsalamat.com

آهن، هو نسلن کان وڏي جنگ ۾ شامل رهيا آهن، برطانوي فوج ۾ پڻ گورکا ريجمينٽ پنهنجي بهادريءَ جي ڪري مشهور هئي هن وقت به برطانيا جي شاهي خاندان جي محافظن ۾ گورکا شامل آهن.

هي ڪافي خوبصورت جاءِ هئي ۽ هن يادگارن جي چوڌاري دار جلنگ ٽواءِ ٽرين جي پٽڙي ڦهيل هئي، جاءِ خوبصورت هئي، اسان تصويرون پئي ڪڍيون ته ايتري ۾ ننيڙي ميٽر گيج جي پٽڙيءَ تي هلندڙ خوبصورت ريل گاڏي پڻ اچي لانگهائو ٿي، گول چڪري ۾ ڦرندي هيءَ ٽرين ڏاڍي خوبصورت لڳي، دوستن تصويرون ورتيون ۽ اسان ريل ۾ سوار مسافر کي ۽ ريل ۾ ويٺل مسافرن اسان کي هٿ لوڏي پنهنجي نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو.

دار جلنگ جي شهر بابت مون مٿي لکيو آهي ته هن شهر جا روڊ رستا ڪوهه مريءَ جي نقش سان مشابهت رکندڙ آهن، اسان مال روڊ کان اُن طرف وڃي رهيا هئاسون جتي مريءَ ۾ فوجي چانوٽي ۽ اُن کان اڳتي پنڊي پوائنٽ آهي. دارجلنگ ۾ مال روڊ کان اڳتي مريءَ جي چانوٽيءَ واري جاءِ تي ڪجهه ورديءَ وارا جوان موجود ڏٺاسين ۽ اڳتي وڌياسين ته هڪ انتهائي خوبصورت ٻُڌ ڌرم جي عبادت گاهه Peace pagoda جي عمارت هئي. هن پئگوڊا جي اهميت اها آهي ته ان کي 1972ع ۾ جيانگرو فيوجي امن جي نشانيءَ طور ٺهرايو هو. جپان جي شهرن هيروشيما ۽ ناگا ساڪيءَ تي ٽيل ائمٽي بمن جي تباهه ڪارين جي ياد ۾ 1953ع ۾ جپان جي شهرن ۾ پڻ اهڙا پئگوڊا ٺهرايا ويا هئا. جنهن وقت اسين پهتاسين، ٻُڌ ڌرم جي هن عبادتگاهه ۾ عبادت هلي رهي هئي. اندر هڪ تختيءَ تي لکيل هو ته عبادت وقت تصوير ڪشي جي منع آهي. هڪ تختيءَ تي وڏن اکرن ۾ لکيل هو ته" ان کي ائٽمي هٿيارن کان نفرت آهي"، ٻُڌ ڌرم جا هي پيروڪار امن جا پرچارڪ رهيا آهن ۽ هنن جي ڌرم ۾ جنگ کان نفرت ڪرڻ جي سکيا آهي. هي پئگوڊا ايتري اوچائيءَ تي آهي جو اسان کي اندازن هڪ سئو کان وڌيڪ ڏاڪا چڙهي مٿي وڃڻو پيو.

دار جلنگ جي هن حصي ۾ مون سان آيل فنڪارن کي مختلف جاين تي پنهنجي گانن لاءِ شُوٽ ڪندي ڏٺو، هڪ جاءِ تي ضامن علي ڪنهن گاني جي ٻولن لاءِ چپ چوريندي شوٽنگ پي ڪرائي، بعد ۾ ٽي وي جو ماڊل فرحان جپاني پئگوڊا کان واپسيءَ واري رستي تي شاٽس ريڪارڊ ڪرائيندي نظر آيو.

منجهند جي ماني هوٽل تي کائڻ کان پوءِ هر ڪنهن کي پاڻ مرادو گهمڻ لاءَ واند ڪائي هئي. دارجلنگ شهر جي ڪجهه وڌيڪ بازارن ۽ رستن تي نڪرڻ ٿيو. شام جو فون ڪرڻ لاءِ هوٽل جي ٻاهر پي سي او ڏي پئي ويس ته ٻاهر اسان جي ساٿي ٽي ويءَ جو موسيقار رجب رضا مليو، چيائين ته هتي جي ڪنهن ريسٽورنٽ ۾ چانهه پيئڻ جو موڊ آهي. چيم هلو! چانهه کان انڪار ڪونهي. ڪجهه اڳتي هلي هڪ ريسٽورنٽ ۾ داخل ٿياسين. ريسٽورنٽ ڪراچيءَ جي طارق روڊ وارين چائينز ريسٽورنٽس وانگر محسوس ٿي. هڪ خوبصورت چوڪري ڪاونٽر تي هئي ۽ ٻه مهمانن کي چانهه وغيره پيش ڪرڻ لاءِ هيون، اسان سبز چانهه لاءِ چيو جيڪا پيش ٿي. ڪاونٽر تي ويٺل چوڪريءَ ويجهو رکيل سي ڊي پليئر ۾ نيپالي زبان جو ڪو گيت هلي رهيو هو. رجب رضا موسيقيءَ جي ميدان جو ماڻهو هو، ڌُهن ۽ ڳائيندڙ بابت ڪائونٽر تي ويٺل چوڪريءَ کان معلومات وٺڻ لڳو. همراهه کي وچت وٽي وئي هئي. ڪجهه دير لاءِ مٿي مال روڊ تي هليا وياسين، هتي شام هئڻ سبب ڪافي ٿڌ هئي. پاڻ سان آندل گرم ڪپڙا هتي ئي ڪم آيا.

خميس 15 جون دارجلنگ جي هيءَ صبح ڏاڍي خوبصورت آهي، ناشتي وقت ڊائننگ هال جي کُليل حصي ۾ ويٺاسين ته سامهون دارجلنگ جو انتهائي پيارو نظارو هو. ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب، ساجد سهاڳ ۽ ماريا بلوچ ويجها ويٺل هئاسين. ڊاڪٽر صاحب سجاد سهاڳ کي چيو، شاعري ڪندو هجين ته اهڙو منظر شاعريءَ ۾ محفوظ ڪري وٺ. ماريا بلوچ سُر ملائيندي چيو ته اهو ڪو هي منظر ته من ۾ سانڍڻ جهڙو آهي. هر ڪو پنهنجي دل ۾ سوچي ٿو ته ڇا ڪنهن کي من جا هي موتي ڏيکاري سگهجن ٿا؟ ٻين کي هي منظر ڪيئن ٻڌائجي. اڄڪلهه وڊيو جو دور آهي، اُن جي اک هر منظر کي تازو توانو محفوظ ڪريو ڇڏي ۽ ائين پيش ٿي ڪري جڻ ڏسندڙ اُتي موجود آهي.

ناشتي کان پوءِ وري گاڏين جي قافلي ۾ اڳتي جو سفر ڪرڻو آهي. اڄ اسان جي دارجلنگ مان واپسي هئي، پر دار جلنگ وانگر ئي خوبصورت نظارن سان ڀرپور ميرڪ Mirik نالي هڪ ڍنڍ ڏي وڃڻو هو، جتان وري نيو جل پاءِ گوري ريلوي جنڪشن کان شام جي ريل جنهن جو نالو "دارجلنگ ميل" آهي، ڪلڪتو رواني ٿيڻي هئي. دارجلنگ کان ميرڪ تائين جو رستو ور وڪڙن وارو پر تما خوبصورت ۽ ساوڪ ڀريو هو. آس پاس چانهه جا باغات تمام گهڻي ايراضيءَ ۾ هئا ۽ ڪيترين جاين تي عورتون چانهه جي فصل جو چونڊبو ڪندي نظر آيون. ميرڪ کي هندستان وارن هڪ ٽوئرزم جي لحاظ کان ترقي وٺرائڻ شروع ڪئي آهي. هتي حسين ۽ ساوڪ ڀريل نظارن جي وچ ۾ ڍنڍ هئي، جنهن ۾ پيرن جي مدد سان هلائي سگهجندڙ ٻيڙيون



www.sindhsalamat.com

هيون ۽ ڍنڍ جي پاسن کان واهپي جي مختلف شين جا دڪان ۽ هوٽلون هيون. اسان اجا ڍنڍ تي پهتائي هئاسين ته ٿوري دير ۾ وڏڦڙو مينهن وسڻ شروع ٿي ويو ۽ اسان مان هر ڪو ڪنهن دڪان يا ڇپري هيٺ وڃي بيٺو ۽ برسات بند ٿيڻ کان پوءِ وري سيئي گهمڻ ڦرڻ ۽ تصويرن وٺڻ واري عمل ۾ مصروف ٿي ويا. منهنجي لاءِ ڪنهن پهاڙي علائقي ۾ واقع ڍنڍ ڏسڻ جو هي پهريون موقعو نه هو. پاڪستان ۾ جهيل سيف الملوڪ، سوات ۾ ڪالام کان اڳتي ميو ڍنڍ، اسڪردو ڏي ست پارا ڍنڍ ۽ شنگريل جهيل ڪيتر پيرا ڏسندو رهيو آهيان. هر علائقي جي پنهنجي سونهن آهي. اسڪردو ۾ شنگريلا ڍنڍ جي ڪناري ڳاڙهي رنگ جا هٽس پنهنجي انفراديت رکن ٿا. اهڙي طرح ميرڪ جي پاسي ۾ هڪ ننڍڙي بازار ۾ هوٽلون تمام خوبصورت ٺهيل هيون. انهيءَ لاءِ جو هتي گهمڻ ڦرڻ وارا تمام گهڻا اچن ٿا. اسان کي سنڌي ڳالهائيندڙ تمام گهڻا خاندان مليا، اُهي سڀ هندستان جي مختلف علائقن مان گهمڻ آيا هئا. حال احوال ڏيڻ وٺڻ تي گهڻو ڪري سندن وابستگي سنڌ جي لاڙڪاڻي ضلعي سان ٿي پڌائي وئي. ميرڪ ۾ هڪ سنڌي خاندان به مليو. ٿيو ائين جو سادن ڪپڙن پهريل هڪ پيڙهي سان جي رهبر ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب کان هنديءَ ۾ پڇيو ته اوهين ڪٿان جا آهيو ۽ جڏهن کيس خبر پئي ته اسين سنڌي آهيون ۽ سنڌ مان آيا آهيون ته هُنجا لڙڪ لڙي پيا. هن سيني کي گهر هلڻ جي صلاح ڪئي. ڊاڪٽر صاحب هامي ڀري ۽ چيو ته مانيءَ کان پوءِ اوهان سان وري ملون ٿا. ميرڪ ۾ رهندڙ هي واحد سنڌي خاندان اصل لاڙڪاڻي جو آهي، سندس مائٽ اجا بادهه ۾ رهن ٿا. نالو نند ڪمار بسنتاڻي ٻڌايائين، هو رٽائرمينٽ ک کان اڳ ڊارجلنگ ۾ ڪمشنر انڪم ٽئڪس هو ۽ هاڻي ميرڪ ۾ رهي ٿو.

ميرڪ جي هڪ سٺي هوٽل جي ريسٽورنٽ ۾، جنهنجو نالو "جگجيت ريسٽورنٽ"هو، اسان ماني کاڌي بعد ۾ مٿي ذڪر ڪيل نندڪمار بسنتاڻيءَ سان سيني ساٿين ملاقات ڪئي ۽ ٿي ويءَ جي ساٿين سندس انٽرويوڪارڊ ڪيو. هو شخص عجيب ڪيفيت ۾ مبتلا نظر آهو. ڪنهن وقت روئندو ته ڪنهن وقت وري کلندو پئي لڳو، شايد پنهنجن کي ڏسي خوش پئي ٿيو ۽ وطن جي پراڻن يادگيرين جا پاڇولا کيس روائاڙي رهيا هئا.

ميرڪ مان سانت نيو جل پاءِ گوري شهر ڏي وڌيو، جتان رات جو سادي ستين ڏاري " ڊارجلنگ ميل" جيڪا ائرڪنڊيشن ريل آهي، رات جو سفر ڪيوسين، گهڻو ڪري سڀ ٿڪل هئاسين ۽ سمهي پياسين.

نيو جل پاءِ گوري ريلوي جنڪشن کان ڊارجلنگ ميل رستي 16 جون جمعي جو ڏينهن هو جو صبح جو سادي ڇهين وڳي ڪلڪتي پهتاسون. ٻاهر سنڌي ڪائونسل آف انديا جا ساٿي آجيان لاءِ پهتل هئا ۽ دُرگا ٿاوراڻي، جيڪا دهلي ايئرپورٽ تي پڻ اسان جي آجيان لاءِ آئي. ڪلڪتي جي موسم صبح جو وقت هجڻ جي باوجود گرم محسوس ٿي، جنهن جو هڪ سبب اهو به هو جواسين ڊارجلنگ جي ٿڌين هوائن ۾ رهي موٽيا هئاسون. ميزبانن اسان جو سامان قولين کان کڻائي ٻاهر آندو ۽ اسان کي گاڏين رستي هوٽلن ڏي وٺي ويا، رهائش جو انتظام ٻن ويجهين هوٽلن ڪنيل ورٿ ۽ ميدلٽن ۾ رکيل هو. سڀ پنهنجي پنهنجي ڪمرن ۾ تازا توانا ٿيڻ لڳا.



www.sindhsalamat.com

## ڪلڪتو

ڪلڪتي پهچڻ وقت منهنجي ذهن ۾ مرزا غالب جون ٻه سٽون آيون، جيڪڏهن اردو شاعريءَ جي انهن ٻن سٽن جو سنڌي ۾ ترجمو ڪبو ته شايد هن ريت ڪري سگهان ؛

" ڪلڪتي جو جڏهن ذڪر ڪيو تواي همسفر،
هڪ آه نڪتي دل مان اهڙي جو هاءِ هاءِ "

مرزا غالب پنهنجي زماني ۾ انگريز بهادر کان پنهنجي پينشن جي پئسن جي تقاضا لاءِ دهليءَ کان ڪلڪتي جو سفر ڪيو هو ۽ واپسيءَ تي نه فقط پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪلڪتي شهر جو ، پر ڪلڪتي بابت پنهنجي رومانوي ۽ جمالياتي محسوسات جو پڻ ذڪر ڪيو هو.

ڪلڪتو هڪ خوبصورت شهرآهي. رود تمام وڏا ويڪرا، ڪشادا پارڪ، برطانوي دور ۾ جوڙيل ٻين علائقن وانگر انگريز دور جي طرز جون عمارتون، ڪلڪتي جي تاريخ مطابق 1860ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي هڪ ايجنٽ هن جاءِ کي ڪمپنيءَ جي ڪاروباري بيٺڪ طور چونڊيو. اوله طرف هُوگلي نديءَ جو پاٽ، اتر طرف پهاڙيون ۽ آس پاس جو خوبصورت ماحول " جاب چار نوڪ" لاءِ ڪلڪتي جي چونڊ جو سبب بڻيا. اُن وقت مغل بادشاهن ڪلڪتي جو علائقو جيڪو هڪ ڳوٺ وانگر هو، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي 300 روپيه ساليانو جي عيوض ڪاروباري استعمال لاءِ ڏنو. ڪلڪتي کان 60 ملين جي مفاصلي وارو شهر مرشدآباد اُن وقت بنگال جي گاديءَ جو هنڌ هو. 1856ع ۾ بنگال جي نواب سراج الدوله ڪلڪتي تي ڪاهه ڪري فتح حاصل ڪئي. پر 1857ع ۾ پلاسيءَ واري مشهور لڙائي ۾ رابرٽ ڪلائو نواب سراج الدوله کي شڪست ڏئي ڪلڪتي تي پنهنجو پرچم چاڙهيو. سن 1872ع ۾ ڪلڪتي کي بر طانوي راڄ جي رڄڌاني بڻايو ويو. برطانوي گونر جنرل وارنر هاستنگي مرشد آباد کان سمورا سرڪاري ۽ اهم دفتر ڪلڪتي منتقل ڪيا.

1912ع تائين ڪلڪتو هندستان جو دارالحڪومت رهيو ۽ پوءِ انگريزن دهليءَ کي تخت گاه ٺاهيو. 1947ع ۾ هندستان جي آزادي ۽ ملڪن جي ورهاڱي کان وٺي ڪلڪتو هندستان جي اوله بنگال جو گادي جو هنڌ آهي.

مدر ٽريسا ۽ ٽئگور جهڙين اهم شخصيتن جي نالي سان مشهور هن شهر کي علمي، ادبي ۽ ثقافتي لحاظ کان وڏي اهميت حاصل آهي، انڊين ميوزم ڪلڪتا، ايشيا جو وڏي ۾ وڏو عجائب گهر چيوويجي ٿو، جتي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي جا اهڃاڻ ۽ ماڊل رکيل آهن. وڪٽوريا ميموريل جو علائقو ڏاڍو ڪشادو ۽ خوبصورت آهي. بنگال جي عام علائقن وانگر هتي غربت هئي جنهن مدرٽريسا کي هڪ عظيم سماجي شخصيت واري حيثيت ڏني، مدرٽريسا جو پنهنجي انسان ذات لاءِ ڪيل خدمتن ۾ درس تدريس جو پڻ حصو آهي، هوءِ ڊارجلنگ ۾ استاد رهي ۽ ڪلڪتي جي سينٽ ميري اسڪول سان پڻ وابسته هئي.

ڪلڪتو پنهنجي مختلف تهوارن ۽ مخصوص مذهبي خوشيءَ جي ڏينهن ملهائڻ لاءِ به مشهور آهي. خاص ڪري دُرگا پوڄا يا ڪالي جي پوڄا هتي جو مشهور تهوار آهي، جيڪو ڪلڪتي ۾ خاص طور تي وڏي جشن طور ملهائبو آهي ۽ سڄو ماحول روشنين ۽ رنگينين سان ڀرپور هوندو اهي. گنگا ساگر، ڪرسمس، چائنيز نيوايئر پڻ وڏن تهوارن طور ملهايا ويندا آهن. هتي جا مسلمان پنهنجون عيدون به ملهائيندا آهن۽ محرم جي مهيني ۾ امام حسين جي ياد ۾ مجلسون ۽ جلوس پڻ ڪڍندا آهن. موسم گهڻو ڪري گرم رهي ٿي، البت سياري ۾ درجه حرارت 18 سينٽي گريڊ تائين به اچي ٿو.

منهنجي رهائش هوٽل ميڊلٽن ۾ هئي، جتي عثمان پنهور مون سان ساڳئي ڪمري ۾ هو. پر واري ڪمري ۾ ٻيا ساٿي غلام قادر ڦلپوٽو ۽ پير بخش رهيل هئا. ناز سهتو، سجاد سهاڳ، ضامن علي، واحد لاشاري ۽ ٽيم جا ٻيا ساٿي به انهيءَ ساڳئي هوٽل ۾ رهيل هئا. ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب جي رهائش هوٽل ڪينل ورٿ ۾ هئي. جيڪا ٿورڙي ئي پنڌ تي هئي. ڊاڪٽر صاحب 9 وڳي ڏاري اسان جي ڪمري تي آيو، ٻڌايائين ته هتي ويجهوئي هڪ شاپنگ مال آهي، اتان ٽيندو آيو آهي ۽ پ. سي. او. جي به سستي ۽ بهتر سهوليت آهي ۽ هو ڪراچي گهر وارن سان فون تي به ڳالهائي آيو آهي. پروگرام مطابق اسان کي منجهند جي مانيءَ لاءِ جمنا بنڪئٽ هال ۾ وٺي ويا، جتي سنڌي ڪائونسل آف انڊيا سئنيما هئي، بنڪئٽ هال ٿيڻ باوجود اڃا تائين جمنا سئنيما جي نالي سان مشهور آهي، هال ۾ ڪنوينشن اڃا هليو پئي ته اسان به شرڪت ڪئي، منجهند جي مانيءَ وقت ڪنوينشن جي پڄاڻي ٿي ۽ اسان جي شيڊول مطابق ساڳي جاءِ تي ٻئي ڏينهن يعني 17 جون ڇنڇر



www.sindhsalamat.com

ڏينهن اسان ڪي " انبو سنڌ ڪلچر اُستاد 2006" ۾ شرڪت ڪرڻي آهي، جنهن ۾ هند ۽ سنڌ جي اديبن ڪي ڏنل موضوعن تي مقالا پڙهڻا آهن، ۽ بعد ۾ انهن تي کُليل بحث مباحثو ٿيندو. منجهند جي مانيءَ لاءِ اٿياسين ته خبر پئي ته رينو پنهنجو پرس هال ۾ رکيو هو جيڪو مانيءَ جي وقفي دوران چوري ٿي ويو، جنهن ۾ رينو جا زيور، ڪارڊ ۽ پيو قيمتي سامان هو، رينو سال گڏ منتظمين پڻ ڳولا ۾ هئا ۽ پريشان ٻ، پر آخري وقت تائين خبر پيئي ته پرس نه مليو. طئي اهو ٿيل هو ته لنچ کان پوءِ رينو، ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب کي شاپنگ لاءِ وٺي ويندي پر پرس گم ٿيڻ واريءَ پريشانيءَ سبب ڊاڪٽر صاحب شاپنگ لاءِ چوڻ مناسب نه سمجهيو.

جمنا هال ۾ منجهند جي مانيءَ مان فارغ ٿياسين ته منهنجي لاءِ هڪ آزمائش جو مرحلو اچي نڪتو. اهو ائين ٿيو جو تاجل بيوس مونکي ٻڌايو ته ٿوري دير ۾ ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ۽ لڇمڻ ڪومل اوهان کي سياڻي واري مقالن جي نشست لاءِ مقالو لکڻ لاءِ چوندا ۽ ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب منتظمين کي اهڙي پڪ ڏياري چڪو آهي. ٿوري دير ۾ واقعي لڇمڻ ڪومل ۽ ڊاڪٽر صاحب گڏيل طور تي ٻڌايو ته مقالن جي هر ويهڪ ۾ ٻه مقالي نگار، هڪ سنڌ جو ۽ ٻيو هند جو ، ساڳيءَ موضوع تي مقالا پڙهندا، بعد ۾ کليل بحث ۽ سوال جواب ٿيندا. صبح واري ويهڪ ۾ مقالي لاءِ قمبر شهباز صاحب آيل آهي، البت ٻي نشست لاءِ جنهن اديب کي دعوت ڏني وئي هئي. اهو نه ته پاڻ اچي سگهيوآهي ۽ نه ئي مقالو موڪيل اٿس، انهيءَ ڪري اسان فيصلو ڪيو آهي ته اهو مقالو اڄ ئي رفيق جعفري لکندو ۽ سياڻي جي نشست ۾ پيش ڪندو، ۽ بعد ۾ عام بحث‌ءِ دوران اُن مقالي جي مناسبت سان پڇيل سوالن جا جواب ڏيندو. موضوع آهي، " ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ عورتن جي مزاحمتي ڪردار بابت سنڌي ناولن ۽ ڪهاڻين ۾ لکيل ادب" جڏهن ته سنڌي شاعريءَ ۾ مزاحمتي ادب تي محترم قمر شهباز پنهنجو مقالو پاڻ سان کڻي آيو هو. فوري طور ذهني طرح سان تيار انهيءَ ڪري ٿيڻو پيو جو ڊاڪٽر صاحب اها ڳالهه قبول ڪئي هئي ۽ منهنجي لاءِ اها اعزاز جي ڳالهه ٻه هئي ته مون تي اعتماد ڪيو ويو آهي، ٻيو ته هند ۽ سنڌ جي ناميارن اديبن جي ميڙ ۾ سنڌ جي ليکڪ طور پيش ٿيڻ خود هڪڙي فخر جي ڳالهه هئي. اها ٻي ڳالهه ته ٿورڙي پريشاني ضرور محسوس ڪيم ته جنهن جاءِ هيترا سارا ادبي اسڪالر موجود هجن ۽ بين الاقوامي معيار جو ميڙ آهي، اُتي پيش ٿيندڙ مقالو تحقيقي لحاظ کان ۽ مواد جي لحاظ کان ٻه اهڙوئي هجڻ گهرجي، جنهن لاءِ تحقيقي مواد ٻه موجو د ڪونهي ۽ وقت ٻه ڪونهي. ذهني طور تي پاڻ کي تيار انهيءَ ڪري سمجهيم ته مون کي جيڪو موضوع ڏنو ويو هو، انهيءَ لاءِ ٻڌايو ويو هو ته اسان اوهان کي موضوع ٻه ڏکيو ڏنو آهي، پر مون کي پنهنجي مطالعي جي بنيادن تي پنهنجي حافظي تي اعتماد هو. انهيءَ ڏينهن جي پروگرامن مطابق اسان جو سڄو ڏينهن مصروف هو. رات 12 وڳي تائين هوٽ ڪينل ورٿ ۾ رکيل ميوزيڪل پروگرام ۾ رهياسين. مقالي لکڻ جو فڪر ٻه هو. ميوزيڪل پروگرام کان ڪجهه دير اڳ ڪمري تي ڪجهه صفحا لکي ورتم ۽ ڊاڪٽر صاحب جي ڪمري تي وڃي ڏيکاريم. ڊاڪٽر صاحب چيو ته هاڻي آءٌ لڇمڻ کي وري ٻه پڪ ڏيارڻ جهڙو آهيان ته رفيق مقالو پيش ڪندو. رات جو 12 وڳي هوٽل جي ڪمري ۾ وري لکڻ لاءِ ويٺس ته منهنجو ساٿي عثمان پنهور جيڪو تمام سُريلا موسيقيءَ جا پروگرام آرگنائيز ڪندو آهي، اوچتو وڏن کونگهرن سان ڪمري کي گونجائڻ لڳو، پهرين ته سندس کونگهرن جي پرواهه نه ڪندي لکڻ جي ڪوشش ڪيم، پر نه لکي سگهيس، سُمهڻ جي ڪوشش ڪيم ته ٿوري دير ۾ همراهه جاڳيو، چيو مانس ته جيڪڏهن سياڻي هن مقالي پيش ٿيڻ وقت مونکي هال مان غائب ٿيڻو پيو ته سڄو ڏوهه تنهنجي کونگهرن جو هوندو. اڪيون مهٽيندي چيائين، يقين ڪريو ته مون پنهنجو هڪ ٻه کونگهرو نه ٻڌو آهي، صبح جو سوير اٿي نيراني چانهه جي عادت اٿم، چانهه پي لڳي ويس لکڻ کي ۽ ڏهکن ٿيا هوندا جو مون مقالو لکي مڪمل ڪيو.

## سُرسر حدون اڪرن ٿا ڪلڪتا شو

هوٽل ڪنيل ورٿ ڪلڪتي جي هيءَ هڪ يادگار شام هئي، جتي ڪٿڪ ناچ جنهن کي انساني عضون جي شاعري ٻه سڏيو ويو آهي، ۽ موسيقي ته هونئن بروح جي غذا آهي، مون هن تقريب کي اُهو ئي عنوان ڏنو آهي، جنهن سان ڪي. ٽي. اين. ٽي وي وارن انهيءَ پروگرام جي ڪجهه حصن کي ٽيليڪاسٽ ڪيو آحي. يعني سُر سرحدون اُڪرن ٿا.

هوٽل جي هيٺانهين حصي ۾ هڪ خوبصورت هال ۾ اسٽيج تي هڪ خوبصورت چوڪري جيڪا ڪٿڪ ناچ جي لباس ۾ هئي. مائڪ تي ڳالهائڻ آئي. آءٌ هُن کي باوجود انهيءَ جي جو هُن پنهنجي عمر 60 سالن کان مٿي ٻڌائي ڪيس چوڪري ئي سڏيندس جو هوءَ ايڏي وڏي چمار جي لڳي ڪو نه ٿي، هُن سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو، پنهنجو نالو راني ڪرنا ٻڌايائين. لاڙڪاڻي جي سنڌي خاندان ۾ جنم وٺندڙ هن ناريءَ جي اوڙيسا ۾ شادي ٿي، هندستان جو بنگاليءَ سميت



www.sindhsalamat.com

مختلف زبانون ڄاڻي ٿي، هندستان کان سواءِ پاڪستان ۾ ٻين ملڪن ۾ ٻہ ڪٿڪ ناچ جو مظاهر ڪري چُڪي آهي. سندس خواهش آهي تہ هوءَ وري پاڪستان اچي ۽ سنڌ ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري. ساڻس ٻہ خوبصورت نوجوان بنگالي ڇوڪريون هيون، جن سندس ناچ دوران سندس ساٿ ڏنو.ڪٿڪ ناچ جو مفهوم ئي آهي تہ ناچ وسيلي ڪٿا يا ڪا داستان بيان ڪرڻ ۽ سمجھائڻ. ڪٿڪ ناچ ۾ پنهنجي اشارن ۽ ادائن سان ماحول ۾ شاعريءَ کي عيان ڪيو ويندو آهي. راني جو ناچ تہ پنهنجي جاءِ تي پر سندس سنڌيءَ جو ڳِھالھايل لفظ مون کي گھڻو متاثر ڪيو، ائين لڳوتہ هو ءَ تعليم يا فتہ هئڻ سبب پنهنجن جملن کي ادبي انداز ۾ پيش پئي ڪري، جنهن جي داد هر ڪنهن جي دل ۾ محسوس پئي ٿيو. ڪٿڪ ناچ ۾ اسان وٽ سنڌ ۾ رواج ڪونهي. مون کي ياد آهي تہ گھڻا سال اڳ ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت طرفان شيخ اياز جي حياتي ۾ ڪيس مڃتا ڏيڻ لاءِ رچايل هڪ شام ۾ شيما ڪرمانيءَ شيخ اياز جي شاعري، ” هي گيت اجايل مورن جا“ تي ناچ ڪيو هو ۽ منهنجي يادگيريءَ ۾ پيو ڪو ٻہ اهڙو مثال نٿو ملي ۽ ڪو ٿيو ٻہ هوندو تہ آءُ فقط شيخ اياز جي انهيءَ شام ۾ اهو ڏسي سگھيو هئس. ڪٿڪ ناچ جي اٽئم کان پوءِ ڪلڪتي جي غزل گائيڪا ارونا ڪندناني پنهنجي موسيقار صابر علي خان سان گڏ تي اُردو غزل ڳائي محفل کي مچايو، جنهن بعد سجاد سهاڳ، هند ۽ سنڌ جي سنڌي فنڪارن سان سنڌي سنگيت جي محفل جي شروعات ڪئي، جنهن ۾ سنڌ مان آيل فنڪارن مان ضامن علي، ديبا سحر، واحد لاشاري ۽ ماريا بلوچ پنهنجو فن پيش ڪيو، جڏهن تہ هن جي فنڪارن ۾ اُما لالا ۽ ڪاجل چنديراماڻي هيون، اُما لالا کي هن کان اڳ دهليءَ واري پروگرام ۾ ٻہ ٻڌي چڪو هوس ۽ هوءَ ڊسمبر 2004ع ۾ هندستان مان آيل وفد ۾ ٻہ شامل هئڻ سبب سنڌ ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪي هئي، جڏهن تہ ڪاجل کي مون پهراين ڀيرا ٻڌو هو. هوءَ هندستان ۾ سنڌي موسيقيءَ فن جي پارکورام پنجواڻيءَ جي ڏوهٽي آهي. هُن محفل ۾ مصري شاهہ ۽ تاجل بيوس جا ڪلام ڳايا. محفل رات جو سادي يارهين ڏاري پڄاڻي تي پهتي.



www.sindhsalamat.com

## انڊو - سنڌ ڪلچرل اُتساد 2006ع

17 جون ڇنڇر جو ڏينهن، ڪلڪتي خاص ڏينهن هو جنهن تي نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگويج ۽ سنڌي ڪائونسل آف انڊيا جي ساڻ سان جمنابنڪئٽ جي آرڪيڊ هال ۾ صبح جو 9 وڳي کان ” انڊو - سنڌ ڪلچر 2006ع“ لاءِ شرڪت ڪندڙن جي رجسٽريشن شروع ٿي، ميڙاڪي ۾ اسان جي وفد سان گڏ آيل اديبن، شاعرن، جنڪارن، شگا جي اڳوڻن ۽ ميڊيا جي نمائندن کان علاوه هند جي چونڊ اديبن، شاعرن ۽ ميزبان ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي. صدرات سگا جي سرواڻ ۽ وفد جي اڳواڻ ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ڪئي، جڏهن ته شري سريش ڪيسواڻي خاص مهمان هو. ڊاڪٽر صاحب ۽ شري ڪيسواڻيءَ سان، محترم قمر شهباز، جناب جٽس رٽائرڊ اندرسين ايسراڻي، شري لڇمڻ ڪومل ۽ ومي سدارنگاڻي منچ (اسٽيج) تي ويٺل هئا. هن ڪانفرنس جون ٻه ويهڪون ٿيڻون هيون، جن مان پهرين نشست سنڌي مزاحمتي شارعريءَ تي مقالن بابت هئي، جڏهن ته ٻي نشست سنڌ ۾ ناول ۽ ڪهاڻين ۾ عورت بابت لکيل مزاحمتي ادب متعلق مقالن جي هئي.

پهرين نشست جي شروعات ۾ جناب سريش ڪيسواڻيءَ هن ڪانفرنس جي مقصدن تي روشني وڌي، جن ۾ هن چيو ته سنڌي ٻولي ۽ ادب جي واڌاري لاءِ اپاءُ وٺڻ، ٻوليءَ جي معيار کي مٿانهون رکڻ ۽ خاص طور تي هند ۾ نئين نسل کي سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت کان واقف رکڻ آهي.

سريش ڪيسواڻيءَ جي ڪانفرنس بابت وضاحت کان پوءِ بيٺڪ جي باقائده شروعات ٿي، جنهن لاءِ هند جي سنڌي فنڪارائن، اُما لالا ۽ ڪاجل چنڊير اماڻيءَ انتهائي پياري ۽ پراعتماد انداز ۾ دعائيه گيت، ” منهنجي ٻيڙي پار لڳاءِ “ ڳايو. ڪانفرنس جي ڪاروائي ومي سدار نگاڻيءَ هلائي. لڇمڻ ڪومل هن سڄي ميڙاڪي ۽ پروگرام جو مک سهڪاري هو، جنهن اتساو بابت ٻڌايو ته هيءَ ميڙاڪو سنڌ ۽ هند جي ماڻهن جي وچ ۾ رابطي لاءِ هڪ پُل سمان آهي. سندس ويچار هئا ته پيش ٿيندڙ مقالا صحتمند ذهنن جي ادبي خوراڪ آهن ۽ شاعريءَ متعلق پڙهيل هي مقالا ثابت ڪندا ته شاعري پيغمبرن جي صفت آهي، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي چواڻي ” جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين.“ شري لڇمڻ وڌيڪ چيو ته هن ۾ رهندڙ سنڌي پنجاهه لکن کن آهن، جڏهن ته سنڌي ڪائونسل آف انڊيا جي ڪٿ مطابق ستر لک آهن.

ومي سدار نگاڻي ڪاروائي هلائيندي سنڌي مزاحمتي شاعريءَ تي جناب قمر شهباز کي ۽ احمد آباد، هند سان تعلق رکندڙ ناليواري سنڌي زبان جي شاعر واسديو موهيءَ کي مقالن جي دعوت ڏني، جنهن بعد مقالن تي کليل بحث ٿيو ۽ سوال جواب ٿيا. بحث ۾ حاضرين مان امر دولتاڻي، تاجل بيوس، ناز سهتو، ستيش روهڙا، ارشاد قمر ۽ ليکڪ پنهنجا رايا ڏنا.

آخر ۾ هن بيٺڪ جي ڪاروائي سميٽڻ لاءِ نشست جي صدر جناب ڊاڪٽر سليمان شيخ پنهنجي صدارتي تقرير ڪئي، جيڪا هن ڪانفرنس جي رپورٽ جي ٻي نشست جي احوال جي آخر ۾ ڏنل آهي.

منجهند جي مانيءَ جي وقفي کان پوءِ اٽڪل 3 ٿيا هئا ته ڪانفرنس جي ٻي نشست شروع ٿي، جنهن لاءِ اسٽيج تي سريش ڪيسوائي، جسٽس رٽائرڊ ايسراڻي، لڇمڻ ڪومل، جڳديس لڇاڻي کان سواءِ بحيثيت مقاله نگار جي مون کي پڻ ويهڻ جي دعوت ڏني وئي. هن نشست ۾ ٻه مقالا پيش ٿيڻا هئا، جن ۾ سنڌ مان آيل مهمان مقاله نگار طور مقالو مون کي پڙهڻو هو. منهنجي مقالي جي شروعات ۾ لڇمڻ ڪومل منهنجو تعارف ڪرايو. مقالي جو موضوع هو ” سنڌ ۾ ناول ۽ ڪهاڻيءَ ۾ عورت بابت لکيل مزاحمتي ادب“

اسٽيج تي ويٺل ٻين اديبن پڻ انهيءَ موضوع جي وضاحت ۽ منهنجي لکيل مقالي سان وابسته توقعات جو حوالو ڏنو، جن مقالي جي موضوع تي ڳالهايو، انهن ۾ جسٽس ايسراڻي، لڇمڻ ڪومل به شامل هئا.

مون سنڌي عورت جي سجاڳيءَ مزا حمتي ادب جي ترقيءَ تي مختلف دورن ۾ لکيو ويندڙ ادب، اُن جي تخليقڪارن ۽ لکڻين جي حوالي سان پنهنجو مقالو تيار ڪيو هو، جن موضوعن جو مون ذڪر ڪيو، انهن ۾ سنڌي عورت جي علم حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ، سنڌ ۾ زمانن کان رائج رسمن جهڙوڪ ڪارو ڪاري، ننڍپڻ جون شاديون، مذهبي ڪتابن سان پرڻو، زوريءَ جو پرڻو، ٻين فرسوده رسمن خلاف علمي ۽ ادبي جاکوڙ جو احوال شامل هو. هن سلسلي ۾ مون پنهنجي مقالي ۾ جن اديبن جي لکڻين جو ذڪر ڪيو انهن ۾ امر جليل، جمال ابڙو، ثميره زرين، مهتاب محبوب، نورالهديٰ شاهه، خيرالنساءِ جعفري، فهميده حسين ۽ ٻين لکيڪن ۽ ليکڪائن جا حوالا ڏنا هئا.

هن نشست جي عام بحث ۾ جن اديبن حصو ورتو، انهن ۾ جناب قمر شهباز، لڇمڻ ڪومل، جسٽس ايسراڻي، ومي سدار نگاڻي ۽ ٻيا شامل هئا.



www.sindhsalamat.com

مون مٿي ذڪر ڪيو آهي ته هي مقالو سنڌ جي هڪ وڏي اديب کي لکڻ لاءِ چيو ويو ۽ سندس نه اچي سگهڻ جي صورت ۾ ميزبانن توقع ڪئي هئي ته هو پنهنجو مقالو ڏياري موڪليندو، پر ٻئي ڳالهيون نه ٿي سگهڻ جي صورت ۾ هڪ ڏينهن اڳ ۾ ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب کي گذارش ڪئي ويئي هئي ته هن موضوع تي سگهو طرفان ڪو ساٿي مقالو لکي ۽ پيش ڪري ريسرچ مٽيريل جي عدم موجودگي ۽ گهٽ وقت ۾ لکيل هن مقالي تي مون کي برک اديبن طرفان هلندڙ نشست ۾ سندن راءِ جو انتظار هو، جنهن لاءِ پهرين جناب قمر شهاز ڊائس تي آيو. قمر صاحب منهنجي مقالي بابت راءِ ڏني ته، ” اسان دراصل رفيق سان اها زيادتي ڪئي، جو هڪ ته هُن کي جيڪو موضوع ڏنوسين، اهو ڏکيو هو ۽ وقت به ڪو نه هو. پر اسين سڀ محسوس ڪريون پيا ته هُن انهن سيني  ڳالهين جي باوجود سٺي نموني نباهيوآهي. قمر صاحب انهيءَ ساڳئي موضوع تي ڪافي دير ڳالهايو. ساڳين ۽ ڪجهه اضافي حوالن سان لڇمڻ ڪومل پڻ ساڳين خيالن جو اظهار ڪيو ۽ انهيءَ موضوع تي لکيل ج .ع. منگهاڻيءَ جي لکڻين جي ذڪر جو اضافو ڪيو. ڪجهه دير انهيءَ موضوع تي سوالن جوابن کان پوءِ هن ڪانفرنس جي پڄاڻيءَ تي جناب سريش ڪيسواڻيءَ سيني شريڪ حاضرين جو شڪريو ادا ڪيو ۽ اها توقع ظاهر ڪئي ته هن قسم جا ميڙ سنڌي ٻولي ۽ ايندڙ نسلن جو هڪ ٻئي سان سنڌيت جي ناتي رابطن کي وڌائڻ جو سبب بڻبا رهندا، سريش ڪيسواڻي کان اڳ جسٽس ايسراڻي ۽ لڇمڻ ڪومل پڻ نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگويج ۽ سنڌي ڪائونسل آف انڊيا جي ڪارڪنن جي محنت جو ذڪر ڪيو، جن هن ڪانفرنس کي ڪامياب بڻايو.

هتي آءُ ضروري ٿو سمجهان ته سنڌي ڪائونسل آف انڊيا ايسٽ زون جي گورننگ باڊيءَ جي اهم ميمبر ڊاڪٽر دُرگا ٽا وراڻيءَ جي انهن ڪوششن جي ساراهه ڪريان جو هن نه فقط ڪانفرنس جي ڪاميابيءَ لاءِ اڻ ٿڪ محنت ڪئي، پر سنڌ جي وفد ۾ شامل هر ميمبر جي آجيان ۽ سارسنڀال ۾ ڪابه گهٽتائي نه ڪئي. اندو سنڌ ڪلچر اُتساو ۾ ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب جو صدارتي خطاب هن ريت هو.



www.sindhsalamat.com

## انبو سنڌ ڪلچر اتساو 2006، ڪلڪتي ۾
## ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب جو صدارتي خطاب

منهنجي لاءِ هي سڀاڳو ڏينهن آهي جو مون کي هن وڏي ادبي سيمينار جي صدارت جو اعزاز ڏنو ويو آهي، ان لاءِ آئون اوهان سڀني جو ٿورائتو آهيان

سنڌي ٻولي پنج هزار سالن کان مروج آهي، دنيا جي ٻولين جي ماهرن ۾ کوجنا ڪرڻ وارن جو خيال آهي ته سنڌين سڀ کان اڳ لکڻ جو هنر سکيو هو، موئن جي دڙي مان لڌل مُهرن کي فنليند، جرمني ۽ ٻين ملڪن ۾ پڙهڻ جا جتن ڪيا پيا وڃن ۽ ترت ڪجهه نتيجن مان اها پروڙ پوي ٿي ته هنن مُهرن جي ٻولي سنڌيءَ سان لاڳاپيل آهي.

ٻوليءَ جو واڌارو حالتن سان جڙيل آهي. سنڌي هڪ پرامن قوم رهي آهي، هنن تي جنگيون مڙهيون ويون،پر تاريخ جي چاڻ موجب سنڌين اڳرائي نه ڪئي.

اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي
پاند ۾ پائي ، ويو ڪيني وارو ڪين ڪي.
(شاهه)

پر سنڌي ثقافت ۾ واڌارو ٿيندو رهيو آهي، جنهن ۾ لباس، اٽي ويهڻي، رسم رواج، سنگيت، ڏيتي ليتي ۽ وڻج واپار اچي وڃن ٿا.

سنڌين ڪاروبار کي به ثقافت طور ترقي ڏني. سوين سال اڳ اسان کي سنڌي واپاري ڏورانهن ملڪن طرف ويندي ڏسجن ٿا ( شاهه لطيف جو سر سامونڊي، ان اتهاس جو حوالو آهي) ۽ انهن پنهنجي ايمانداري، نج شين جي واپار، واپاري رسمن ۽ ناڻي کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ محفوظ طريقي سان موڪلڻ لاءِ هنڊيءَ جهڙو طريقو ايجاد ڪيو، جيڪو اڄ جي ماڊرن بئنڪنگ سرشتي جو بنياد بڻيو.

سنڌي ادب ۾ شاعري هڪ بنياد پيدا ڪيو آهي، جنهن وسيلي سنڌي ٻولي، رتيون رسمون ، تاريخ، سنڌي اتهاس جا قصا ۽ ڪهاڻيون عام ماڻهن تائين پهتا ۽ ان سگهاري طريقي وسيلي سنڌيت جو ڦهلاءُ ٿيڻ ممڪن ٿيو آهي . هن وقت به سڄي دنيا ۾ رهندڙ سنڌي شاعريءَ وسيلي پنهنجي سڃاڻپ کي قائم رکي سگهيا آهن.

سنڌي شاعريءَ ۾ هر دور ۾ مزاحمت جو عنصر چٽو نظر اچي ٿو. پر ان جا رنگ ۽ روپ مختلف آهن. سنڌي شاعريءَ جو پهريون دور ڪلاسيڪي دور آهي، جيڪو پنج سو کن سال اڳ کان شروع ٿئي ٿو، ان ۾ مذهبي رنگ آهي، اڳتي هلي ان شاعريءَ ۾ تصوف ۽ ويدانت جو عنصر اڀري ٿو. ان دور جي حالتن مطابق اها مزاحمت ڏانهن پهرين وک هئي.

ٽپي ڪندين ڪوهه، ڏونگر ڏکوين کي
تون جي پهڻ پٻ جا ته لڳ منهنجا لوهه،

ايڪ قصر در لک، ڪوڙين ڪُنس ڪڙڪيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

(شاهه)

ڪوڪيئن چوئي ڪوڪيئن چوي،
مان جوئي آهيان سوئي آهيان،

( سچل)



www.sindhsalamat.com

ڪلاسيڪي دور کان پوءِ انگريز حڪومت جي غلاميءَ وارو دور اچي ٿو، جنهن ۾ آزاديءَ جي هلچل جي جوت شاعريءَ تي به اثر انداز ٿئي ٿي. پر ان دور ۾ سينڌ ۾ مارئي ڳائي ويندي هئي.

مهاڀاري لڙائي ۽ ان کان پوءِ آزاديءَ جي هلچل سنڌي ادب تي وڏو اثر وڌو، سنڌي ادبي سنگت جو بنياد سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ شاعريءَ ۾ نواڻ جا نوان دروازا کوليا.

ورهاڱي کان پوءِ ڪجهه وقت لاءِ سنڌي ادب سڪتي جي ڪيفيت ۾ اچي ويو.

پنجاهه جي ڏهاڪي ۾ سنڌي شاعري سنڌ جي سياسي حالتن جو اثر سنڌي ادب تي نمايان نظر اچي ٿو. اهو عمل اڄ به جاري آهي .

ايڪويهين صدي ۾ " دنيا هڪ ڳوٺ" واري هلچل اسان جي ادب لاءِ نئين للڪار پيدا ڪئي آهي، منهن جي خيال ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ ايترو سواد ۽ مواد آهي، جيڪو سنڌي ادب کي نئين دنيا جي ضرورتن مطابق نئون روپ ڏئي پيو. اسان جو نوجوان نسل سنڌ ۽ هند ۾ ان للڪار کي سامهون رکي اڳتي وڌي پيو.

مون کي اميد آهي ته هن قسم جا سيمينار ۽ ڪانفرنسون سنڌي ادب ۽ سنڌيت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ اثر وارا ثابت ٿيندا.

واسديو موهيءَ جي لفظن ۾

ڪنهن رڳو آڏا ڦڏا جــذبا سنيــاليا پاڻ وٽ،
ڪو صحيح احساس پائي، مان پڙاڏو ٿي پوان.

سدا خوش هجو شال

**ڊاڪٽر سليمان شيخ**



www.sindhsalamat.com

## ڪلا مندر ڪلڪتي ۾ راڳ رنگ

ڪلڪتو شهر تاريخي ثقافتي ورثي سان مالا مال شهرهجڻ سبب راڳ ۽ رقص جو بہ مرڪز آهي، هتي ناچ ۽ راڳ جا تمام گهڻا انسٽيٽيوٽ آهن، جتان سکيا ۽ سندون ڏنيون وڏينديون آهن. بالي وُڊ جي هندي توڙي بنگالي فلمن ۾ ڪلڪتي جي ڪلا جو وڏو حصو رهندو آيو آهي.

سنگيت ڪلام مندر نالي شهر جو هڪ وڏو آڊيٽوريم آهي، جتي اچوڪي شام سُرن جي ساٿ سان گذارڻي هئي. پروگرام ڇهين وڳي شروع ٿيو. جيئن اسين پنهنجي مذهبي طريقي سان پروگرام تلاوت ڪلام پاڪ سان شروع ڪندا آهيون، اهڙي طرح ڪلڪتي جي ميزبانن گڻيش ساڌواڻي نالي نوجوان فنڪار کي پيش ڪيو، جنهن پنهنجي مذهبي طريقي سان ڀڄن ڳايو، جنهن بعد ڪاروائي ومي سدار نگاڻيءَ هلائي. موسيقيءَ جي پروگرام کان اڳ تقريرن جو سلسلو هو، جنهن لاءِ شري سريش ڪيسواڻي، جناب ڊاڪٽر سليمان شيخ، قمر شهباز، جسٽس رٽائرڊ ايسراڻي ۽ جناب ڊاڪٽر سليمان شيخ، قمر شهباز، جسٽس رٽائرڊ ايسراڻي ۽ ڪائونسل جي ٻين عهديدارن کي اسٽيج تي گهرايو ويو. ڪائونسل آف انڊيا طرفان مجاتا ( ايوارڊ) منڊل جي مختصر تقريب ۽ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طرفان آنڊل تحفا، جيڪي شيلڊن۽ اجرڪن جي صورت ۾ هئا، اُهي پڻ ورهائڻ وارو عمل هن پروگرام ۾ جو حصو هئا.

سنڌي ڪائونسل آف انڊيا جي نئين چونڊيل صدرطور جسٽس رٽائرڊ اندرسين ايسواڻيءَ جي مختصر تقرير سان شروعات ٿي، جنهن ۾ دنيا ۾ رهندڙ سنڌين کي پنهنجي سڃاڻپ قائم رکڻ۽ ڳانڍاپي لاءِ اتساهہ هئا.

جناب قمر شهباز کي مون اڪثر پڙهيو بہ آهي، ڪافي جاين تي سندس مقالا ۽ تقريرون روبرو بہ ٻڌندو رهيو آهيان، پر ڪلامندر جي هن هال ۾ پنهنجي آس پاس هڪ عجيب جذباتي ڪيفيت نظر آئي. قمر شهباز پنهنجو مقالو ورهاڱي کان اڳ گڏ جي رهڻ، ورهاڱي ۾ وڇڙي وڃڻ ۽ اُن کان پوءِ هڪٻئي  کان خاص طور تي سنڌ کان ڌار ٿي ويندڙن جي ذهنن ۽ دلين ۾ سنڌ لاءِ جيڪا سڪ ۽ پنهنجائپ آهي، انهن سيني ڪيفيتن جي اهڙي انداز سان منظر نگاري ڪئي جو آس پاس سڄو ماحول غمگين ٿي ويو.

ڊاڪٽرن سليما شيخ صاحب ۽ شري سريش ڪيسواڻيءَ تمام مختصر تقريرون ڪيون، جنهن جو ڪارڻ قمر شهباز جو طويل مقالو ۽ ڪائونسل جي ڊائريڪٽر پشپ لتا جي هنديءَ ۾ ڊگهي تقرير سبب موسيقيءَ جي محفل کي دير ٿيڻ هئي.

ڊاڪٽر سليمان شيخ ۽ سريش ڪيسواڻي ٻنهي انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏنو تہ آئنده پڻ هن قسم جا پروگرام ٿيڻ گهرجن ۽ وفدن ۾ نوجوانن  سان گڏ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ سنڌي ماڻهن جا وفد هڪٻئي جي ملڪن ڏي  ميل ميلاپ ڪندا رهڻ گهرجن.

هن ميڙاڪي ۾ سنڌي ڪائونسل جي ايوارڊ کان پوءِ سگا پاران ڪائونسل جي مُک ميمبرن کي ايوارڊ ۽ اجرڪون ڏنيون ويون، جنهن لاءِ مختصر تقريب طور عثمان پنهور ڪاروائي هلائي ۽ ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ايوارڊ ۽ اجرڪون ورهايون.

موسيقيءَ جي محفل ۾ هند جا ٽي فنڪار. اُما لالا، گڻيش ساڌواڻي ۽ ڪاجل چنڊير اماڻي هئا، پروگرام هلائڻ لاءِ سجاد سهاڳ ڪاروائي شورع ڪئي. ڪلڪتي جي ماڻهن جي موسيقيءَ سان دلچسپي مشهور آهي. خوب داد ٿي ڏنائون، سنڌ مان آيل وفد جي فنڪارن ديبا سحر، ضامن علي، واحد  لاشاري، هر سن ڀڳت، پورو ڀڳت ۽ ماريا بلوچ گهڻو داد ماڻيو. خاص طور تي ديبا سحر ۽ ڪاجل چنڊيراماڻي جي ڳايل ڪلامن وقت ماڻهو اسٽيج تي اچي نچڻ لڳا. سموري هال ۾ حاضر ماڻهن جو ڌيان اوچتو اسٽيج تي نمودار ٿيندڙ هڪ ٻن اڍائي سالن جي نينگريءَ ڏي ويو، جنهن ڀڳت ڪنور رام جي ڳايل هڪ گيت تي اچي نچڻ شروع ڪيو، ڀڳت ڪنور رام جو هي ڪالم جنهن وقت هر سن ۽ پُورو ڀڳت ڳائي رهيا هُئا تہ هوءَ  ٻارڙي ڪلام ۽ اُن جي ردهم سان گڏ پنهنجا پير ڪئي سُر تال سان ناچ ڪندي رهي. هندستان ۾ ناچ ڊرمي توڙي ثقافتي تقريبات جو حصو آهي، پر ايتري ننڍڙي عمر جي نينگريءَ کي ايتري اعتماد سان وڏي هجوم ۾ اسٽيج تي اچي ناچ ڪندي ڏسي هر ڪنهن جي توجهہ اُن ڏي رهي.

رات جو ساڍي يارهين وڳي هي پروگرام پڇاڙيءَ تي پهتو. پروگرام ختم ٿيڻ کان ٿورڙو پهرين ڪاجل چنڊي راماڻي جهولي لال جي وائي ڳائي، جنهن کي گهڻو ڪري هند ۾ هندڙ سنڌي ماڻهو پنهنجي تقريبات جي پڇاڙيءَ مهل جهولي لال جو "پڏءَ جهلڻ" چوندا آهن، جيڪا هڪ قسم جي دُعا هوندي آهي. ڪاجل چنڊيراماڻي جي ڳايل جهولي لال دوران هال ۾ آيولال جهولي لال جا نعرا گونجندا رهيا. جهولي لال جي حوالي سان،  هتي رهندڙ سنڌين پنهنجي سڃاڻپ هندستان جي ريتن رسمن کان ڪجهہ مختلف رکي آهي. سنڌي هر سال چيٽي چنڊ نئين سال طور ملهائيندا آهن. هاڻي تہ دنيا جي گولي جي چوڌار جتي جتي



www.sindhsalamat.com

۽ سنڌي واپاري رهن ٿا، اُهي هر سال چيٽي چنڊ جو ڏينهن اوتار طور جهولي لال جي پوڄا ڪن ٿا ۽ اهو پڻ محسوس ڪيوسين ته ڪنهن سان ملڻ وقت يا فون تي سلام دُعا ڪرڻ لاءِ " جيئي جهولي لال" چون ٿا، اهو جهولي لال سان عقيدت جي عڪاسي ڪندڙ عمل آهي. جهولي لال جا مندرپڻ جوڙيا اٿن.

18. جون آچر جو ڏينهن هو، اسان کي منجهند جو ٻارهين وڳي روانگيءَ لاءِ تيار رهڻو هو، جو اسٽيشن تائين وڃڻ لاءِ گاڏيون اچڻيون هيون. صبح جو عثمان پنهور کي چيم ته يار پاڻ ادبي ڪانفرنس ۽ موسيقيءَ جي پروگرامن ۾ مصروف رهيا آهيون، ڪلڪتي شهر جي ميار رهجي ويندي ته هلندي ڦرندي ته ڏٺوسين پر گهميا نه آهيون، ايتري ۾ اسان جي ساٿي غلام قادر ڦلپوٽي اعتراف ڪيو ته جنهن وقت اوهين ادبي ڪانفرنس ۾ هئا، هو ڪلڪتو گهمندو رهيو آهي ۽ ڪافي جايون ڏسي آيو آهي، غلام قادر ڦلپوٽي کي مون شروع کان ئي ڏٺو ته ڪاهوڙي ماڻهو آهي، دارجلنگ ۾ هئاسين اُتي به پهاڙن جا چڙهائي وارا پنڌ صبح ساڻ ڪري ايندو هو. آگري ۾ صبح جو سوير هوٽل کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي تاج محل کي به اسان کان وڌيڪ ڀيرا پيرين پنڌ ڏسي آيو هو، چيم چڱو جو هاڻ اسان سان گڏ ڪلڪتي جو سونهون ساڻ آهي، ۽ ڏينهن اڳ سڀ جايون ڏسي آيو آهي، هاڻ هي اسان کي پاڻ گهمائيندو. ٿيو به ائين. گاڏي ۾ وڃي ڪلڪتي جا اهم علائقا گهميا سين، جن ۾ وڪٽوريا ميموريل، هوگلي نديءَ تي جڙيل نئين ۽ مشهور پل، وڏا پارڪ، ميوزيم ۽ شهر جا چونڪ، مختلف جاين تي فوٽو گرافي به ڪئيسين جو يادگيري رهي. روانگيءَ جي وقت کان ٿورڙو اڳ وپس هوٽل ميدلٽن پهتاسين، جتي ساڍي ٻارهين ڌاري، ڪلڪتي جي ريلوي اسٽيشن آياسون، جتان اسان کي واپس دهلي ورڻو هو ۽ اُتان کان وري آگاري 20 جون تي آگري ۽ پوءِ جئپور ۽ اجمير وڃڻ جي رٿابندي هئي.

ڪلڪتي جي هي اسٽيشن ڏاڍي خوبصورت هئي، جنهن۾ خاص ڳالهه ته ريل جي پليٽ فارم جي ڀرسان ريل جي ويجهوئي ڪار پارڪنگ هئي. اسان کي راجڌاني ايڪسپريس ذريعي وڃڻو هو، جيڪا انديا جي سٺي ۽ سڀ کان وڌيڪ سهوليتن واري ريل گاڏي آهي، گهڻ اسٽيشنن تي بيهي ٿي ۽ مسافرن جي آرام جو خاص خيال رکڻ سان گڏ سيڪورٽي جو پڻ انتظام آهي. اسان ڪافي پيرا سيڪورٽي طور ڪمانڊوز کي گاڏين ۾ ايندي ويندي ڏٺو ڪمانڊوز جي انهيءَ گشت جو هڪ سبب اهو به ٻڌايو ويو ته گاڏي بهار پر ڳئي جي ڪجهه اهڙن علائقن مان گذري ٿي جتي امن امان جي صورتحال نامناسب رهي ٿي. اهو به ٻڌايو ويو ته ٻه ڏينهن اڳ ساڳيئي علائقي ۾ ريل ۾ سفر ڪندڙ پوليس جو هڪ آءِ جي. قتل ڪيو ويو هو. ريل جي جنهن حصي ۾ اسين هئاسين، اُتي ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب، عثمان پنهور ۽ پير بخش شيخ گڏ هئاسون. سفر آرام ده رهيو. ريل جي سفر دوران اسان جي ساٿي عثمان پنهور مختلف ساٿين ڏي اچ وڃ ڪندو رهيو. گهڻو ڪري. هر سن ۽ پوري پڳت ڏي گهڻو ٿي ويو. پروفيسر غلام قادر ڦلپوٽو ري جي پرواري حصي ۾ هو پر ڪچهريءَ لاءِ اسان سان گڏ پئي رهيو. رستي ۾ مختلف موضوعن تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي، خاص طور تي ڪلڪتي ۾ سنڌي ڪائونسل انڊيا جي انتظامن ۽ دُرگا ٽاوراڻيءَ جي محنت تي پڻ

سفر جي مختلف مرحلن ۾ سريش ڪيسواڻي، ڊاڪٽڙ سليمان شيخ صاحب ۽ ٻيا ساٿي گڏ ٿيندا هئا ته سنڌي ۽ جاتيءَ جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي. ڪيسواڻيءَ صاحب مطابق هند ۾ مختلف شهرن ۾ ستر لک سنڌي رهن ٿا ۽ اٽڪل ٽيهه لک کن دنيا جي ٻين ملڪن ۾ ڪاروبار سانگي رهن ٿا.

سنڌي ڪائونسل آف انڊيا جو تفصيلي ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. جنوري 1997ع ۾ ۽ سئو سنڌي سڄڻن جو هڪ وفد جناب سريش ڪيسواڻي ( ان وقت ميمبر راجيه سڀا) جي قيادت ۾ ڏٺهوڪي وزيراعظم شري ديوگوڙا سان مليو ۽ سنڌين جي مطالبن جو چٺو وزيراعظم کي پيش ڪيو، جنهن ۾ مطالبا ڪجهه هن ريت هئا.

(1)آزاديءَ وقت مذهبي بنيادن تي ملڪ جي ورڇ ٿي ته پاڪستان کان آيل پنجابي ۽ بنگالي پنهنجن صوبن ۾ ضم ٿي ويا. سنڌي پنهنجو ملڪ ڇڏي جڏهن هند ۾ پهتا ته ڪين 96 پناگهير ڪيمپن ۾ رهايو ويو. جيڪي سڄي هندوستان ۾ پکڙيل هيون، ان ڪري سنڌي زمين ۽ زراعت سان سلهاڙيل ڏنڌن کان الڳ ٿي ويا ۽ شهري علائقن ۾ گذر سفر جي ڳولا ۾ مشغول ٿي ويا.

1957ع ۾ ٻوليءَ جي بنيادن تي جڏهين هندوستان ۾ صوبن جي تنظيم ڪاري ٿي ۽ اميد جاڳي ته سنڌين کي به ڪو ماڳ ملندو. حڪومت هند آڌيپور گانڌيدام ۾ union Territory قرار ڏنو. سنڌين پائي پر تاب جي اتسا هيندڙ رهنمائيءَ ۾ پنهنجي محنت سان پنهنجو شهر جوڙيو پر حڪومت هند کي بهر حال سنڌين لاءِ مستقل ماڳ قائم ڪرڻ جي ضرورت محسوس نه ٿي، پر اهو ضرور ٿيو ته سنڌي ٻوليءَ کي آئين جي ائين شيڊول م سرڪاري ٻوليءَ طور مڃيو ويو، ساڳئي وقت 96



www.sindhsalamat.com

پناهگير ڪيمپون مختلف صوبائي حڪومتن حوالي ڪيون ويون، ان ڪري انهن جي حالت خراب ٿيندي وئي. سنڌين ۾ بيقراري ان ڪري ۽ وڌي وئي جو مختلف سياسي جماعتن مڪاني ۽ ذاتين جي بنياد تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

سنڌي سڄي ملڪ ۾ ٽڙيل پکڙيل هجڻ ڪري هنن کي صوبائي يا يونين سطح تي ڪا ٻه نمائندگي ملڻ جو ڪو آسرو ڪونه هو. ساڳئي وقت سنڌين جي واپار ۽ معيشت ۾ ترقي ڪيترن صوبن ۾ اتان جي مقامي ماڻهن لاءِ سهپ جوڳي نه هئي، ان ڪري سنڌين جي واپار کي وڏا ڌڪا ۽ للڪارون سامهون آيون. سنڌين جي ڇيڙي ڇنڊ جي موڪل جو مطالبو ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي واڌاري لاءِ ٻه ڪا ڇُرپُر ڪا نه ٿي، ان وريل سنڌو تهذيب جي مٽجڻ جو امڪان پيدا ٿي پيو.

ٻولي، ادب، ثقافت، ورثو، جاتي سڃاڻپ سڀ زمين سان لاڳاپيل آهن، انسان جي اها بنيادي ضرورت آهي ته هو ڪنهن ڌرتيءَ سان جڙيل هجن. سنڌين پنهنجي همٿ ۽ محنت سان معاشي مصيبتن کي منهن ڏئي سنڌيت کي هڪ مستحڪم جاتي بنائي ورتو. ايندڙ پنجاهه سالن ۾ سنڌو ماٿر جا هندو پنهنجي صوفياڻي رنگ کي هندوستان جي گهڻ رخي ثقافت ۾ هڪ گڏيل سڃاڻپ سان گڏجڻ گهُرن ٿا. ان ڪري سنڌين پنهنجي بچاءَ ۽ سڃاڻپ کي قائم رکڻ لاءِ پنهنجي هڪ خوداختياري اداري ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جيڪو زمين کان سواءِ اختيار هلائيندو، جيئن ويٽيڪن ڪرستان دنيا جي دلين تي راڄ ڪري ٿو، هن مقصد کي ماڻڻ لاءِ سنڌي ڪائونسل آف انڊيا منظم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو يو. جوڙجڪ. ڪائونسل 11 حصن ۾ ورهائي وئي آهي. جن مان ڏهه حصا هندوستان جي انهن حصن جي نمائندگي ڪندا جن ۾ سنڌي رهن ٿا. هڪ شاخ هندوستان کان ٻاهر رهندڙ سنڌين جي نمائندگي ڪندي هر هڪ ڪائونسل جا 30 ميمبر هوندا، جيڪي پايو وجهندڙ سڏيا ويندا.

نئشنل ڪائونسل جو اجلاس ساليانو مختلف هنڌن تي واري سان ٿيندو رهندو. هن ساليانو ميڙ ۾ 30 هندوستان کان ٻاهر رهندڙ سنڌي پڻ سڏايا ويا آهن.

علائقائي ڪائونسلون سال ۾ ٻه دفعا ملن ٿيون. علائقائي ڪائونسلون وري مقامي شاخن ۾ ورهايل آهن. سنڌي ڪائونسل کي پنهنجا مول متا ۽ آئين آهي. حڪومت هند پاران هن ڪائونسل جي ڪا ٻه مدد نه هوندي آهي، ڪائونسل جا ميمبر رضا ڪارانه طور سمورا خرچ پرين ٿا ۽ ڪم ڪار سنڀالين ٿا 14 جون 1998ع تي شري سريش ڪيسواڻي هن ڪائونسل جو پهريون صدر چونڊيو ويو. هن دفعي نائون ساليانو ميڙ ڪلڪتي ۾ ٿيو، جتي نئين صدر طور جسٽس (ر) اندريسن ايسراڻيءَ اهو عهدو سنڀاليو.

سفر آرام ده هو ۽ ساٿ سٺو هو، خير خيريت سان ٻئي ڏينهن صبح جو راڄداني ايڪسپريس دهلي ريلوي اسٽيشن پهچايو، جتان اسان جا ميزبان اسان کي گاڏين ۾ دهليءَ جي ساڳي هوٽل بي ڪانٽينينٽل ڏي وٺي هليا، جتي اسين پهرين ٻه رهي چڪا هئاسون. پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾ پهچي آرام ڪيوسون.



www.sindhsalamat.com

## دهلي شهر

دهليءَ جي تاريخ پنهنجي پاچولن ۽ پڙاڏن ۾ ڪيترن ئي حڪمرانن جي حيثيت ۽ حاڪميت جي نعرن ۽ نغارن ۾ رهي آهي. مغلن جو دور قطب الدين کان خلجين ۽ تغلقن تائين هلي ٿو. 1803ع کان دهلي انگريزن جي زير اثر رهي. 1911ع تائين ڪلڪتو هندستان جي گاديءَ جو هنڌ رهڻ بعد انگريزن دهليءَ کي تخت گاهه ٺاهيو هو. دهلي شروع کان ئي ساوڪ ڀريل ميدانن ۽ تاريخي ماڳن جي ڪري مشهور رهي آهي. روڊ رستا ويڪرا ۽خوبصورت آهن. البت ڪجهه علائقا ٽريفڪ جي ڀيهه سبب سوڙهه جو شڪار آهن.

دهلي ڪي هڪڙو ئي شهر هجڻ جي باوجود ٻن نالن يعني نئين دهلي ۽ پراڻي دهلي سڏجي ٿو. يمنا نديءَ پار اوڀر ۾ اتر پرديش جا پرڳڻا لڳن ٿا. پراڻي دهلي شهر جي مرڪز کان اُتر پاسي لڳ ڀڳ ڇهن ڪلو ميٽرن جي پکيڙ ۾ آهن.

دنيا جو ڇهون وڏو ميٽروپوليٽن شهر سمجهيو ويندڙ دهلي شهر جي آبادي سن 2005ع جي ڪٿيل انگن اکرن مطابق هڪ ڪروڙ ٽيونجاهه لک آهي ۽ دهليءَ جي انتظامي علائقن کي اين سي ٽي يا نئشنل ڪئپيٽل ٽيريٽري سڏيو وڃي ٿو ۽ اين سي ٽي کي مرڪز جي زيرانتظام ڏار حڪومتي ڍانچو ڏنو ويو آهي.

دهليءَ ۾ ٻاهر جي سياحن جي آمد جو سلسلو بہ گهٽو رهي ٿو، هندستن جا ٻيا تاريخي ماڳ مڪان ڏسڻ وارن لاءِ بہ دهلي گذرگاهه هئڻ سبب هتي ماڻهن جي آمدرفت گهٽي رهي ٿي.

دهليءَ ۾ گهمڻ لاءِ ايندڙ ماڻهن لاءِ جيڪي جايون ڏسڻ وٽان آهن، اُنهن ۾ لال قلعو، پراڻو قلعو، جامع مسجد، انڊياگيٽ، راشٽريا پتي ڀُون، پارليامينٽ هاوس، جنتر منتر، راجگهاٽ، قطب مينار، گانڌيءَ جي سهرتي ۽ سماڌي، برلامندر، لوڌي گارڊن، نظام الدين اوليا جي درگاهه، مرزا غالب جي مزار، غالب اڪيڊمي وغيره.

19 جون سومر جو ڏينهن اسان وٽ دهليءَ جو سير ڪرڻ لاءِ فارغ هو، خواهش هُئي تہ ڪجهه گهمڻ ڦرڻ لاءِ نڪر جي ۽ ڪجهه وري بازار ڏي ٽوري شاپنگ ڪجي.

منجهند جي مانيءَ کان پوءِ اسان جا ميزبان انتظام ڪيل گاڏين ۾ گهمائڻ لاءِ پهرئين مرحلي ۾ اسان کي دهليءَ جو مشهور قطب مينار ڏيکارڻ وٺي ويا.



www.sindhsalamat.com

## قطب مينار

قطب مينار جي تصوير اُنهن تاريخي ماڳن مان هڪ آهي، جن کي دهلي شهر جي سڃاڻپ سمجهيو ويندو آهي. قطب ڪامپليڪس ۾ جوڙيل هندستان جي هن سڀ کان ڊگهي ٽاور جي اوچائي 239 فوٽ آهي. قطب مينار بابت اُتي موجود مواد مان خبر پئي ته بادشاهه قطب الدين ايبڪ هن جو بنياد 1199 ۾ رکيو. جيئن ته هندستان جي تاريخ ڪيترن ئي جنگين سان ڀريل آهي، اهڙي طرح 1192ع ۾ آخري هندوبادشاهه پر ٿويراج چوهاڻ جي شڪست کان پوءِ افغان فاتح محمد آف غُر واپسيءَ وقت قطب الدين ايبڪ کي فتح جي نشان طور ڇڏيو. جيڪو 1206ع ۾ دهلي جو سلطان ٿيو. پنجن طبقن ۾ ٺهيل هن اُوچي مينار جي تعمير ٽن مرحلن ۾ مڪمل ٿي. پهريون طبق قطب الدين ايبڪ پاڻ مڪمل ڪيو، ٻيو، ٽيون ۽ چوٿون سندس جا نشين التمش، جيڪو سندس نائي به هو، 1230ع فيروزشاهه تغلق ٻن طبقن ۾ نئين سر جوڙايو. جنهن سان هي منارو اوچائي طور پنجن حصن ۾ ورهايل آهي، قطب مناري جا پهريان ٽي حصا ڳاڙهي پٿر ۽ ڳاڙهي مٽيءَ سان ٺهيل آهن، جڏهن ته چوٿين ۽ پنجين حصي ۾ ماربل جو استعمال ٿيل آهي، مناري جي اُتر طرف هڪ دروازو آهي، جنهن مان 379 ڏاڪا مٿي چڙهي چوٽيءَ تائين وڃي سگهبو آهي، اسان مٿي نه وڃي سگهياسين جو ڊگهي عرصي کان مٿي وڃڻ بند ڪيو ويو آهي، جنهن جو سبب 1980 ۾ ٿيل هڪ واقعو به ٻڌايو وڃي ٿو، جنهن۾ اسڪول جون چوڪريون مٿي گهمڻ ويون، بجلي فيل ٿيڻ سبب هڪ حادثو پيش آيو ۽ ڪافي جانيون ضايع ٿيون هيون.

قطب مناري تي ڪجهه دير ترسڻ کان پوءِ اسان جو ساٿ دهليءَ جي مشهور علمي ۽ روحاني درگاهه حضرت نظام الدين اولياءَ جي مزار ڏي روانو ٿيو.حضرت نظام الدين اولياءَ جي مزار واري جاءِ جي هڪ اهميت اها به آهي ته ٻن ٻين ادبي حوالن سان برک هستين، مرزا غالب ۽ امير خُسرو جا مقبرا به اتي ئي آهي.



www.sindhsalamat.com

## حضرت نظام الدين اولياءَ

حضرت نظام الدين اولياءُ، جنهن کي عقيدتمند ” محبوب الاهي“ ۽ سڏيندا آهن. اصل هندستان جي بدايون ۾ سن 1250 ڌاري پيدا ٿيو ۽ 1325 ۾ رحلت فرمائي، سندس وڏا بعد ۾ بخارا لڏي ويا، پنجن سالن جي عمر هئي ته والد گذر ڪري ويو. اسڪول جي زماني ۾ گهڻ عمريءَ کان ئي علم، تقرير ۽ قرآني درس ۾ گهڻو اڳيرو آيو، بعد ۾ سندس لاڙو روحانيت ڏي وڌي ويو. ارڙهن سالن جي ڄمار ۾ سندس واقفيت قوالن جي هڪ گروپ سان ٿي، جن وٽان چشتي صوفي طريقه ڪار موجب بابا فريد جي علم سان شنا سائي حاصل ڪئي ۽ دهليءَ سان وابسته ٿي ويو. ڪجهه ئي عرصي ۾ هو چشتي طريقت جي حوالي سان هڪ اهم ۽ بزرگ هستي پنجندو ويو. حضرت نظام الدين دهليءَ جي گهڻي هجوم ۽ ماڻهن جي پيهه کان پري ٿيڻ لاءِ غياث پور ۾ رهائش اختيار ڪئي، جتي هو 60 سالن تائين رهيو. حضرت نظام الدين اولياءَ پنهنجي شاعري ۽ پر چار ۾ پيار، پنهنجائپ، دُرونديشيءَ ۽ روحاني رازن متعلق اظهار ڪيو آهي. حضرت نظام الدين اولياءَ لاءِ اهو ۽ مشهور آهي ته هو هر عقيدي جي ماڻهو جو آڌرياءُ ڪندڙ ۽ مان ڏيندڙ بزرگ هو، هيءَ درگاهه هڪ اهڙي فلاحي اداري طور پڻ سڃاتي وڃي ٿي، جتي ماڻهن ۾ لنگر ذريعي کاڌو ۽ عام غريب ماڻهن لاءِ ڪپڙو پڻ ورهايو ويندو آهي. هن درگاهه جي اهميت انهيءَ ڪري ۽ آهي ته حضرت نظام الدين اولياءَ جي افڪار کي هندستان ۾ صوفي ازم جي ابتدا پڻ چيو وڃي ٿو.

درگاهه تائين پهچڻ لاءِ اسان کي شروع ۾ مرزا غالب اڪيڊمي ۽ مزار وٽان گذري اڳتي وڃڻو پيو، مرزا غالب جي مزار بند پئي هئي. اڳتي هڪ سوڙهي بازار جنهن ۾ گلن ۽ تبرڪ لاءِ رکيل سامان، جنهن ۾ چادرون وغيره هيون. اُتان ٿيندا اڳتي وڌياسين ته پهرين امير خسرو جو مقبرو هو، فاتحا ڪري پاسي واري رستي کان اڳتي وڌياسين ته حضرت نظام الدين اولياءَ جي مزار هئي. اندر داخل ٿي فاتحا ۽ دُعا کان پوءِ ٻاهر نڪتاسين.



www.sindhsalamat.com

## امير خسرو

امير خسرو بر صغير جي علمي ۽ ادبي شهرت رکندڙ شخيت طور ياد ڪئي ويندڙ هستي آهي، سندس زندگيءَ جا ايام سن 1253ع کان شروع ٿي 1325ع ۾ ختم ٿين ٿا. فارسي زبان جو هي شاعر امير خسرو دهلوي طور پڻ سڏيو وڃي ٿو. علمي ادبي تخليقات طور هڪ وڏي علمي خزاني جو خالق هو. فارسي غزلن جي هن شاعر جي مشهور ڪتابن ۾ جواهر خسروي، افضل الفوائد، خالقباري، تغلق نامه ۽ وسط الحيات شامل آهن. امير خسرو سن 1260ع ڌاري دهليءَ ۾ آيو 1271ع ۾ سندس پهريون شاعريءَ جو مجموعو تحفہ صغر مرتب ٿيو. 1285ع ۾ منگولن خلاف جنگ ۾ حصو ورتائين، قيد ٿيو، پر هي شاعر اتان وڃھ وٺي ڀڄي نڪتو امير خسرو جي هندي شاعر ۾ اڪثر نر تڪي ردم هجڻ سبب سندس شاعري ناچ ۾ بہ استعمال ڪئي ٿي وڃي، ڪن روايتن مطابق سازن ۾ ڍولڪ جي استعمال ۾ امير خسرو جي ايجاد جو عمل دخل آهي يعني حضرت نظام الدين اولياءَ .1250ع کان 1325ع تائين، ۽ امير خسرو( 1253ع کان 1325ع تائين).

امير خسرو ۽ حضرت نظام الدين اوليا جي مزار کا ٻاهر ساڳيءَ گلن ۽ ٻي سامن جي سوڙهي بازار مان گذري مرزا غالب اڪيڊميءَ وٽ پهتاسون. اسان جا گهڻا ساٿي اڳتي ڳاڏين ڏي هليا ويا جو غالب جي مزار بند نظر آئي، پر تاجل بيوس ۽ غلام قادر ڦلپوٽو مون سان گڏ هئا.چيم تہ يارو ڪوشش ڪري ٿا ڏسون، شايد حضرت غالب جي بہ سار لهيو هلون.غالب اڪيڊميءَ جي بلڊنگ جي دروازي تي ويٺل هڪ شخص کي چيم تہ اسان پاڪستان مان غالب لاءِ آيا آهيون، ڪجھ قرب ڪريو. همراھ مزار سان وابستہ نڪتو ۽ مزار جي چوديواريءَ لڳل هڪ لوهي دروازي ڏي هليو. جنهن کي ٻاهران تالو لڳل هو، همراھ پاسي کان سيخن مان هٿ اندر ڪري پويان ڪنهن ڪُنڊي کي پنٽي ڪيو تہ دروازو لڳل تالي سميت کُلي آيو. عجيب طريقہ ڪار رکيل هو. بهر حال اندر وياسين. اڇي رنگ جي ننڍي مزار اندر غالب جي تربت هئي، هڪڙي ڪاري رنگ جي ٻلي اسان کي ڏسي رواني ٿي، ٻليءَ کي بہ نويڪلائي واري جڳھ ملي هئي. مون کي غالب جي تحقيقاتي مواد ۾ پڻ اها ڳالھ بہ ياد آئي تہ غالب هڪ دفعي ننڍري ٻلي بہ پالي هئي. فوٽو ڪڍياسين، غالب کي سندس شاعريءَ جي خراج طور رسمي طور فاتحا پڙهي، دل ۾ سندس شاعريءَ جي ميٽا کي محسوس ڪندي ٻاهر نڪتاسين، هتي هڪ ملندڙ جُلندڙ صورتحال ٻن هستين جي مزارن جي ذهن ۾ آئي تہ جنهن طرح مرزا غالب جي تربت تي ايندڙ ماڻهن جي واڌ جو اهو بہ سبب آهي جو سندس تدفين ٻن روحني هستين جي ويجهو يعني حضرت نظام الدين اولياءَ ۽ حضرت امير خسرو جي مزارن جي ويجهو آهي ۽ سمورا زيارتي اتان بہ ٿيندا ويندا آهن. اهڙوئي ياڳ فارسي رباعي جي شاعر عمر خيام بابت ذهن ۾ آيو تہ جڏهن نيشابور ( ايران ) ويو هئس تہ عمر خيام جي سفيد رنگ جي مزار بہ ٻن روحاني هستين ( ٻن امامزادن) جي پر ۾ هئڻ سبب زائر اتي بہ فاتحا پڙهيو ويندا آهن.

اسان ڳاڏين ڏي اڳتي جي سفر لاءِ وياسين. ڏٺم تہ ڪجھ ساٿي اڃا ڳاڏين کان پري آهن. ٿورڙو وقت ملي ويو، پنهنجي ساٿي غالم قادر ڦلپوٽي کي وٺي هليو ويس مرزا غالب اڪيڊميءَ جي اندر.



www.sindhsalamat.com

## مرزا غالب اڪيڊمي

غالب اڪيڊميءَ جي بلڊنگ حضرت نظام الدين اولياءَ جي مزار جي قوالي هال جي سامهون اڏيل آهي. جنهن سان لڳ غالب جي مزار ۽ غالب جي نالي سان منسوب ميوزيم آهي. 1969ع ۾ قائم ڪيل هن اڪيڊميءَ جي لائبريريءَ ۾ غالب جا ۽ غالب متعلق لکيل اردو ۽ فارسيءَ ۾ اندازن ٻه هزار ڪتاب رکيل آهن. مرزا اسدالله غالب جي شاعريءَ ڪي جديد ۽ قديم شاعريءَ جي قدرن جو ميلاپ به سڏيو ويندو آهي. غالب اڪيڊميءَ ۾ ميڙاڪا ۽ مشاعرا ٿيندا رهندا آهن. 1797ع کان 1869ع تائين پنهنجي زندگيءَ جي احوال ۾ مرزا غالب پنهنجي شاعريءَ ۽ ذاتي زندگيءَ جا تمام دلچسپ رومانوي، جمالياتي ۽ مزاح جا ڀرپور واقعا چٽيا آهن. غالب جو اردو غزل منهنجي ذوق ۾ شامل رهي آهي. غالب اڪيڊميءَ مان پنهنجي دوست غلام قادر ڦلپوٽي سان گڏ نڪرڻ وقت غالب جو هي شعر منهنجي ذهن ۾ هو.

رگون مين دوڙتي پهرني ڪي هم نهين قائل،
جو آنکھ هي سي نہ ٽپڪي تو پهر لهو ڪيا هي.

غالب اڪيڊميءَ مان اسين دهليءَ جو هڪ مندر ڏسڻ وياسين جيڪو سنڌي ماڻهن جي پُوڄا لاءِ مشهور آهي، مندر ۾ پاسن کان هندو ڌرم سان لاڳاپيل خوبصورت مورتيون رکيل هيون. وچ ۾ وڏو هال هو، جنهن جي پٽ تي عورتون ۽ مرد پوڄا لاءِ ويٺل هئا. هڪ اسٽيج ٺهيل هو، جنهن جي ديوار تي سنڌ جي ساڌ ٻيلي ۽ اُڏيري لال جون تصويرون چٽيل هيون. اسان جي پهچڻ جو اطلاع ٿيل هو. مندر ۾ ڪرسيون لڳرائي اسان کي ويهاريو ويو ۽ گلن جي هارن سان آجيان ڪئي وئي. اسٽيج تي ويٺل ڪجھ فنڪارن ڀڄن پڻ ڳايا. بعد ۾ مهمانن لاءِ منائي ۽ چانھ جو انتظام ٿيل هو. اسان جي وفد ۾ شامل هر سن ڀڳت، پورو ڀڳت به ڀڄن ڳايا،

مندر کان اسان ٻن گاڏين ۾ سوارٿي دهليءَ جي جامع مسجد ڏي وڃڻ لاءِ روانا ٿيڻ لڳاسين ته اسان جي ميزبانن گاڏين جي ڊرائيورن کي هدايت ڪئي ته رستي ۾ ٽرئفڪ جي گهٽائي سبب جيڪڏهن گاڏيون اڳتي پوئتي ٿي وڃن ته مسجد جي ڀڏايل دروازي وٽ گڏ ٿين. انهيءَ ڪري جو مسجد کي وڏيڪ پاسن کان روڊ رستا لڳن ٿا. ڊرائيورن سان طئي ٿيل رٿابنديءَ جي باوجود سڀ هڪ جاءِ تي نہ پهتا ۽ ڪي گاڏيون ڪٿي پهتيون ته ڪي ڪٿي. اسين گاڏي پارڪ ڪرائي مسجد ۾ وياسين ته خبر پئي ته يا ته همراھ پهتا ناهن، يا هتن ٿي اسان کي ڳولين ٿا. پوءِ اسين پاڻ ۾ ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب عثمان پنهور ماريا بلوچ ۽ غلام قادر ڦلپوٽو گڏ هئاسين. جامع مسجد گهمي همراهن جي خبر ورتي سيون ته پتو پيو ته ڪي همراھ ٽڪجي هوٽل ڏڏي ويا ته ڪي وري اچا مسجد جي ڪنهن ٻئي گيٽ وٽ آهن.



www.sindhsalamat.com

## جامع مسجد دهلي.

هندستان جي مغليہ شهنشاهت ۾ جيڪي شاهي ذوق ۽ شوق رهيا آهن, انهن ۾ عمارت سازي جي رجحانن ۽ سندن ٺاهيل عمارتن کين يادگار بنائي ڇڏيو. شاهہ جهان پنهنجي دور ۾ ڪيترين ئي اهمہ مسجدون ٺهرايون, جن ۾ دهليءَ, آگره, اجمير ۽ لاهور جون مسجدون تمام اهمہ آهن. هونئن تہ جامع مسجد دهلي جو نقشو آگري ۾ ٺاهيل موتي مسجد کان گهڻو مختلف ڪونهي, پرايراضيءَ جي لحاظ کان هي مسجد تمامہ وڏي آهي.1652ع ۾ ٺهي راس ٿيل هن مسجد کي مسجد جهان نما پڻ سڏيو ويندو آهي. مسجد جي چوديواري جي ايراضي ايتري تہ وڏي آهي جو هڪ ئي وقت پنجويهہ هزار ماڻهو نماز پڙهي سگهن ٿا. مسجد لاءِ ميدان ايترو مٿانهون آهي, جوٽن طرفن کان مسجد ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڏکڻ طرف کان ٽيٽيهہ ڏاڪا, اوڀر کان پنجٽيهہ, جڏهن تہ اُتر طرف کان داخل ٿيڻ لاءِ اوڻيتاليهہ ڏاڪا مٿي چڙهي پهچڻو پوي ٿو ۽ اهي سمورا داخلي رستا مختلف بازارن ۽ روڊن جي طرف کلن ٿا. تاريخي انگن اکرن مطابق هن مسجد جي تعمير لاءِ روزانو ڇهہ هزار مزدور ڪمہ ڪندا هئا ۽ اهو ڪمہ ڇهن سالن تائين جاري رهيو. شاهجهان جي تعمير ڪرايل هن مسجد تي اُن زماني جا ڏهہ لکي روپيہ لاڳت آئي هئي.

دهليءَ جي هڪ اهمہ ڏسڻ جهڙي شيءَ زمين هيٺ هلندڙ ميٽرو ريل گاڏي هئي ۽ انڊياگيٽ بہ اسان کي ڏسڻو هو, پر اهي ٻئي اسان جي اچوڪي پروگرام ۾ شامل نہ هئا, انهيءَ ڪري اسان جڏهن آگري, اجمير ۽ جئپور کان واپس موٽي آياسين تہ اسان جا ڪجهہ ساٿي يا تہ آرامي هئا يا سفر جي سنبهت ۾ هئا. عثمان پنهور ۽ آءٌ هڪ ٽيڪسي ڪري نڪري وياسون ۽ وڃي انڊياگيٽ ۽ ميٽروٽرين ۽ ان جي ويجهي اسٽيشن گهمي آياسين.



www.sindhsalamat.com

## انڊياگيٽ دهلي

دنيا جي مختلف ملڪن ۾ مختلف حوالن سان يادگارون تعمير ٿينديون آهن، انهي يادگارون طور تي ته پنهنجي جاءِ تي، پر عام ماڻهن لاءِ سٺيون تفريح گاهون پڻ ثابت ٿينديون آهن. پهرين جنگ عظيم ۾ پنهنجون جانيون قربان ڪندڙ سپاهين جي ياد ۾ جوڙيل ۴۲ميٽر ڊگهي هن يادگار کي تمام وڏو پڪنڪ پوائنٽ سمجهيو وڃي ٿو.رات جي وقت هتان گذرندڙ گاڏين جي روشني لُيڪن جي صورت ۾ خوبصورت ڏيک ڏئي ٿي. هتي وسيع ميدان آهي، جنهن ۾ ساوڪ پريا لان آهن۽ گرمين ۾ خاص طور تي شام جي وقت ماڻهن جي تمام پيهه ۽ ماحول ڏاڍو رنگين نظر ايندو آهي.

## دهلي ميٽرو(انڊرگرائونڊريلوي)

دهلي شهر جي ماڻهن جي اچ وڃ لاءِ هڪ اهم ذريعو زير زمين هلندڙ ريلوي جو نظام آهي، جيڪو گورنمينٽ آف انڊيا ۽دهليءَ جي نئشنل ڪئپيٽل ٽيريٽريءَ جي انتظامي حڪومت جي گڏيل سهڪار سان جوڙيل ميٽروريل ڪارپوريشن لميٽڊ جي نالي سان هلايو وڃي پيو ۽ اهو ساڳيو نظام اسان کي ڪلڪتي ۾ پڻ نظر آيو هو. هيءُ ٽرين ڪجهه جاين تي شهر ۾ ٿهيل فلائي اوورس کان پڻ گذري ٿي.

دهلي شهر جي وڌندڙ آباديءَ ۽ روڊن تي گاڏين جي گهڻائي ۽ انهن سبب ڪري پيش ايندڙ دشوارين کي نظر ۾ رکندي دهليءُ ۾ زير زمين ريل جو نظام ضروري سمجهيو ويو ۽ هن وقت دهليءَ ۾ زير زمين ريل جون ٽي لائنون آهن. هر ڪنهن لائن لاءِ مختلف اسٽيشنون آهن. اسان جنهن اسٽيشن تي وياسين. اُها ڪرول باغ جي نالي سان هئي، مسافر قطار ۾ ٽڪيٽ وٺي گاڏيءَ ڏي وڌي رهيا هئا. اها اسٽيشن اسان جي رهائش واري هوٽل بي ڪانٽينينٽل کي نزديڪ هئي. ميٽروريل جي هيءَ لائن ۳۲ ڪلوميٽرن جي مفاصلي دوران ايڪٽيهه اسٽيشنن تان مسافرن کي کڻي ۽ لاهي ٿي، شهر ۾ ڪافي جاين تي انهيءَ نظام کي وڌائڻ لاءِ ڪم هلي رهيو هو.

ڪرول باغ جي ميٽرواسٽيشن تي عثمان پنهور کي چيم تي يار تصويرون ڪڍون، پر پهرين هيورديءَ ۾ سيڪيورٽي وارا پاڻ کي غور سان پيا ڏسن، هل ته هلي پڇون متان تصوير ڪڍڻ نه ڏين، جو آمدرفت جي وسيلن وارين جاين کي حساس سمجهيو ويندو آهي. ۽ فوٽو گرافيءَ جي منع هوندي آهي. همراهن کان پڇيوسين ته ٽيو ته ائين ۽ يارن اسان کي منع ڪئي، پر اها بي ڳالهه آهي ته بنا پڇڻ جي جڏهن مون پنهنجي موبائل فون ۾ تصوير پئي ڪڍي ته هُنن منع نه ڪئي هئي.

اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندڙ آهي ته سائنس جي هيتري ترقيءَ کان پوءِ جڏهن ته ڪو به ادارو، ڪا به اڏاوت يا جوڙجڪ خاص طور تي انهن جاين بابت ڪا به معلومات يا تصويرون ڳجهيون نه ٿيون رهي سگهن، پر فوٽو گرافيءَ جي منع هوندي آهي. اهو ساڳيو دهليءَ جو ميٽرو ريلوي نظام، ڦَشن، تصويرن ۽ انگن اکرن سميت انٽرنيٽ تي ويب سائٽ تي موجود آهي، پر عثمان پنهور کي انهيءَ تصوير ڪڍڻ جي منع هئي.

دهليءَ ۾ اسان جو ساٿي عثمان پنهور هڪ وڏي خواهش جي پوئواريءَ ۾ هو. هن اها ڪوشش ڪلڪتي ۾ به ڪئي هئي. هو دراصل پيٽ گهٽائڻ واري بيلٽ وٺڻ جي ڪوشش ۾ هو. ڪلڪتي ۾ ٽي ويءَ تي بيلٽ جو اشتهار ڏسي فون ڪيائين، ڪنهن چوڪريءَ فون تي همراهه کي بيلٽ جي قيمت ٻڌائي ۽ هن کان هوٽل جي ڪمري جو نمبر وٺي، بيلٽ هوٽل تي ئي پهچائڻ جو انتظام ڪري ڏيڻ جي خاطري ڏني. مون همراهه کي سمجهايو ته جيڪڏهن اها محترمه بيلٽ هتي کڻي آئي ته پئسن ۾ ڇڏڇوٽ نه ٿيندءِ. انهيءَ ڪري اهو بيلٽ هلي دهليءَ م دڪان تان خريد ڪجانءِ. سستو پوندءِ. همراهه مُڙي ويو، هاڻي دهليءَ ۾ به ساڳيءَ طرح لڳو اشتهار ڏسي فون ڪرڻ ساڳي طرح فون کڻندڙ چوڪريءَ بيلٽ جا فائدا ۽ اگهه پار ٻڌايس. وري به يار صلاح ورتي ته چيو مانس ته پهرين ٻين شهرن جو سفر اجا باقي آهي، واپس هلڻ کان هڪ ڏينهن اڳ وري به دهلي اچبو، وٺيو هلنداسين.

دهليءَ ۾ واپسيءَ واري ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ لاءِ مون به پنهنجي هڪ خواهش پاڻ سان سنڀالي رکي هئي ۽ اُها هئي هندستاني فلم ڏسڻ جي خواهش،

نندپڻ ۾ منهنجي لاءِ هندستان گهمڻ لاءِ جيڪڏهن ڪو وڏو شوق ڏياريندڙ ڳالهه هئي ته اُها هئي هندستان جون فلمون. اسڪول جي زماني ۾ پنهنجي شهر ٽوڙي حيدراباد ۾ فلمن جو جُنون هوندو هو. منهنجي نندپڻ جو دوست ڊاڪٽر اقبال ميمڻ ( هن وقت ڪراچيءَ ۾ ريگل چوڪ ويجهو چمڙيءَ جي بيمارين جي اسپتال ۾ اسپيشلسٽ آهي) ٻئي ڄڻا جيڪا به نئين فلم لڳندي هئي گڏجي ڏسندا هئا سين ۽ ڪوشش هوندي هئي ته پهريون شو ڏسجي. اُن کان به اڳتي سي ذيز ۽



www.sindhsalamat.com

ڊي وي ڊيز سبب انهن شين لاءِ جيڪو شوق يا تجسس هو اهو ته ختم ٿي ويو، پر هندستان ۾ آيس ته دهليءَ ۾ اها پراڻي خواهش وري اُڀري ته هندستاني فلم، دهليءَ جي ڪنهن سٺي سئنيما ۾ ڏسجي جيئن هتي جي ماحول جي ٽيسٽ به وٺجي.

عثمان پنهور کي چيم ته سڀاڻ آگري ٿا هلون. هاڻي اهو طئي ٿيو ته پاڪستان هلڻ کان هڪ ڏينهن اڳ جيڪو اسان کي دهليءَ ۾ ملندو، آءٌ توسان گڏ ٽوڪي بيلٽ هلي خريد ڪرائندس ۽ پاڻ سنگت ساڻ ڪري منهنجي خواهش جي پورائي لاءِ هڪڙي فلم ڏسنداسين.

20 جون اڱاري جي صبح جو 8 وڳي والووبس اسان کي آگري وٺي وڃڻ لاءِ هوٽل بي ڪانٽينينٽل وٽ اچي بيٺي. هي بسون تمام ڪشاديون ۽ آرام ده هونديون آهن. هن قسم جي بس ۾ آءٌ اڪثر ايران ۾ سفر ڪندو رهيو آهيان. اسان کي منجهند تائين آگري پهچڻو هو، ۽ مصروفيتن ۾ ٻه اهم پروگرام هئا، هڪ ته تاج محل گهمڻ ۽ ٻيو آگري شهر ۾ موسيقيءَ جي پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ. سفر لاءِ ميزبانن طرفان رس تي ۾ ريفريشمينٽ وغيره جو انتظام به ڪيل هو. دهلي ۽ آگري جو مفاصلو 203 ڪلو ميٽر جو آهي. دهليءَ جي خوبصورت روڊن تان ٿيندي، شهري علائقن کي ڇڏيندي، پنهنجي منزل ڏي روانا ٿياسين. آگري جو سفر اسان سڀني لاءِ اهم هو، جو تاج محل جي تاريخي حيثيت ۽ اُن جي رومانوي پهلوئن کان پذيرائي هر ماڻهوءَ لاءِ ڪشش جو سبب بڻيل هوندي آهي. دينا جا ڪتيرا سياح ته فقط اينڊائي تاج محل کي ڏسڻ لاءَ آهن.

دنيا جا ڪي ڪي ماڳ مڪان مختلف حوالن سبب نه فقط عام خلق لاءِ دلچسپيءَ جو سبب بنجي ويندا آهن، پر اُنهن جي پس منظر ۾ وڏا قصا ۽ ڪهاڻيون وابسته هونديون آهن. ڪيترن شاعرن جا قلم تاج محل تي شاعري لکندا رهيا آهن ۽ هو پنهنجي محبوب جي مرمرين بدن کي تاج محل سان تبشيهه ته ڪڏهن محبوب جي ادائن جو صدقو قرار ڏنو ويندو رهيو آهي.

ڏينهن جا ساڍا ٻارهن ڪن ٿيا هئا جو اسان آگري شهر جي هڪ خوبصورت هوٽل وٽ پهتاسين، جنهن جو نالو پشپ والا هو ۽ اها هوٽل اڳ ۾ ”ديدارتاج“ جي نالي سان پڻ مشهور هئي، هوٽل جي لابيءَ ۾ آگري جي ميزبانن طرفان آجيان لاءِ دهل شرناين وارا موجود هئا، جن جي سواڳت کان پوءِ اسان کي پنهنجن پنهنجن ڪمرن تائين پهچايو ويو. عثمان پنهور هتي به ڪمري ۾ منهنجو ساٿي هو. پروفيسر قلپوٽو، ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب، شيخ پير بخش ۽ تاجل بيوس به ساڳئي ئي فلور واران ڪمرن ۾ هئا. منجهند جي ماني لاءِ ٽاپ فلور تي ڊائننگ هال ۾ پهچڻ لاءِ چيو ويو. هوٽل جو هي حصو هڪ خوبصورت ريسٽورنٽ نما هو، جتي اسان کي ماني کائڻي هئي، گول دائري ۾ ٺهيل بلڊنگ جو هي مٿاهون حصو ريوالاو نگ يعني ڦرندڙ هو. هر پنجيتاليهن منٽن ۾ ريسٽورنٽ گولائيءَ ۾ پنهنجو چڪر مڪمل ٿي ڪيو ۽ سندس گولائيءَ ۾ ڦرڻ واري عمل جو ڪنهن ڪنهن وقت ٿورڙو بلڊنگ جي هلڪي طور لڏڻ جو احساس ٿيندو هو. گولائيءَ ۾ ڦرڻ سبب هر ٽيبل تي ويٺل ماڻهوءَ کي تاج محل جي پاسي کان ڦرڻ وقت تاج محل ضرور نظر ايندو هو، شايد انهيءَ ڪري ئي هن هوٽل کي ديدار تاج به سڏيو ويندو آهي.

منجهند جا 3 ٿيا هوندا جو اسان پنهنجي بس ۾ دنيا جي اٺين عجوبي طور مشهور تاج محل گهمڻ نڪتاسين، اسان جي رهائش واري هوٽل ۽ تاج محل لڳ ڀڳ ٻن ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي هئا. تاج محل جي چواڌاري اڏيل قلعي جي ديوار ۽ تاج محل جي اندر داخل ٿيڻ واري دروازي وچ ۾ چار باغ جو علائقو سڏجي ٿو، جتان تاج تائين پهچڻ لاءِ ٽانگا، آٽورڪشا ۽ ٻيون ننڍيون سواريون موجود هيون، پر اسان بس مان لهڻ کانپوءِ تاج تائين پهچڻ لاءِ پنڌ ڪرڻ پسند ڪيو. ڪجهه ساٿي آٽو رڪشائن ۽ ٽانگن تي به ويا پر ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ۽ اسين ڪجهه ساٿي تاج جي قلعي وٽ داخل واري دروازي تائين پنڌ پهتاسين، ماڻهن جون ٽڪيٽ گهر جي ڪڙڪيءَ تي ۽ بعد ۾داخل لاءِ ڊگهيون قطارون لڳل هيون ۽ هر ڪنهن کي سيڪيورٽيءَ جي مخصوص انتظامن مان گذري اندار داخل ٿڻو ٿي پيو. عورتن جي شخصي چڪاس لاءِورديءَ پهريل عوتون ۽ مردن لاءِ سيڪيورٽي گارڊ هر ڪنهن کي سيڪيورٽي ڪليئرڪندا اندر ڇڏيندا ٿي ويا. قطارون ڊگهيون هيون، انهيءَ ڪري شري سريش ڪيسواڻيءَ پنهنجي سرڪاري حيثيت ۽ ذاتي حوالن سنا انتظاميه سان رابطو ڪيو، جنهن جي موٽ ۾اسان جي داخلا ۾ آساني پيدا ٿي ۽ جيتر يقدر مون کي ياد آهي، اسان لاءِ ٽڪيٽ به ضروري نه هوءِ ٿوري ئي وقت ۾ اسين تاج محل جي باغ ۾ داخل ٿي وياسين تاج محل اڳ ۾ نه ڏٺو هئوسين پر تصويرن ۽ اُن جي ايڏي وڏي پذيرائي سبب ائين محسوس ٿيو ته اسين ڪنهن اهڙي جاءِ تي نه آيا آهيون، جيڪا اڳ ۾ ڏٺل ئي نه هجي. تاج محل کان پهرين جو ماحول لڳ ڀڳ لاهور جي شالا مار باغ جهڙو هو. پاسن کان ساوڪ وارا پارڪ ۽ وچ ۾ پاڻيءَ جا ڦوهارا، پر فرق اهو هو جو هتي ماڻهن جي گهڻي اچ وڃ سبب انهن سڀني شين جي سار سنڀال سٺي نموني رکيل هئي. اڳتي هلي تاج محل جي ڏاڪڻ تي چڙهي مٿي پهتاسون



www.sindhsalamat.com

محبت ۽ سونهن جي هن شاهڪار جي مختلف حصن ڏي گهمڻ ڦرڻ سان گڏ شاهه جهان ۽ ممتاز محل جي تربتن ڏي اندر پڻ وياسين.

## تاج محل

تاج محل جي تاريخي پس منظر جي ڄاڻ هن ريت پوي ٿي ته 17 جو 1631ع ۾ ممتاز محل جي وفات ٿي، شاهه جهان پنهنجي محبوبه زال سان ڪيل واعدي موجب سندس ياگار جوڙائڻ ۾ مصروف ٿي ويو. ممتاز محل جي لاش کي عارضي طور برهانپور ۾ دفنايو ويو، جتان وري ڇهن مهينن کان پوءِ آگري آندو ويو.

هن يادگار لاءِ شاهه جهان اگري ۾ راجا جئه سنگهه کي چئي، زمين جي ايراضي جمنا نديءَ جي ڪناري مخصوص ڪرائي ڇڏي هئي. (جمنا نديِءَ کي هن ۾ ڪجهه روائتي واستگين جي اُچارن طور جمنا، يمنا يا جمونا به سڏيو ويندو آهي، هن سفر نامي ۾ به ڪٿي يمنا ته ڪٿي جمنا لکيو ويو آهي. دراصل قديمي طور جمنا سڏيو ويجي ٿو. پر موجوده وقت هند ۾ جيڪو نئون مواد ملي ٿوي اُن ۾ اڪثر يمنا لکيو ويجي ٿو.) جنهن لاءِ شاهه جهان راجا مان سنگهه کي چار حويليون عيوضي طور ڏنيون هيون، سن 1633ع کان تاج محل جي تعمير جو ڪم شروع ٿيو،جيڪو سترهن سالن تائين هلندو رهيو، روزانو ويهه هزار مزدور هن ڪم ۾ مزدوري ڪندا رهيا. انتهائي خوبصورت ماربل جي نفيس طريقن سان تراشيل هن عمارت لاءِ مختلف ملڪن مان تعمير اتي ماهر گهرايا ويا.

سن 1607 ع ۾ مينا بازار جي خوشبوئن جي گهيري ۾ ارجمند بانو ۽شهزادي خرم جي عشق جي ابتدا ٿي. شاهه جهان ۽ ممتاز محل بنجڻ کان اڳتي هلي تاج محل جي روپ ۾ پهتل انتها، دنيا کي هڪ اهڙو يادگار ڏنو، جيڪو نه فقط عام ڏسندڙن لاءِ بلڪ فنونِ لطيف جي دنيا ۾ ليکڪن، شاعرن، چتر ڪارن ۽ موسيقيءَ جي ماهرن لاءَ پڻ اچرج جو سبب بنجي ويو آهي. تاج محل جي هر حصي لاءِ چيو ويجي ٿو ته شاهجهان پنهنجي محبوبه جي هر ادا کي تاج محل جي مختلف حصن جي ڏيک ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي، ايستائين جو قبر جي ڊيزائن به ارجمند بانو (ممتاز محل ) جي جيولري باڪس سان مشابهه ٿاهي وئي.

تاج محل جي سمورن حصن کي گهمڻ دوران اسان سيني تاج محل جي مختلف حصن ۾ پنهنجون تصويرون ورتيون ۽ هڪ پروفيشنل فوٽو گرافر کان به سيني پنهنجون تصويرون ڪيرايون، واپسيءَ مهل رستي ۾ يادگار طور تاج محل جا وڪرو ٿيندڙ ننڍڙا تاج محل دياگار طور ڪٽي اڃڻ لاءِ خريد ڪياسين، تاج محل جي گيٽ کان ٻاهر آياسين ته رجب رضا مون کي ۽ ڊاڪٽر سليمان صاحب کي هڪ سواريءَ ۾ ساڻ ويهڻ لاءِ چيو. چڙهي پياسين جنهن اچي اسان کي بس وٽ پهچايو، جتان وري هوٽل تي واپس پهتاسون.

شام جا ست ٿيا هوندا جو اسان آگري شهر جي هڪ خوبصورت آڊيٽوريم ۾ آياسون، جتي سڄو هال سنڌي ماڻهن سان ڀريل هو. هن هال ۾ موسيقيءَ جو پروگرام ٿيڻو هو. پروگرام کان اڳ هر پروگرام وانگر پهرين هڪ ننڍي تعارفي تقريب ٿي، جنهن ۾ شري سريش ڪيسواڻي سڳا جي وفد ۾ شامل ميمبرن ۽ فنڪارن جو تعارف، سڳا جي خدمتن جو احوال ۽ شاهه سچل ۽ سامي بين الاقوامي امن ڪانفرنس جي حوالي سان هن دوري جي مقصدن بابت ٻڌايو. آگري شهر جي يادگار طور اسان جي وفد جي اڳواڻ ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب کي تاج محل جو هڪ خوبصورت ماڊل تحفي طور ڏنو ويو.

ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب پنهنجي تمام مختصر تقرير ۾ ڪيسواڻي صاحب ۽ ٻين ميزبانن جو شڪريو ادا ڪندي، اها توقع ظاهر ڪئي ته محبتن جو هي سلسلو جاري ۽ ساري رهندو. موسيقيءَ جي محفل سجاد سهاڳ پنهنجي مخصوص ۽ خوبصورت انداز سان هلائڻ شروع ڪئي، آگري جي پروگرام جي منتظمين ٻڌايو ته سيني جي خواهش هئي ته اسين سنڌ جي فنڪارن کي ٻُڌون، انهيءَ ڪري اڄ اسان مقامي فنڪارن کي دعوت نه ڏني آهي. هن پروگرام ۾ ديبا سحر، ضامن علي، واحد لاشاري، هر سن، پورو ڀڳت ۽ ماريا بلوچ محفل کي مچايو.

اگري ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن تمام گهڻي دلچسپيءَ سان پروگرام ۾ شرڪت ڪئي ۽ سنڌ جي فنڪارن کي داد ڏنو.

پروگرام ٻارهين ڏاري ختم ٿيو هوندو جو اسين واپس هوٽل پشپ ولا پهتاسين. هوٽل جي ٽاپ فور تير ريوالونگ ريسٽورنٽ ۾ ماني کائي پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾ آرامي ٿياسين.

اربع 21 جون شام جا ڇهه ٿيا هوندا جو راجستان جي مرڪز ۾ واقع مشهور تاريخي شهر اجمير ۾ داخل ٿياسين، اسان صبح جو ڏهين وڳي ڌاري آگري کان انهيءَ پروگرام لاءِ روانه ٿيا هئاسين ته رستي ۾ ڪجهه ڪلاڪن لاً جئه پور ۾ ترسي، تاريخي جايون ڏسنداسين ۽ بعد ۾ رات تائين اجمير پهچبو، پر رستي جي صورتحال ۽ رفتار سبب اهو طئي ٿيو ته شام تائين اجمير پهچجي ۽ جئه پور ۾ ترسڻ وارو پروگرام ٻن ڏينهن کان پوءِ جڏهن دهلي واپسي ٿيندي ته پوءِ جئه پور ۾ ڪجهه واقت ترسبو.

اجمير شريف ۾ اسان جي منزل اجمير ڪلب هئي، جتي پري کان ئي اجمير ۾ رهندڙ سنڌين جا نمائنمدگي ڪندڙ ساٿي استقبال لاءِ موجود هئا.

سندن هٿن ۾ گلن جا هار هئا ۽ اجمير جون سنڌي ڇوڪريون جن جي هٿن ۾ گلاب جا ٿالهه هئا ۽ جيئن اسان پهتاسون ته دهل شرناين وارا پنهنجي وڄت ۾ شروع ٿي ويا، استقبال لاءِ آيل ساٿين سيني کي گلن جا هار پارايا جڏهن ته راجستاني لباس پهريل ڇوڪرين سيني جي نرڙتي پليڪار جي روايت طور تلڪ لڳايا.

اجمير ڪلب جي خوبصورت ڪمرن ۾ رهائش هئي، پر اڃا پنهنجن ڪمرن ۾ ويائي نه هئاسون ته مقامي صحافين اسان مان ڪجهه ماڻهن جا انٽرويو وٺڻ شروع ڪيا، جنهن جي شروعات ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ۽ قمر شهباز صاحب کان ٿي، جنهن کان پوءِ مون کان ۽ آيل فنڪارن کان پڻ انٽرويوز ورتا ويا، جيڪي ٻئي ڏينهن مقامي اخبارن ۾ اسان جي تصويرن سميت ڇپيا، اها ٻي ڳالهه آهي ته اُهي انٽرويو اسان فقط پنهنجي تصويرن سان سڃاتا جو رسما الخط ديوناگري زبان جو هو، پڙهي ڪو نه سگهيا سين.

اجمير شهر ۾ هلندڙ ٽي وي ڪيبل نيٽ ورڪ به هڪ سنڌيءَ جو آهي، جنهن اسان جي پهچڻ وقت آجيان جا منظر ۽ انٽرويوز فورن هلائڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا.

رات جي ماني اجمير ڪلب جي لان تي هئي ۽ مانيءَ سان گڏ غير رسمي موسيقيءَ جو ماحول ٺهيو، جنهن ۾ اسان جي وفد ۾ آيل فنڪارن واري واري سان پنهنجو فن پيش ڪيو. مانيءَ جي دعوت دوران اجمير جي ميزبان سنڌين سان ملاقاتن ۽ تعارف جو سلسلو هلندو رهيو، انهيءَ وچ ۾ اجمير جي جڳ مشهور خواجه معين الدين چشتيءَ جي درگاهه جي انتظاميه جا نمائندا آيا ۽ هُنن ٻئي ڏينهن ڏهين وڳي درگاهه جي زيارت لاءِ دعوت ڏني ۽ پروگرام مطابق ٻئي ڏينهن ڏهين وڳي درگاهه جو پورگرام ٿيو.

## اجمير

اجمير شهر جي تاريخ ستين صدي عيسويءَ کان ملي ٿي جڏهن راجه اجي پال هن جو بنياد رکيو. اجمير تي چوهاڻ سڏائيندڙن جو غلبو 1193ع تائين رهيو بعد ۾ پرٿويراج چوهاڻ کان محمد غوري فتح ڪيو ۽ اُن وقت کان وٺي اجمير شهر مذهبي ۽ ثقافتي حوالن سان هڪ گڏيل قسم جو ماحول رکي ٿو. هتي هندو ۽ مسلم مذهب جا ماڻهو گڏيل طور پنهنجائپ سان رهن ٿا.

اجمير هونئن ته راجستاني ثقافت ۽ ٻين اهم جاين جي ڪري ڏسڻ وٽان آهي. جهڙوڪ خوبصورت پشڪر ڍنڍ جيڪا اجميرکان 11 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي ۽ سائين بابا جو مندر پڻ پنهنجي جديد اڏاوت ۽ هندو عقيدي جي ماڻهن لاءِ اهم آهي پر اجمير شريف جي درگاهه ۽ اُن جي زيارت هندو توڙي مسلم، هر ڪنهن لاءِ عقيدت جو سبب رهي آهي ۽ هن درگاهه جي زيارت ۽ فيض حاصل ڪرڻ لاءِ دنيا جي ڪند ڪڙڇ مان عقيدت مند ڪهي ايندا آهن.



www.sindhsalamat.com

## درگاهہ حضرت معين الدين چشتي رح "خواجہ غريب نواز"

خواجہ معين الدين چشتي 1138-39 ڌاري خر اسان ۾ ۽ ڪن روايتن مطابق اصفهان ۾ ڄائو. ثمر قند ۽ بخارا جي مدرسن ۾ اُن وقت جي وڏي عالمن کان تعليم حاصل ڪئي. مذهبي علم حاصل ڪرڻ لاءِ هو اُن وقت جي مشهور مرڪزي درسگاهن سان وابستہ رهيو. سن 1220ع ۾ هو چشتيہ طريقي جي عالم خواجہ عثمان هاروني سان وابستہ ٿيو ۽ مڪي ۽ مديني جا سفر پڻ ڪيائون. بعد ۾ روايتن مطابق خواجہ معين الدين چشتي رح کي نبي ڪريم صلم الله عليہ وسلم خواب ۾ هدايت فرمائي جنهن جي پوئيواريءَ ۾ هو هندستان آيو، جنهن لاءِ ٿورڙي عرصي لاءِ لاهور ۾ رهڻ بعد اجمير ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي، جتي وڏي تعداد ۾ ماڻهو سندس عقيدتمند ٿيا ۽ سن 1230ع ۾ سندن وفات کان پوءِ بہ درگاهہ تي عقيدتمندن جا هجوم هر وقت موجود رهن ٿا. خواجہ غريب نوازجو عُرس هر سال مئي جي مهيني ۾ ملهائبو آهي، جتي لکين ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن، جنهن لاءِ هڪ وڏو لنگر خانو خواجہ جي مهمانوازي طور هلندو رهندو آهي، درگاهہ اندر هڪ مغليہ دور جي تعمير ڪيل مسجد بہ آهي، جيڪا شاهجهان ٺهرائي ۽ مغليہ دور جي عمارت سازيءَ وانگر اها مسجد بہ ڏاڍي خوبصورت ٺهيل آهي.

خميس 22 جون صبح جو ساڍي ڏهين وڳي درگاهہ خواجہ معين الدين چشتي تي حآضري لاءِ پهتاسون، اسان کي هوشيار ڪيو ويو هو تہ درگاهہ تي گهڻي هجوم هئڻ سبب پنهنجي سامان ۽ کيسن جو خيال رکڻو پوندو آهي. ۽ بهتر آهي تہ ڪا قيمتي شيءِ پاڻ سان نہ کڻجي. درگاهہ جي انتظاميہ وارن اسان سيني جي پليڪار ڪئي ۽ هر ڪنهن کي مٿي ۾ پائڻ لاءِ سفيد رنگ جون ٽوپيون ڏنيون، بعد ۾ درگاهہ جي منتظمن جيڪي قديمي ۽ موروثي طور درگاهہ جا سنڀاليندڙ رهندا اچن ۽ انهن جي تنظيم انجمن سيدزادگان درگاهہ شريف جي نالي هڪ رجسٽرڊ باڊي آهي. اُنهن درگاهہ جي اندر گهڻي پيهہ جي باوجود وفد جي هر فرد جي مزار جي اندر دُعا جي وقت دستارندي ڪئي، جنهن لاءِ روائتي طريقڪار مطابق هر ڪنهن کي هڪ هلڪي ڳاڙهي رنگ جو ڪپڙو دستار طور مٿي تي ويڙهياو ويو ۽ ڳاڙهي رنگ سان نرڙتي تلڪ لڳايو ويو جڏهن تہ عورتن کي هڪ پوتيءَ نما ڪپڙو مٿي تي اوڍايو ويو.

مزار اندرا فاتحا ڪري نڪرڻ بعد سيني کي هڪ هال نما جاءِ تي ويهاريو ويو جتي ڪجهہ 7ٽ8قوال موجود هئا، درگاهہ جي روائتي انداز ۾ قوالن هڪ قوالي ڳائي، جيڪا گهڻو ڪري هر هنڌ مشهور آهي، "تيري شان شانِ قلندري، تو بڙا غريب نواز هي".

قوالن جيئن ئي پنهنجي قوالي ختم ڪئي تہ اسان جي وفد ۾ شامل فنڪارن مان واحد لاشاري هڪ صوفي ڪلام ڳايو، بعد ۾ ضامن علي ۽ آخر ۾ ماريہ بلوچ سچل سرمست جو ڪلام "تنگڙا نماٹي دا جيوين تيوين پالنا" ڳائڻ شروع ڪيو، پر هو پنهنجو ڪلام مڪمل نہ ڪري سگهيا جو کيس هلڻ لاءِ چيو ويو ۽ اسين سيني پنهنجي ميزبانن سان گڏ اڳتي جي سفر لاءِ درگاهہ کان ٻاهر آياسين ۽ هاڻي اسان کي سائين بابا جي نالي سان منسوب هڪ مندر ڏسڻ لاءِ وڃڻو هو جيڪو اجمير شهر ۾ واقع هو.

## سائين بابا جو مندر

سونو تاج پهريل، سنگممر سان جوڙيل هڪ مورتيءَ وارو هي مندر تمام خوبصورت طرز تي ٺهيل هو، سائين بابا جي تاريخ 19 صديءَ جي اوائل کان ملي ٿي ۽ سندس اهميت انهن معجزن مان معلوم ٿي، جيڪي ڪجهہ ماڻهن جي سائس ملاقات دوران محسوس ڪيا ويا. مندر کي هڪ وڏو هال هو جنهن ۾ عقيدتمند پنهنجي هن پير کي عقيدت جو نذرانو پيش ڪرڻ ايندا هئا. سائين بابا جي سهڻي مورتيءَ وٽ سموري وفد جي سائين گروپ فوٽو بہ ورتو.

سائين بابا جي مندر کان پوءِ منجهند جي مانيءَ وقت سنگت سان صلاح ڪيم تہ يار اسان مسلسل سفر ۾ آهيون ۽ ڪٿي بہ شاپنگ لاءِ وقت نہ ملي سگهيو آهي، غلام قادر ڦلپوٽو ۽ شيخ پير بخش بہ منهنجا همہ خيال نڪتا. ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب جو ڪجهہ دير لاءِ آرام جو موڊ هو، انهيءَ ڪري اسان ڪجهہ دير بازار جو پروگرام ٺاهيو، جنهن لاءِ جيوت ڪيسواڻي جيڪو دهليءَ کان وٽي اسان جي انتظام لاءِ گڏ هو، تنهن هڪ گاڏي بازار لاءِ مخصوص ڪرائي ۽ اسين بازار روانا ٿياسون، اسان سان اسان جو ساٿي فرحان ساڻ هو جيڪو ٽي وي جي گهڻن پروگرامن ۾ ۽ گانن جو مشهور ماڊل ۽ اداڪار آهي. اجمير ۾ ڪپڙي جي هن بازار جو نالو " ڊگهي بازار" جي نالي سان مشهور آهي . ڪاروبار گهڻي قدر سنڌي ماڻهن جي هٿ ۾ هي، پنهنجي نالي وانگر هيءَ بازار ڊگهي هئڻ سان گڏ سوڙهي بہ هئي.



www.sindhsalamat.com

اجمير ۾ خريداريءَ واري عمل ۾ ساٿي پير بخش  شيخ پنهنجي ڪپڙي بابت ڄاڻ هئڻ سبب اسان جي رهنمائي ڪئي. سيني ڪجهه نه ڪجهه خريداري ڪئي ۽ واپس اجمير ڪلب پنهنجي ڪمرن تي آياسون جو شام تي  رهي ئي ۽ تيار ٿي وري اجمير ۾ رٿيل موسيقيءَ جي پروگرام ۾ پهچڻو هو. جيڪو " رنگ منچ" جي نالي سان مشهور آڊيٽوريم ۾ ٿيڻو هو.

" رنگ منچ" هال ۾ شام جو ستين وڳي راڳ رنگ جو پروگرام شروع ٿيو. هتي جي سنڌي ماڻهن جو پروگرام ۾ گهڻي دلچسپيءَ جو  ڪارڻ اهو به محسوس ٿيو جو هتي سنڌ جا ٽي وي چينل ڪيبل تي هلن ٿا ۽ ماڻهو سنڌ جي فنڪارن کي چڱي ريت ٽي ويءَ تي ڏسن ۽ ٻڌن ٿا ته اُنهن کي روبرو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جو شوق سندن بي چيني مان ظاهر ٿي رهيو هو.

پروگرام جي ڪاروائيءَ جي شروعات ڪملاڳو ڪلاٽيءَ ڪئي جيڪا اجمير ڪاليج ۾ تدريس جي شعبي سان وابسته آهي ۽ هن جي ٻين سنڌي تنظيمن سان پڻ واسطو رکي ٿي. ڪملا ڳوڪلاٽيءَ موسيقيءَ جي پروگرام کان اڳ شري سريش ڪيسواڻي صاحب کي ۽ ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب کي اسٽيج تي ويهڻ جي دعوت ڏني۽ ٻيا معزز مقامي ميزبان جن ۾ شري شاهاڻي  جيڪو اجمير ۾ مُک ميزبان نظر آيو ۽ جنهن پنهنجي مختصر تقرير  ۾ مهمانن جي آجيان ڪئي، شري ڪيسواڻيءَ هر شهر ۾ ٿيل پروگرامن وانگر هتي به سنڌ کان آيل وفد جي ميمبرن ۽ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جو تعارف ڪرايو، جڏهن ته ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب هند جي دوري ۾ هر جاءِ تي سنڌي ماڻهن ۽ سندسن تنظيمن طرفان سنڌ جي هن وفد جي پر جوش آجيان لاءِ سيني جا ٿورا مڃيا. جنهن بعد موسيقيءَ جو پروگرام شروع ٿيو ۽ ڪاروائي هلائڻ لاءَ سجاد سهاڳ پروگرام شروع ڪيو. هتي به اڳري وانگر فقط سنڌ کان آيل فنڪارن واحد لاشاري، ديبا سحر، ضامن علي ، ماريه بلوچ هر سن ۽ پورو  پڪت پنهنجو فن پيش ڪيو، البته پروگرام کان اڳ مقامي اسڪولن جي ٻارڙن ڪجهه ڊرمي نوعيت جا ٽيبلوز پيش ڪيا هئا  پروگرام جي پڇاڙيءَ تي وفد جي سيني ميمبرن کي واري واري سان اسٽيج تي سڏائي سندن ڪُلهن تي هڪ آجيان جي روائتي طريقه ڪار مطابق هڪ ريشمي ڪپڙو اوڍايو ويو ۽ هر ڪنهن کي هڪ يادگاري شيلڊ ڏني ويئي، جيڪا ڪلڪتي ۾ ٿيل انڊو سنڌ ڪلچرل اُتساو 2006ع جي حوالي سان هئي ۽ مٿس "نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لينگويج " جي اداري جو نالو لکيل هو.

اجمير ۾ جيئن ته هندو ۽ مسلم گڏيل ۽ پنهنجاپ جي طريقن سان رهن ٿا، اها ڳالهه هن هال ۾ پڻ نظر آئي ته پروگرام ۾ درگاهه خواجه غريب نواز سان وابسته سيدزادگان جا نمائندا ۽ هندو ڌرم جا پنڊت گڏيل طور تي شريڪ هئا ۽ اهي رويا هتي جي مذهبي ۽ سماجي طور ماڻهن جي هڪ ٻئي سان هم آهنگيءَ کي ظاهر ڪندڙ هئا.

پروگرام جي پڄاڻي ڏهين وڳي ڌاري ٿي، اجمير ڪلب ۾ مانيءَ لاءِ پهتاسين ته خبر پئي ته مانيءَ دوران به راڳ جو ماحول آهي، وري محدود ماڻهن جي هن مانيءَ تي گڏجاڻيءَ ۾ هڪ اسٽيج تي وري به موسيقي جو دور ٿيو هڪ ٻئي سان ڪچهري به هلندي رهي ۽سيني ماني به کاڌي اهااجمير ۾ هن وفد جي آخري رات هئي، پروگرام مطابق صبح جو جئه پور روانو ٿيڻو هو جتان شام تائين دهلي پهچڻو هو. مانيءَ کان پوءِ راڳ رهاڻ اڃا هلندڙ هئي ته ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب چيو ته پاڻآهستي آهستي کسڪي هلون جوڪجهه آرام ڪجي ۽ اسان ائين ئي ڪيو ۽ پنهنجي ڪمرن تي وڃي ننڊ ڪئي سين.

23 جون جمع جو ڏينهن، جنهن وقت اسان اجمير ڇڏڻ وارا هئا سون ته هڪ عجيب صورتحال سامهون آئي، خبر پيئي ته هندستان جي اخبارن ۾ وڏين سرخين سان اهي خبرون شايع ٿيون آهن ته " پاڪستان کان آيل وفد جي هڪ صوفي راڳ ڳائيندڙ عورت ماريه بلوچ کي اجمير شريف جي درگاهه تي ڳائڻ نه ڏنوويو، جڏهن ته ساڳئي وفد جي مرد فنڪارن ڳايو، اها عورتن جي حقن جي خلاف ورزي ٿي آهي،

اهوا حوال اسان کي شري لڇمڻ ڪومل ٻڌايو ۽ اهو به ته درگاهه جي انتظامي ڪاميٽيءَ جي مختلف حلقن جا به بيان شايع ٿيا آهن، هڪ چون ٿا ته اهو ٺيڪ ڪيو ويو جڏهن ته ٻيا چون ٿا ته اِها برابر عورت  جي حقن جي خلاف ورزي ٿي آهي، معاملو ڳنڀير محسوس ٿيو، جيتريقدر مون کي ياد آيو ته اسان کي سائين بابا جي مندر پهچڻ جي جلدي هئي، انهيءَ ڪري ماريه کي راڳ جلد ختم ڪرائڻو پيو، پر ماريه بلوچ جو موقف هو ته ڪيس ڪنهن راڳ بند ڪرڻ لاءِ چيو هو.

اسان گاڏيءَ ۾ سوار ٿي ٿورڙو اڳتي هلياسين ته رستي ۾ ڪنهن ٽي وي چينل جا نمائنده ڪئمرا سميت موجود هئا، همراهن محترمه کا انٽرويو ورتو، ماريه کين ٻڌايو ته هو درگاهه جي روحانيت واري ماحول کان ايتري متاثر ٿي جو سندس دل چاهيو ته هو ڳائي ۽ هُن ڳائڻ به شروع ڪيو، پر شايد هتي جي رواج مطابق درگاهه تي عورتن کي ڳائڻ جي منع آهي، بحر حال مون کي نه ڳائي سگهڻ جو ڏک ضرور ٿيو آهي،



www.sindhsalamat.com

قافلو اڳتي هليو، رستي ۾ راجا ڏاهرسين جي قلعي ۾ مختصر وقت لاءِ لٿاسين، قلعي اندر تمام خوبصورت چتر سان راجه ڏاهر جي دور ۽ جنگ جي احوال جي عڪاسي ڪندڙ مورتيون ٺهيل هيون.
منجهند جو هڪ وڳي ڌاري جئي پور شهر ۾ داخل ٿياسين، هلڪي گلابي رنگ سان ٺهيل هي شهر ائين لڳو چڻ اسان ڪنهن تمام وڏي قلعي اندر اچي ويا آهيون ۽ چوڌاري وڏا ڪوٽ ۽ پيا قلعا نظر آيا.

## جئپور شهر

دهلي کان 260 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي موجود هي شهر هندستاني رياست راجستان جي گاديءَ جو هنڌ آهي. سوائي جئي سنگ 2 سن 1688ع کان 1744ع تائين هتي جو راجا رهيو ۽ هُن ئي هن شهر کي آباد ڪيو هو. هتي جي عمارتن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اُهي مغل ۽ راجستاني طرز جو گڏيل شاهڪار آهن، پر انهن سيني تعميرات جو ڏيک هڪ الڳ انداز پيش ڪري ٿو. هتي جي مشهور ڏسڻ جهڙين عمارتن ۾ سٽي پيلس، جنتر منتر، البرٽ هال، جل محل هوا محل، جئگڙهه قلعو ۽ پيون اهم جايون جن سان هر ڪنهن جي جدا جدا تاريخ ۽ انهن سان وابسته شخصيتن جا پڻ جدا احوال ملن ٿا. مغليه دور ۾ هي شهر جنگي هٿيار ٺهڻ لاءِ به مشهور هو. هن شهر جي رنگ جي مناسبت سان جئه پور کي پنڪ سٽي طور به سڏيو ويندو آهي.
جئي پور شاپنگ جي اعتبار کان به مشهور آهي، اسان کي ڪجهه وقت ڏنو ويو ته هتي جي بازار ڏسي ۽ خريداري ڪجي، سيئي اُتي جي ويجهي بازار ڏي نڪتاسون. جئه پور ۾ هن جو اديب سندر اسان لاءِ اُتي ملڻ آيو هو ۽ بازار جي خريداري ۽ جئي پور مان روانگيءَ تائين اسان سان گڏ رهيو. بازار ۾ خريداريءَ دوران خبر پئي ته هن بازار ۾ به گهڻائي سنڌي واپارين جي آهي. مون به راجستاني هنرن سان ٺهيل پاڻن جا ڪجهه ڪپڙا ۽ پيو سامان خريد ڪيو، هتي جون رزايون ( سوڙيون ) مشهور آهن، ڪافي دوستن خريداري ڪئي.
منجهند جي مانيءَ جو انتظام جئي پور جي هڪ خوبصورت طرز تي ٺهيل ريسٽورينٽ ۾ رکيس هو. جيڪا پنهنجي ياڇين جي ظامن لاءِ مشهور آهي، ريسٽورنيٽ جو نالو " فور سيزنس ريسٽورنيٽ" هو.
فورسيزنس ريسٽورنيٽ ۾ وري به ماريه بلوچ جو اجمير جي درگاهه تي نه ڳائي سگهڻ وارو معاملو سامهون آيو. اسان پنهنجي گاڏيءَ مان رسٽورينٽ وڃڻ لاءِ لٿا سون ئي پئي ته سامهون ڪافي ميڊيا ۽ ٽي وي چينلز جا نمائنده پنهنجون ڪئميرائون اسان ڏي تاٽيور ڪارڊنگ ڪندا نظر آيا، اسان جو گاڏيءَ کان لهي ريسٽورنٽ ۾ داخل ٿي ويهڻ ، ماني کائڻ ۽ روانو ٿيڻ جو مورو وقت ڪئميرائن جا منهن اسان جي وفد ڏي رهيا. ريسٽورنٽ مان جلد ماني کائي دهلي روانو ٿيڻو هو، پر هنن نئين صورتحال ۽ ميڊيا جي نمائندن جي سوالن جوابن ڪلاڪن جا ڪلاڪ ضايع ڪري ڇڏيا. ميڊيا جي مشهور ٽي وي نيوز چينلز جن ۾ زي نيوز، اسٽار نيوز ۽ پيا ادارا شامل هئا، انهن واري واري سان ماريه بلوچ، شري ڪيسواٹي، ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ۽ اسان مان گهڻن کان سوال جواب ۽ انٽرويوز ڪيا. وفد جي اڳواڻن اهو موقف اختيار ڪيو ته اسان کي دير پئي ٿي انهيءَ ڪري جلدي وياسين ۽ اسان کي اهو نٿو لڳي ته ڪنهن ڳائڻ کان مع ڪئي هجي. پر ماريه پنهنجي موقف تي قائم هئي ته هن انٽرويو وارن جي چوڻ تي اهو سچل سرمست جو ڪلام" ننڱڙا نماٹي دا جيوين تيوين پالنا" جو ٿلهه ڳائي به ٻڌايو، جيڪو رڪارڊ ڪيو ويو ۽ بعد ۾ اهو سمورا احوال ٽي ويءَ جي مختلف نيوز چينلز تان ڏيکاريو ويندو رهيو. اسان مان گهڻن کي هن نئين صورتحال تي مزو به آيو، تعجب به هو ۽ ڪنهن پريشان ڪندڙ صورتحال جي سامهون اچڻ جا خدشا پڻ محسوس ٿي رهيا هئا. پاڪستان واپس اچڻ کان پوءِ انٽرنيٽ تي به ڪافي نيٽ لنڪس تي ماريه بلوچ جو اجمير درگاهه ته نه ڳائي سگهوارو قصو سندس تصويرن سان ۽ وضاحتن سميت نظر آيو ۽ اهو به محسوس ٿيو ته درگاهه لاءِ انهيءَ قسم جو معاملو درگاهه بابت اڳ ۾ ئي هلندڙ آهي، انهيءَ ڪري ئي هن مسئلي کي ايتري وڏي پذيرائي ۽ اهميت ملي وئي. مون کي انٽرنيٽ تي مختلف طبقن ۽ مذهبن جي ماڻهن جا تاثرات پڻ انهيءَ مسئلي تي نظر آيا، هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي نظريي سان راءِ ڏني هئي.
جئه پور جي فورسيزنس ريسٽورنٽ مان پنجين وڳي دهليءَ لاءِ نڪتاسون، عثمان پنهور مون کي ياد ڏياريو ته پاڻ اچ شام دهليءَ پهچڻ بعد لاءِ طئي ڪيو هو ته بازار مان سندس لاءِ بيلٽ وٺنداسون ۽ منهنجي خواهش مطابق اسان کي گڏجي ڪنهن سئنيما ۾ فلم ڏسڻي هئي، رستي ۾ چيائين ته ماريه جي هن معاملي جي ڪري جئه پور ۾ ديري ٿي وئي. نه هاڻي منهنجو بيلٽ وٺي سگهبو نه اوهان جي مرضيءَ جي فلم، سپاٽي ته هونئن به روانگيءَ جو ڏينهن آهي. رستي ۾ طئه ڪيوسون ته جيڪڏهن سئنيما جي آخري شو ٽائم تائين دهلي پهتاسون ته به نڪري هلنداسون ۽ رستي ۾ مفاصلي لاءِ ڪلوميٽرن جا پٿر ۽ گهڙيءَ ۾ ٽائم جاچيندا هلياسين. پر جئه پور جو مفاصلو ۽ دهلي شهر ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ گاڏين جي گهڻائي اسان جي



www.sindhsalamat.com

مرضي موجب نہ هئي. رات جو ڏهين ڪان پوءِ هوٽل تي پهچڻ ٿيو. ماني ڪائي ڪمرن ۾ آياسين عثمان پنهور منهنجي فلم نہ ڏسي سگهڻ واري خواهش تي افسوس ڪيو، چيومانس تہ دهليءَ شهر جي يار مرزا غالب اهو شعر هر ويرو تہ نہ چيو هو تہ.

هزارون خواهشين ايسين ڪہ هر خواهش پہ دم نڪلي،
بهت نڪلي ميري ارمان، ليڪن پهر بهي ڪم نڪلي

ڪا ڳالھ ناهي، پر تو وٽ هڪ ڏينهن وڌيڪ آهي جو توهين اسان کان هڪ ڏينهن پوءِ واڳها باردِر رستي اچڻا آهيو، انهيءَ ڪري تون پنهنجو پيٽ گهٽائڻ وارو بيلٽ ضرور وٺجاءِ ( بعد ۾ خبر پئي تہ همراھ بيلٽ وٺي آيو )

منهنجي دهليءَ ۾ انهيءَ دوري جي هيءَ آخري رات هئي ٻئي ڏينهن اسان کي پنهنجي وفد جي اڳواڻ ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ناز سهتو، سجاد سهاڳ، ديبا سحر، ضامن علي ، واحد لاشاري هرسن ، پورو پڳت ۽ ٻيا ساٿي هڪ ڏينهن بعد ۾ ريل رستي واپس ورڻا هئا.

24 جون چنڇر جو ڏينهن هو، اڄ اسان کي هندستان ايندي ٻہ هفتا پورا ٿيا هئا ۽ واپسي جي تيارين ۾ هئاسين، منهنجي ڪئمرا ۾ ڪجھ تصويرون رهيل هيون، صبح جو سوير عثمان پنهور سان گڏ هوٽل ويجهو ڪرول باغ جي علائقي ۾ دهليءَ جي عمارتن، چونڪن ويجهو ڪجھ فوٽو گرافي ڪري واپس آياسين تہ شري لڇمڻ ڪومل ملڻ لاءِ آيل هو، بعد ۾ ڊاڪٽر گهنشام سان ملاقات ٿي ۽ موڪلائڻ لاءِ آيل وينا شرنگي ۽ شالني ساگر سان الوداعي حال احوال ٿيا. جهاز جي وقت جي مناسبت سان اسان کي ڪجھ ڪلاڪ اڳ ايئرپورٽ پهچڻو هو.

پي. آئي. اي. جي فلائٽ نمبر 273، ليٽ سان رواني ٿي جنهن جو سبب هڪ تہ جهاز ڪراچي کان دير سان آيو، وري موسم جهڙالي هئڻ سبب لينڊنگ دير سان ٿي. جهاز ۾ اسين پنج ڄڻا هئاسين، ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب، تاجل بيوس، پروفيسر غلام قادر ڦلپوٽو، حاجي پير بخش شيخ، جهاز ۾واپسي وقت اسان جي ذهنن ۾ شري سريش ڪيسواڻي، شري لڇمڻ ياتيا ڪومل، شريمتي دُرگا ڏاوارڻي ۽ ٻين ميزبانن جو آڌرڀاءُ ۽ سار سنڀال لاءِ ورتل سندن ۽ پنهنجائپ جون يادگيريون هيون ۽ هن ۾ سنڌي زبان لاءِ جاکوڙيندڙ سنڌي اڪيڊمي دهلي، نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگويج ۽ سنڌي ڪائونسل آف انڊيا جون سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ماڻهن جي پاڻ ۾ ڳانڍاپي لاءِ ورتل ڪوشش جا پڻ قائل ٿيا هئاسون. هن دوري دوران انهيءَ ڳالھ جو پڻ احساس ٿيون تہ بقول ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ۽ شري ڪيسواڻيءَ جي تہ سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت کي فروغ ڏيڻ لاءِ هاڻي ضروري آهي تہ هن قسم جي پروگرامن ۾ نئين نسل کي پڻ شامل ڪيو وڃي.

شام جا پنج ٿيا هوندا جو ڪراچي ايئرپورٽ تي جهاز لهڻ جو اعلان ٿيو، اسين واپس ڪراچيءَ پهچي رهيا هئاسون، جهاز مان لهي پنهنجي سنڌ ڌرتيءَ جي راڄڌانيءَ جي پٽ تي پير رکڻ وقت هند جي راڄڌنيءَ دهليءَ ۾ ٿيل پهرئين ست رنگي سنگيت شام ۾ اُما لالا جي ڳايل اسحاق تنئي جي هن گيت جو پڙاڏو منهنجي ذهن ۾ گونجي رهيو هو.

هن جنم، هُن جنم لئي وچن تو ڪريان،
مان جتي پي هجــان، ســنڌ تنــهنجو ٿيا.



www.sindhsalamat.com